# حمديه ڪلام

(سنڌ جي شاعرن جو حمديہ ڪلام)

سهيڙيندڙ

**مخدوم جميل الزمان**

طالب المولیٰ اڪيڊمي، هالا
1438 ھ / 2018ع

حمديه ڪلام
مخدوم جميل الزمان
2018ع

Gul Hayat Institute

طالب المولیٰ اڪيڊمي، هالا
1438 ھ / 2018ع

# حمديه ڪلام

(سنڌ جي شاعرن جو حمديہ ڪلام)

مخدوم جميل الزمان

طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا

جمادي الاوّل ١٤٣٩هہ/ جنوري 2018ع



ڪتاب جا حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: حمديہ ڪلام
سهيڙيندڙ: مخدوم جميل الزمان
پهريون ڇاپو: جمادي الاوّل ١٤٣٩هہ/ جنوري 2018ع
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: امان الله ٻٽي
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
ڇپائيندڙ: طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا
پڊرو ڪندڙ: گل پنهور سروري

قيمت: 300/= روپيا

طالب المولىٰ اڪيڊمي
هالا

Gul Hayat Institute

# فهرست

**پنهنجي پاران:** مخدوم جميل الزمان ........ 9

**مهاڳ:** ڊاڪٽر انس راڄپر ........ 10

**ٻہ اکر:** ماستر خادم حسين علوي ........ 13

1. ڊاڪٽر آفتاب حميد ميمڻ ”ثناگر حسيني“ ........ 17
2. احمد حسين ”عارف راهي“ ........ 19
3. مولوي حاجي احمد ملاح ........ 20
4. احمر علي هالو ”احمر هالو“ ........ 26
5. ارباب علي ”عادل“ چوهاڻ ........ 27
6. مرزا اسد بيگ ........ 29
7. اعجاز سولنگي ........ 31
8. ڊاڪٽر اقبال دانش مهر ........ 32
9. الهڏنو ”سوز“ هالائي ........ 37
10. الهڏنو ”امر“ انصاري ........ 38
11. امام بخش ”بيوس“ مگريو ........ 39
12. امداد علي ”امداد“ سروري ........ 41
13. پير بهاءُالدين ”بها“ سرهندي ........ 43
14. تراب علي ڏاهري ........ 44



15. پريل فقير ”پينار“ ........ 46
16. نواب جان علي لغاري ........ 47
17. جان محمد ”اضعف“ هالائي ........ 51
18. مخدوم جميل الزمان هالائي ........ 52
19. جوهر بروهي ........ 53
20. چنگل فقير مهر ........ 54
21. حاجي حيدر خاصخيلي ........ 55
22. ماستر خادم حسين ”همدم“ سروري ........ 56
23. خميسو خان وگهيو خانوٽي ........ 57
24. مرزا دبير ........ 59
25. ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ ........ 60
26. راضي فقير ........ 61
27. ربنواز ”ربن“ فقير ابڙو ........ 67
28. مولانا رحيم بخش قمر ........ 68
29. رسول بخش تميمي ........ 70
30. سيد رفيق احمد شاهہ امروٽي ........ 71
31. پير سيد زين العابدين ”زينل“ جيلاني ........ 72
32. سڪيلڊو لاڪو ”سڌير لاڪو سروري“ ........ 74
33. سهراب علي گوپانگ ........ 76
34. سهيل ابڙو ........ 78
35. سيف سولنگي ........ 79
36. شاهپسند ”فياض“ چانڊيو بلوچ ........ 80
37. شاهنواز ”جان“ چنا ........ 83
38. سيد شبير شاهہ ”هاتف“ ٽڪڙائي ........ 85

Gul Hayat Institute

39. شوڪت علي ابڙو "شوڪت" هالائي ........ 87
40. شهباز علي "ملازم" سروري ........ 88
41. شير دل سهتو "نيڪ سروري" ........ 95
42. حاجي شير محمد "چغدو" ........ 96
43. نواب شير محمد خان لغاري ........ 97
44. عاشق حسين ميمڻ "عاشق هالائي" ........ 99
45. ابڙو عبدالله "بيوس" ........ 100
46. عبدالله "خواب" حيدرآبادي ........ 101
47. شيخ عبدالله "شيخ" ........ 102
48. عبدالجبار "عاجز" منگي ........ 105
49. عبدالجبار "عبد" ........ 107
50. عبدالحفيظ اُرو ........ 108
51. مولوي عبدالحليم "درس" ........ 109
52. عبدالحميد "شهيد" هالائي ........ 110
53. ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" سومرو ........ 111
54. الحاج آخوند عبدالرحمان "انجم" هالائي ........ 114
55. عبدالرحمان غازي جمالي ........ 115
56. عبدالرحيم ابڙو "ارشد" هالائي ........ 116
57. عبدالرشيد ابڙو "عبد" هالائي ........ 117
58. عبدالرؤف ابڙو "منصور ويراڳي" ........ 118
59. لالا عبدالستار ........ 119
60. عبدالغني "عاجز" چنو ........ 120
61. آخوند عبدالقيوم زخمي ........ 121
62. منشي عبدالڪريم دائودپوٽو ........ 122





63. آغا عبدالنبي خان "آغا" ........ 123
64. عبدالوحيد "محسن سومرو" ........ 124
65. عبدالهادي "مجاهد" مهڙ ........ 125
66. عرض محمد ابڙو ........ 126
67. عزيز محمد خان مري "ماڻڪ" ........ 128
68. سيد علي احمد شاهہ "ساقي سروري" ........ 130
69. مولوي علي اصغر لاڙڪ ........ 131
70. علي شير عاجز بنگلاٽي ........ 132
71. علي محمد "اشڪ" ........ 133
72. زوار غلام اڪبر ميمڻ ........ 134
73. پير سيد غلام جيلاني ........ 135
74. غلام رسول ابڙو "غلام" هالائي ........ 137
75. ڊاڪٽر غلام سرور "حاذق" جوڻيجو ........ 138
76. فقير غلام عبّاس ڏاهري ........ 142
77. غلام قادر عرساڻي ........ 144
78. غلام قادر مظهر ڏاهري ........ 145
79. سيد غلام مرتضيٰ شاهہ "مرتضيٰ ڏاڏاهي" ........ 146
80. مرزا فتح علي بيگ "شاهد" ........ 147
81. فتح محمد شاهہ "فراق" ........ 151
82. آخوند حاجي فقير محمد "عاجز" صديقي قريشي ........ 153
83. ماستر قادر بخش "بشير" ........ 156
84. پير قبول محمد شاهہ قريشي ........ 161
85. قمر الدين "قمر" ڪوسو ........ 163
86. مرزا ڪاظم رضا بيگ "ڪاظم" ........ 165


Gul Hayat Institute

87. ڪاظم علي علوي "ڪاظم" ........ 167
88. فقير ڪرم علي اسراڻ ........ 168
89. سيد گل محمد شاھ ........ 170
90. گھايل ميراڻي ........ 172
91. آخوند لطف الله "لطف" صديقي ........ 173
92. ماجد سروري سھتو ........ 175
93. ماستر محمد اعظم "اعظم" ........ 176
94. محبوب "مصور" سومرو ........ 177
95. محمد اقبال "شاھين" ڪتري ........ 178
96. محمد امين اُڏيرائي ........ 179
97. محمد انور شيخ "انور" سيوھاڻي ........ 180
98. فقير محمد بخش "ضامن" راڄڙ ........ 182
99. پروفيسر محمّد بچل پنوھر "محبوب سروري" ........ 184
100. محمد جمن ھالو ........ 185
101. محمد حسن "ساز" ........ 187
102. محمد حسين "ساگر" مھر ........ 189
103. محمّد ذاڪر شر ........ 191
104. محمد سليمان "سادو" برڙو ........ 193
105. محمد شريف "شاد" سومرو ........ 194
106. محمّد شفيع "انور" ھالائي ........ 196
107. محمد صديق "منو" ارباب ........ 198
108. محمد عثمان "ناطق" ........ 199
109. محمد عمر پلي "معمور يوسفاڻي" ........ 200
110. صاحبزاده محمد ڪرم الله "ڪرم" ........ 201



111. محمّد موسيٰ محسن رضا چانڊيو ........ 209
112. محمّد يوسف ميمڻ "يوسف حفيظي" ........ 210
113. مقصود احمد قاضي ........ 211
114. منظور علي چوھاڻ "وفا" ........ 213
115. منظور علي ملڪ "منظور" منيائي ........ 215
116. منورالدين درس "مير منور" ........ 216
117. مولا بخش ڪوسو ........ 218
118. آغا نادر علي شاھ "مضطر" ........ 219
119. فقير نانڪ يوسف ........ 220
120. نصرالله "ناز" مھر ........ 221
121. رئيس نواز علي "نواز" انڙ ........ 222
122. نور محمد جسڪاڻي ........ 224
123. حاجي نور محمد شاھ "نورل" ........ 225
124. نوشاد پروين گل درس ........ 234
125. آغا نياز مگسي ........ 237
126. ولي محمد "ولي" ھنگورو ........ 238

Gul Hayat Institute

# پنهنجي پاران

الله تعاليٰ ﷻ جي لطف و ڪرم سان سنڌ جي شاعرن جو حمديہ ڪلام، مجموعي جي صورت ۾ شايع ٿيو آهي. مون ڪافي وقت کان اهو ارادو ڪيو هئو جيڪو هاڻي الله پاڪ ﷻ جي مهربانيءَ سان پورو ٿيو آهي. حمديہ ڪلام ۽ نعتيہ ڪلام لکڻ انتهائي وڏي ذميداري جو ڪم آهي، دنيا جي جن خوش نصيب شعراءِ ڪرام اهو امتحان ادب، اخلاق ۽ محبّت سان پاس ڪيو آهي آئون انهن کي خراجِ عقيدت پيش ڪريان ٿو.

”حمديہ ڪلام“ يعني هن ڪتاب جي تياريءَ لاءِ اخبار ذريعي شعراءِ حضرات کي گذارش ڪئي وئي هئي، جنهن جي موٽ ۾ ڪافي شاعرن جو ڪلام پهتو. ڪجھ حمديہ ڪلام مهراڻ جي ”شاعر“ ۽ ”سوانح“ نمبرن وغيره مان ۽ شاعرن جي سندن ڪتابن مان حاصل ڪيو ويو آهي.

هن سڄي مرحلي دوران جن دوستن تعاون ڪيو انهن جو تہِ دل سان ٿورائتو آهيان، خاص طور تي ماستر خادم حسين ”همدم هالائي“ ۽ ڊاڪٽر انس راڄپر جو شڪريو جن صاحبن هن ڪتاب جي پروف ڏسڻ جي ذميداري کنئي ۽ خوش اصلوبيءَ سان ادا ڪئي. انهيءَ هوندي بہ اگر هن ڪتاب ۾ ڪا نادانستہ پروفن جي غلطي رهجي وئي هجي تہ ان لاءِ آئون معذرت خواهہ آهيان.

الله سائينﷻ! جي در دُعا آهي تہ مون کي اڃا بہ وڌيڪ توفيق عطا ٿئي تہ جيئن وڌ ۾ وڌ حمديہ ۽ نعتيہ ڪلام شايع ڪرائي منظرِعام تي آڻيان. (آمين).

**جميل الزمان**

16 ربيع الاول 1439 هہ
(15 ربيع الاول 1439هہ پاڪستان ۾)
4 ڊسمبر 2017ع
الدوحة، قطر



# مهاڳ

انسان جي نظر جڏهن هن ڪائنات جي رنگينين تي پوي ٿي، سج، چنڊ، ستارا، رات، ڏينهن ۽ موسمن جو مٽجڻ، سيارو، اونهارو، بادلن جا وسڪارا، ڍنڍون، ڍورا، واهہ، درياهہ، اناج، ڦل، فروٽ، کير، ماکيون، وڻ، ٽڻ، ٻوٽا، مال متاع ۽ ٻيون انيڪ نعمتون لاڳيتيون ۽ بي حساب پسي ٿو تہ دل مان بي اختيار جذبا اٿندي محسوس ڪري ٿو. هن بي پايان مهر ۽ عجيب حسن پنهنجي قدرت جي اڻ لکي اثر پذيري محسوس ڪري ٿو تہ ان حسن ازليءَ آڏو جهڪڻ لاءِ بي تاب ٿي ٿو پئي.

هوائون گهليون، بادل ڊوڙندا آسمان کي ڍڪي ويا، وسڪارو ٿيو، ڇهڇ ساوڪ، وڻن جون ٽاريون ڏوهي جهومڻ لڳيون، نوان سلا ڦٽي پيا، ڄڻ ڪنهن نئين زندگيءَ جنم ورتو آهي، هي سڀ اوچتو ۽ ٿوري وقت ۾ ڪيئن ٿي ويو؟ ان پنهنجي ڪا قدرت؟ ڪا قوّت؟ بي اختيار زبان تي لفظ اچن ٿا:

فسيقولون الله

(بنا دير چئي ڏيندا: الله)

انسان بي اختيار حمد چئي ٿو ڏئي، حمد دل مان نڪري ٿو. دل جو آواز آهي، جيڪو هر حساس دل ظاهر ڪرڻ تي مجبور آهي.انسان جڏهن بہ پنهنجي اندر سان حال اوري ٿو تہ دل گواهي ڏئي ٿي ۽ بي تابانہ الله جي ساراهہ ۾ چئي ٿي ڏئي:

ربنا ما خلقت هٰذا باطلا

(پالڻهار! تنهنجي جوڙيوڳ ناهي)

زبانون مختلف ٿي سگهن ٿيون، بيان مختلف ٿي سگهن ٿا، اظهار جا ذريعا الڳ الڳ ٿي سگهن ٿا پر ان ذات برتر جو حسن، سندس ساراهہ

Gul Hayat Institute

۽ حمد هڪڙو ئي آهي.

ڪلامنا شتیٰ وحسنك واحد

(اسان جو ڪلام الڳ الڳ آهي پر (يا خدا) تنهنجو حسن هڪ آهي)

انسان جيئن اک کولي ٿو تہ هن ازلي حسن تي عجب ۾ پوڻ شروع ٿو ڪري تہ ويندي اک پورڻ تائين. جيڪڏهن نظر جو سچو آهي تہ حيرانيءَ ۽ عجب ۾ جيئن پوءِ تيئن وڌ رهي ٿو.

پر اها وارتا رڳو انسان سان ناهي، هر چرند پرند ائين ڪرڻ تي مجبور آهي، هن زيرِ نظر ڪتاب ۾ اهو خيال هن سهڻي پيرائي ۾ بيان ٿيل آهي:

بلبل کي باغ ۾ پيي بس قيل وقال تنهنجو
جهر جهنگ ۾ ثنا خوان شير و شغال تنهنجو

اهڙي اظهار تي حساس دل کي ڪائنات جو هر لقاء مجبور ڪري ٿو ڪو هڪ جلوو ۽ جمال نہ پر هنڌ هنڌ تي اهڙا منظر آهن، جيڪي دل کي ڇهندڙ آهن. حمد جو هي ڪتاب، جيڪو حمد جي هڪ خوبصورت گلدان وانگر آهي، تنهن ۾ هيءُ خيال ماستر قادر بخش ”بشير“ جو هنن خوبصورت لفظن ۾ آيل آهي:

قدرت جمال جلوو جانب جو جابجا ڏس،
چوطرف ڪنهن چمن کي بيشڪ گهمي پلا ڏس،
هر شاخ شاخ وڻ جي جاچي ڪٿي ادا ڏس،
هر ورق گل پٽي ۽ ڪولي ڪٿي صفا ڏس،
هيءُ ورق گل نہ سمجهو قدرت ڪمال آهي،

هن ڪتاب ۾ هڪ ٻہ نہ پر ڪوڙ اهڙا سهڻا خيال جمع ٿي ويا آهن، جو هر جهت کان حمدِ باريءَ جو جهڙوڪ وڏي حد تائين حق ادا ٿي ٿو وڃي. عبدالجبار ”عاجز“ منگيءَ جو حمد بہ اهڙو ئي هڪ سٺو ۽ سهڻو خيال پيش ڪري ٿو:

بحرن ۽ ڪنارن ۾ آواز پيا گونجن،
لهرن ۾ انوکي ڪا جيئڻ جي صدا آهي.



منصور ويراڳيءَ جي غزل بہ ان خيال کي ڪيڏي سهڻي نموني پيش ڪيو آهي!

گلستان جي گلن ۾، هير ۾، شبنم جي قطرن ۾
جمالِ ضوفگن تنهنجو نمايان لال زارن ۾

سدا بحر ڪرم تنهنجو الاهي موجزن آهي
ڍنڍن، ڍورن، نديِن، نهرن ۽ چشمن، آبشارن ۾

هي سهڻا خيال ”مشت از نمونہ خروار“ وانگر پيش ڪيا آهن. باقي هي سڄو ڪتاب پڙهندڙن جي هٿ ۾ آهي، جنهن مان هر پڙهندڙ خيالن جا خزانا، هر رنگ ۽ هر ذوق مطابق پروڙي سگهندو.

هيءَ ڪوشش قبلہ مخدوم جميل الزمان سائين جن جي آهي، جنهن هي املهہ خزانو ميڙي چونڊي آٽي اسان آڏو پيش ڪيو آهي. هالن جي سرزمين هونءَ بہ صدين کان زرخيز رهي آهي. جتي مخدوم نوح سرور جي خاندان صدين کان هن سرزمين جي آبياري ڪئي آهي. علم پروري، سخن نوازي ۽ انساني خوبين جا گل ٻوٽا ئي نہ پر گلستان ۽ چمن آباد ڪيا آهن. شعر ۽ سخن پروريءَ ۾ بزم طالب المولیٰ جي خدمتن ڏانهن هت صرف اشارو ئي ڪري سگهجي ٿو. باقي انهن تي تفصيلي طور لکڻ لاءِ ڪي هڪ کان وڌيڪ پي ايچ ڊي مقالا هجن، جيڪي انهن کي ڳڻي سگهن! باقي هي چند سٽون انهن لاءِ ڪافي ناهن. ان ئي چمن جي هڪ سُڦل هستي مخدوم صاحب هي حمديہ ڪلام جمع ڪري علم ۽ ادب ۾ هڪ اهم ڪم جو اضافو ڪيو آهي، جيڪو اميد ڪجي ٿي تہ پڙهندڙن وٽ قبوليت ماڻيندو.

ڊاڪٽر محمد انس راڄپر
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

Gul Hayat Institute

# ٻہ اکر

حمد و ثنا لفظن کي ٻڌڻ سان ربّ پاڪ جي عظمت، عقيدت ۽ شان جي بلندي ذهن ۾ اچي ٿي ۽ دل ۽ دماغ ۾ ڪجهه رکڻ جي ڪيفيت ۽ آمادگي نمودار ٿئي ٿي. ڏٺو وڃي ته فرشتا ته ڇا پر جنّ و بشر جي ڇا مجال آهي جو ربّ پاڪ جي شانَ جي بلنديءَ تائين پهچي سگهن. ملائڪ ڏينهن رات سندس هر حڪم جي بجا آوريءَ ۾ مشغول رهن ٿا ۽ جنّ و بشر، چرند و پرند سندس عبادت، تعريف ۽ اطاعت ۾ هر وقت مشغول رهڻ سان گڏو گڏ خوشنودگي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهن ٿا.

سبحان الله ڇا شانُ آ باري بيپرواهه جو. اها حقيقت آهي ته سڀ تعريفون اُن الله پاڪ لاءِ ئي آهن جيڪو ربّ العالمين آهي. جيڪو اول به آهي ته آخر به آهي. جيڪو مالڪ الملڪ به آهي ته مالڪ يوم الدين به آهي. جيڪو الرحمان الرحيم به آهي ته واحد القهار به آهي. جيڪو غفار به آهي ته ستار به آهي. سڀ تعريفون اُن هستيءَ لاءِ ئي آهن جيڪو هر شيءِ ۽ هر خوبيءَ جو خالق ۽ مالڪ آهي.

اِهو ڏٺو ويو آهي ته جن به شاعرن جا مجموعا شايع ٿيندا رهيا آهن اُنهن ”حمد“ کي ڪتاب جي پهرين صفحن جي زينت بڻايو آهي. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته شاعريءَ ۾ ”حمد“ جو بي بها خزانو موجود آهي. حمد لکڻ جي لاءِ اِهو ضروري آهي ته حمد گو شاعر جي دل ۽ دماغ الله پاڪ جي محبت ۽ عقيدت سان سرشار هجي ۽ سندس لفظن ۾ پاڪائي، صداقت ۽ ادائگيءَ ۾ محبت نمايان نظر اچي.

اِهو ڏسڻ ۾ آيو آهي ته ڪافي شاعرن پنهنجا حمديه ڪلام شايع ڪرايا آهن ۽ ڪن شاعرن جي چونڊ حمديه شاعري گڏ ڪري مختلف ادارن طرفان مجموعا ڇپرايا ويا آهن جيئن مخدوم جميل الزمان صاحب جن مختلف شاعرن جي نعتيه شاعريءَ کي ترتيب ڏئي سال 1990ع ۾ ”آنتَ محبوبي“ نالي ڪتاب کي ڏات ڪتابي سلسلو رکندي موجوده دور ۾ تخليق ٿيندڙ نعتن جو رَسُ، چسُ ۽ چاهه جانچڻ لاءِ مخدوم جميل الزمان صاحب جن سنڌي اخبارن ۾ سڄي سنڌ جي شاعرن کي پنهنجون نعتون، مختصر تعارف، هڪ عدد



پاسپورٽ سائيز تصوير ۽ ايڊريس سيڪريٽري طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا جي ايڊريس تي موڪلڻ لاءِ چيو هو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ ڪافي شاعرن جون نعتون موصول ٿيون ۽ بفضلِ تعاليٰ سال 2014ع ۾ شايع ٿيندڙ شانِ مصطفيٰ ﷺ نالي ڪتاب ۾ شاعرن کي شامل ٿيڻ جي سعادت نصيب ٿي.

بفضلِ تعاليٰ مخدوم جميل الزمان صاحب جن کي ٻه ڀيرا عمره ادا ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي چڪي آهي ۽ پاڻ نعتن تي مشتمل ٻه ڪتاب پڻ شايع ڪرائي چڪا آهن. اِنهن نيڪ ڪمن کي مدِ نظر رکندي سندن دلي خواهش ٿي ته ”حمدِ باري تعاليٰ“ تي مشتمل ڪتاب شايع ڪرائجي. سندن اِنهيءَ دلي خواهش تحت 15 مارچ 2017ع تي سنڌي اخبارن ۾ طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا طرفان سنڌ جي شاعرن کي پنهنجو حمد، هڪ عدد تصوير مختصر تعارف ۽ ايڊريس سيڪريٽري طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا جي ايڊريس تي موڪلڻ لاءِ اشتهار ڏنو ويو ته جيئن کين پاڪ ڪتاب ۾ شموليت جي سعادت نصيب ٿئي. ربّ پاڪ جي فضل و ڪرم سان ٿوري ئي عرصي ۾ ڪافي شاعر حضرات پنهنجا ”حمد“ موڪليا جيڪي هن پاڪ ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن. بفضلِ تعاليٰ سنڌ جي شاعرن جو حمديه ڪلام نالي سان ڪتاب شايع ٿي چڪو آهي. شاعر حضرات کي مبارڪباد ٿي ڏجي جو کين هِن پاڪ ڪتاب ۾ شامل ٿيڻ جي سعادت نصيب ٿي.

آئون طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا طرفان هن ڪتاب کي شايع ڪرائڻ جي سعادت نصيب ٿيڻ تي مخدوم جميل الزمان صاحب جن کي دلي مبارڪ پيش ڪريان ٿو ۽ دعاگو آهيان ته ربّ پاڪ کين خدمتِ خلق ڪرڻ سان گڏو گڏ اهڙن پاڪ ڪتابن کي شايع ڪرائڻ جي اڃا به وڌيڪ توفيق عطا فرمائي. آمين.

آئون اُنهن سڀني شاعرن حضرات جو بيحد شڪر گذار آهيان جن طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا پاران ڏنل اشتهار کي مانائتي موٽ ڏني.

شال! ربّ پاڪ اوهان ۽ اسان جي هيءَ خدمت، عقيدت ۽ محبت قبول فرمائي. آمين.

**ماسٽر خادم حسين علوي ”همدم“**
سيڪريٽري
طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا

Gul Hayat Institute




# حمديه ڪلام

(سنڌ جي شاعرن جو حمديه ڪلام)

## حمد باري تعاليٰ[1]

### ڊاڪٽر آفتاب حميد ميمڻ ”ثناگر حسيني“

(١) ڪائنات آهي روشن تنهنجي نور سان سَدا
تنهنجي ثنا جو حق ٿئي ڪنهن طرح سان ادا

(٢) اول ٻي تون ۽ آخر قائم ۽ تون ئِي دائم
توڪان سواءِ الله هر شيءِ ڪي آ فَنا

(٣) هي آسمان زمين ۽ تارن جي ڪهڪشان
ڪيئن خَلقُ تو سواءِ ٿِي سجُ چنڊ سگهن ٻلا

(٤) قادر تون ئِي مُصوّر، شاهڪار تُنهنجي خلقت
مَٿِجن ٿيون موسمون ۽ ڏينهن رات جو سَما

(٥) هِي پاڻي باهِہ گرمي سردي جبل ۽ ريت سڀ
تُنهنجي حڪم جي تابع، تُنهنجي ئِي هٿ قَضا

(٦) ڏين گلن کي خوشبو گلزاري تو پڪيڙي
خوشبو تُنهنجي پڪيڙي مالڪ ٿي هر صَبا



(٧) ڪائنات هيءَ سموري تُنهنجي ئي در پيشاني
خالقَ جُهڪائي هر دم تُنهنجي ڪري ثَنا

(٨) انسان کي تو بخشي بيحد آهي فضيلت
مخلوق سموريءَ ۾ رتُبا ڏنا وڏا

(٩) پنهنجي ڪرم سان شامل تِن ۾ ڪريم ڪر تون
جِن کي مِلي خدايا تُنهنجي آهي رَضا

(١٠) عاصي تُنهنجو ”ثناگر“ تنهنجو آهي گداگر
پينار تي ڪرمُ ۽ رحمت جي ٿئي عَطا

Gul Hayat Institute

## احمد حسين ”عارف راهي“

ڪر تون سَوَلو مشڪلن ڪي منهنجا ربّ ذوالجلال
تون ئي خالق تون ئي مالڪ توکي ڪريان ٿو سوال

تون ئي جڳ بادشاھ ۽ ٿو حڪم تنهنجو هلي
بحر و بر شمس و قمر، شام و سحر تنهنجو ڪمال

تنهنجي قدرت سان ٿيو عالم هي سارو آشڪار
چنڊ، تارا ۽ فلڪ، سورج ۾ تنهنجو آ جمال

خلق تي آهي هميشہ تنهنجو هر فضل و ڪرم
بندگي تنهنجي ڪري سوئي هميشہ آ نهال

عيش و عشرت ۾ خدا کان جو بشر غافل رهيو
آئي مشڪل جي گهڙي ٿيندو اهو آهي ملال

ڪر تون مالڪ ٻن جهانن، سرخرو منهنجي حيات
رک ڀرم ”راهيءَ“ جو مالڪ ۽ تون عزت جو خيال



## مولوي حاجي احمد ملاح

(١)

عالم جا الله، آهيون تنهنجي آسري،
اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ، هادي ٿي همراھ،
واحد! ڪانهي واھ، تو ڌاران ٽِر جيتري.

(٢)

عالم جا الله، آهيون تنهنجي آسري،
اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ، آهين پاڻ پناھ،
مون تان مهر نگاہ، پرور لاھ نہ پنهنجي!

(٣)

عالم جا علام، آهيون تنهنجي آسري،
اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ، ڪريون روز ڪلام،
مچي محمّد عربي، آندوسون اسلام،
صلواتون سلام، موڪل محمّد مير تي.

(٤)

عالم جا عليم، آهيون تنهنجي آسري،
اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ، سڌڙا سُڻ سليم،
هر هر حال حليم، ٻڌيو ٻانهون ٻُڌائيان.

(٥)

عالم جا آڌار، آهيون تنهنجي آسري،
اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ، سُڻ سبب سردار،
ڏانهون توکان ڏار، ٻي ڪي ڪين ٻڌائيون.

Gul Hayat Institute

(٦)

عالم جا اجها، آهيون تنهنجي آسري،
اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ، زاريون ڪن ججها،
دانهون درد منجها، ڪريان، ٻڌ ڪريم تون.

(٧)

عالم جا آرام، آهيون تنهنجي آسري،
اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ، مدد ڏج مدام،
صاحب صبح شام، توتي سڏ سوالين جا.

(٨)

عالم جا آقا! آهيون تنهنجي آسري،
اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ، واحد ٻڌج واڪا،
آٽيان آب اکين ۾، لاشڪ تولاڪا،
ڪوڪ سندم تون ڪا، من داخل دفتر ڪارئين.

(٩)

عالم جا صاحب، آهيون تنهنجي آسري،
اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ، واحد ٻڌج واجب،
آهين عجائب، ڪهڙي صفت سٽايان.

(١٠)

عالم جا اي ربّ! آهيون تنهنجي آسري،
اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ، منهنجا ڪر مطلب،
مشرق ۽ مغرب، مِڙ مُلڪ تنهنجي مِلڪ ۾



(١١)

عالم جا والي، آهيون تنهنجي آسري،
اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ، سڏين سوالي،
مٿي اُميد عفو جي، مڙيا سوالي،
خالق ڪان خالي، صبح سوالي ڪين ٿئي.

(١٢)

عالم جا خلاق، آهيون تنهنجي آسري،
اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ، اٿئون اُت اوطاق.
جفت نه جوڙ جهان ۾، تون تان طاقئين طاق،
مدد ملڻ جي باب ۾، مڱن ٿا مشتاق،
اچي ويا افوس سان، اوسڙ ۾ عشاق،
وارين واؤ وصال جو فائق لاهه فراق،
ساقي سيمين ساق، جي جسم جام پيارئين.

(١٣)

عالم جا اوليٰ، آهيون تنهنجي آسري،
اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ، گهرن سگهه گولا،
مڙيا معافي واسطي، موالي، مولا!
ڏيئي ترڪ تمام ڪي، طالب ٿيا تولا،
اکين تان اولا، ڪٽي لطف سان لاهيو.

(١٤)

عالم جا خدا! آهيون تنهنجي آسري،
اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ، مڱان مان مدعا،
ٻڌ حقيقت حال جي، هادي راهه هُدا،
خدا ڪرمَ جدا، ٻانهون پنهنجي ٻاجهه ڪان.

Gul Hayat Institute

(١٥)

عالم جا ڌڻي، آهيون تنهنجي آسري،
اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ، وائي مون وڙي،
آگا تنهنجي عفو ۾، اسان آس گهڻي،
خطرا خام خيال مون، خالق بخش ڪڍي،
توکان بعد تڙي، قادر ڪانهي ڪنهن جي.

(١٦)

عالم جا سائين، آهيون تنهنجي آسري،
اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ، ڪوڪون ڪيائين،
وَرَبَّنَا اللهُ الۡمُسۡتَعَان، نالو نيائين،
رب غفو ر رحيم وانت خير الراحمين، آيو ايائين،
ڇٽو ڇيائين، ته پاڻان پاسي ڪر نه مون،



# غزل

دم ڪو آهيون، يا نه آهيون، خواب آهي يا خيال،
هي بزرگيون بادشاهيون، خواب آهي يا خيال.

خاڪ ٿيندا خاڪ ۾ خاقان توڙي خان سڀ،
هي خوشيون هي خانگاهيون خواب آهي يا خيال.

هيڪلو آئين هِتي، ويندين هُتي پڻ هيڪلو،
هڪبئي سان هم صلاحيون، خواب آهي يا خيال،

هي بنائون، بنگلا، هي باغ هي بوندون بهار،
هي سفيديون، هي سياهيون، خواب آهي يا خيال،

هي حڪم هي حڪمتون هي حرف توڙي حرفتون،
شغل شاديون شوق شاهيون خواب آهي يا خيال.

هي سڳا ۽ هي سڳر، هي صاحبيون ۽ صحبتون،
هي صبوحيون هي صراحيون خواب آهي يا خيال.

هي نشا، هي نازبو هي نازڪيون ۽ ناز راز،
هي ڪجل ۽ ڪج ڪلاهيون، خواب آهي يا خيال.

Gul Hayat Institute

هيءَ جواني يار جاني، هيءَ جميعت، هي جمال،
هي بدن تي بره باهيون، خواب آهي يا خيال.

هيءَ حياتي جي بقا، پيو هل حشر سامهون سچي،
ڪنهن سبب سيني کي ساهيون، خواب آهي يا خيال.

مائٽاڻو ملڪ پيو ڪو هي تہ مانجهاندي جو ماڳ،
راه ۾ ڪيئن رات راهيون، خواب آهي يا خيال.

ڪيئن اچي پيچري ۾ پورئين، اي پکي پرڏيهہ جا!
ڪر ڦٽيون في الحال ڦاهيون، خواب آهي يا خيال.

ڪر ورڻ واري وطن ڏي، ڪوه گذارين قيد ۾،
ڪڍ ڳچيءَ مان ڳٽ ڳراهيون، خواب آهي يا خيال.

آهي "احمد" چئي، امن جو آسرو اللهؒ وٽ،
ٻيا پنارا ۽ پناهيون خواب آهي يا خيال.



## احمر علي هالو "احمر هالو"

ازل کان ئي مالڪ آ روز جزا جو
برابر ڪو ثاني نہ آهي خدا جو

خدا جنهن جي خاطر آ دنيا بنائي
دِرِ مصطفيٰ اصل آ در شفا جو

مرڻ ويل مالڪ ڪجان مهر مون تي
الاهي پرم رک منهنجي التجا جو

سچي دل سان جيڪو گهري ٿو انهيءَ کي
نتيجو ملي ٿو سندس ئي دعا جو

نبي جي محبّت خداؒ جي محبّت
ملي ٿو خدا ان کي جو مصطفيٰ ﷺ جو

زمين آسمان چنڊ تارا سڀئي پر
حقيقت ۾ سارو جهان آ خدا جو

خدايا گنهگار "احمر" گهڻو آ
ڪجان ڪين ليکو انهيءَ جي خطا جو

Gul Hayat Institute

## ارباب علي ”عادل“ چوهاڻ

هر دوجهان ۾ آ، تنهنجو جمال سائين
تون بي مثال سائين، تون باڪمال سائين

حمد و ثنا جي لائق، تنهنجي ئي ذات مولا
هتڙي ڏيان ثنا جا، ڪهڙا مثال سائين

ڇا ڇا ڳڻي ڳڻيان مان، احسان ۽ پلايون
تنهنجا ڪرم هزارين، لک قرب پال سائين

جڳ جو هلائين چرخو شب روز ۾ مٽائين
هفتا ڪرين مهينا، مهينن کي سال سائين

ساراه شاعريءَ ۾، تنهنجي صحيح ڪيان مان
اهڙي ٿئي حق ادائي، ناهي مجال سائين

تنهنجي نظر ڪرم سان هلندڙ جهاز سارا
وهوا سمنڊ ۾ تنهنجو نظري جلال سائين

بنگلا دڪان ڀنيون، گهر ٻار محل ماڙيون
تون ئي ڏئين سين کي، مڏيون ۽ مال سائين

سڀ تي ڪرم ڪندڙ آن، ”عادل“ تي پڻ ڪرم ڪر
منهنجا دنيا ۾ بلڪل هيٺا تي حال سائين



**

گلڙن کي سُندر رنگ بہ الله ڏئي ٿو
خوشبوءِ وري تن کي، بہ وهواه ڏئي ٿو

مخلوق خدا سان مان، ڪيان پيار ٿو هردم
الله اندر منهنجي کي اتساهہ ڏئي ٿو

بي چين کي آرام ۽ غمگين کي فرحت
هر جاءِ سدا باري بي پرواهہ ڏئي ٿو

انسان چڱن کي تہ ڏئي پاڻ ٿو جنت
بدڪار کي هرحال ۾ آڙاهہ ڏئي ٿو

انسان کي اَنُ پاڻي، اُچو طعام ڏئي ٿو
حيوان کي ڪاڏي لئہ پلو گاهہ ڏئي ٿو

هرحال ۾ الله تہ انسان کي هتڙي
اُس مينهن، هوا، پاڻي ۽ سر ساه ڏئي ٿو

شهرت سان گڏوگڏ تہ عزت شان ۽ شوڪت
عادل کي تہ الله شهنشاهہ ڏئي ٿو

Gul Hayat Institute

## مرزا اسد بيگ

آهي واجب حمد تنهنجو، تنهنجو شان اڪبري،
ٿي جڳائي توکي يا ربّ! دوجهان جي داوري.

ڇا ڪري انسان عاجز ٿو سگهي تنهنجي ثنا،
ڪن صفت صاحب سندءِ، جن و ملڪ، حور و پري.

تون ئي خالق، تون ئي رازق، تون ئي مالڪ مُلڪ جو،
لاشريڪ آهين، ڪندو ڪو ڪونہ تو سان همسري.

ربّ تون، رحمان تون، ستار تون، غفار تون،
خالق ڪون و مڪان تون، مالڪ خشڪي تري.

دوست دشمن، نيڪ و بد ٿيا لطف تنهنجي ۾ شريڪ،
آهہ يڪسان بنده پرور! تنهنجي بنده پروري.

معرفت جي بحر ۾ غرتاب ٿيا عارف ڪئين،
ٿي سگهي ليڪن نہ تنهنجي انت جي ظاهر ذري.

تنهنجي قدرت جو ڏين اُهڃاڻ ٿا روشن سدا،
بحر و بر، ارض و سما ۾ مهر و ماهہ مشتري.



پيش عقبيٰ جو سفر مون کي سَتاٽو ٿو سجهي.
بيو ثمر ناهي، ٿي گردن تي گناهن جي پري.

اُپ چڙهيا ڪارا ڪڪر، پئي رات ڪاري راهہ ۾،
ٿا سُهائيءَ کي سِڪون، ڪر موڙهلن جي رهبري.

بيوسيلن جو وسيلو ٿي ۽ بيواهن جي واهہ،
بيڪس و بيچاره بندن جي اچي ڪر ياوري.

گُهر ”اسد“ تون عاجزيءَ ۽ انڪساريءَ سان دعا،
من پوي مقبول تنهنجي پنج وقتي حاضري.

Gul Hayat Institute

## اعجاز سولنگي

بِسْمِ اللهِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ آهي،
واحدُ، احدُ، غفّار وڏو ڪريم آهي.

جڏهين بہ اُن کي آمون دل سان سڏيو،
بيشڪ الرحمان الرحيم النافع النور آهي.

تون مونکي ياد ڪر، آئون توکي ياد ڪريان،
بيشڪ هوشه رڳ کان بہ ڏاڍو قريب آهي.

ٽُنهنجي ساراهہ جي لاءِ ڪافي آهن فرشتا پر،
منهنجي لاءِ تہ اِهو ڪم پڻ عظيم آهي.

دنيا جي چرخي کي ٿو عجب هلائي،
ڪڻُ ڏئي ڪِيوليءَ کي ٿو هاٿي ڪارائي.

واڪاڻ ڪيان ٽُنهنجي گناهہ گهٽجن منهنجا،
عجيب مولا ٽُنهنجي ڪريميءَ جو ڪرشمو آهي.

ربّ ٽُنهنجي راهہ ۾ آئون چا ٿو ڏئي سگهان،
”اعجاز“ وٽ جيڪو بہ آهي، سو تنهنجو ئي آهي.



## ڊاڪٽر اقبال دانش مهر

(١)

وَاهہ جو وَاحد تو هي جوڙيو آ جهان،
فلڪ فرش کي ڏسي هر ڪو آ حيران،

جِنّ، ملائڪ، حُورون ۽ ٺاهيو تو انسان،
ڳلمو تو ڪريم تي پڙهي هر ڪو صُبح وشام،

اديون ”اقبال“ چئي سُرهو ٿيو جَهان،
ڳاهل تي ڳرم ڪر سُهڻو تنهنجو شان،

ڪر قرب قريب تي اعليٰ تنهنجو نانءُ،
تون مالڪ مان بَشرُ مِٽيءَ لَڏو مانُ،

نہ تہ ڪير ڪري ها محبتي سلام،
”دانش“ مون مِٽيءَ جي مِعمار کي.

Sul Hayat Institute

(٢)

دانش مون مِٿيءَ جي معمار ڪي مولا ٺاهيو عاليشان،
پکي پرند، جِيت جڙا، سڀ هيبت منجهہ حيران،

سَمنڊ، دريا، جَبَل، نَديون ۽ تو ٺاهيو گلستان،
هر ڪنهن کي رزق ڏئين توڙي رهي ڪو ريگستان،

اَديون ”اقبال“ چئي تو جوڙيو هي آسمان،
آدم کي اَول خلقي ۽ محمّد ﷺ! آخر زمان،

مُرسل تي نبوّت جي مُهر هڻي تو بند ڪيو باغان،
سيني کان افضل ۽ شاهي عطا ڪئي سي شان،

پوءِ ”مَهر“ چوَئي گُمسان،
رَهہ سدا تون سُهڻي جي صَلوات ۾.



(٣)

رَهہ سدا تون سُهڻي جي صلوات ۾ مَستئون مست مُدام،
سُونهن ۽ سيرت ۾ جيڪو آهي عاليشان،

يا ريتيمن جو محمّد ﷺ ۽ شافِعي محشر ميدان،
رَحمت پريو رَحمدل جنهن کي ٺاهيو آ سلطان،

اَديون ”اقبال“ چئي سُهڻي جي مِثل نہ ڪو مَهانُ،
سِج، چنڊ ۽ تارا ڳتيون سُهڻي جي سُنهن اڳيان پشيمانُ،

واحد پنهنجي وحدت سان ڪيس اعليٰ ڏنو انعام،
قرآن سندو سهڻو ڪتاب ڏنو ۽ نماز جو فَرمانُ،

پوءِ ”مهر“ ڪر تون ثنا صبح و شام،
مالڪ مِٺي مهربان جي.

Gul Hayat Institute

(۴)

مالڪ مِٺي مهربان جي ڪر تون ثنا صبح و شام
اول، آخر، ظاهر، باطن ۾ جيڪو آهي راز دان،

ڏينهن، رات سُک خوشي ۾ موت حياتي پيدا ڪيائين پاڻ،
هر هنڌ رهي، هر هنڌ وَسي، اهو بڌائي ٿو قرآن،

اديون ”اقبال“ چئي اُن جو شاهي آهي شان،
شِفاء ڏيندڙ شافع بہ آ تہ مهر سندو مهربان،

قدرت تي قادر آ ۽ هر شيءِ تي نگهبان،
سِج کي بہ هو اُپاري ۽ چمڪائي پڻ چنڊ سندي چانڊاڻ،

پووءِ اهڙي پالڻهار جي مهر،
تون رياضت ڪر ويهي راز ۾.



(۵)

تون رياضت ڪر ويهي راز ۾ اُن جي جيڪو سڀ جو آ سلطان
ماڻهو مِرون، باندر بلايون ۾ جنهن پيدا ڪيا حيوان،

سيني کي ٿو هو جِياري ۽ مَارڻ تي بہ مَهانُ،
نيڪ ٻانهن کي خود پاڻ ڏيندو جنّت جو سامان،

اديون ”اقبال“ چئي ڪٿي ويو اهو جنهن سُڻو ثمر ڪنيو ساڻ،
دوزخ ملندو اُتي انهن کي جيڪي هٽندا ڪوڙا هئا ٻُهتان،

مير محمّد ﷺ مِنڙو اُتي ٿيندو سيني جو سَرواڻ،
سجدي ۾ خالق جي ڪري پوندو پاڻ،

مالڪ مِنڙو ”مهر“ اُتي ٿي پوندو پڻ مهربان،
ڏيندس جنّت جو جهان پرينءَ پياري کي پرديس ۾.

Gul Hayat Institute

## الهڏنو ”سوز“ هالائي

خدايا بلند آهہ تنهنجي خدائي
عجب تنهنجي قدرت ۽ جلوه نمائي.

عجب تنهنجي وحدت عجب تنهنجي حڪمت،
عجب تنهنجي جلوت عجب تنهنجي خلوت،
عجب تنهنجي قربت عجب دلربائي.

تون خالق تون مالڪ تون حاضر ۽ ناظر،
تون ستّار و غفار و ناصر ۽ باصر،
آ هر شيءِ ۾ تنهنجي ئي وحدت جي وائي.

سندءِ روپ ڪيئي سندءِ رنگ ڪيئي،
سندءِ انگ ڪيئي سندءِ ڍنگ ڪيئي،
سين ۾ سمايل سندءِ هيڪڙائي.

سواءِ تنهنجي سائين ٻيو ڪو بہ ناهي،
وڏائي بہ واحد ٿي توکي جڳائي،
مڙن ڪان مٿي آهي تنهنجي وڏائي.

رهي چيز هر ڪائي فاني جهان جي،
رهي ڪا نہ ڪنهنجي ڪا هستي ۽ مستي،
سدا ”سوز“ قائم سندءِ ڪبريائي.



## الهڏتو ”امر“ انصاري

خدا جو ذڪر ڪجي ذڪرِ مصطفيٰ ٻي ڪجي،
عطا اسان کي هدايت ٿئي دُعا ٻي ڪجي،

اسان تي فرض سمورا خدا جا واجب هِن،
اُنهن ۾ شامل سُنتِ نبي ادا ٻي ڪجي.

طفيل سهڻي نبي جي ٻئي جهان ٻڌيا،
اُنهن ۾ عشقِ محمّد جي انتها ٻي ڪجي.

اسان تي ٻاجهہ ٿئي مَن مُهابي مُرسل جي،
گناهہ بخشائڻ جي ربّ کي التجا ٻي ڪجي.

پڙهن ٿا جن و ملائڪ صلواة مدني تي،
حڪم رَبي جو لازم روا ٻي ڪجي.

اِهو آ اَمرُ اِلاهي ڪجي اطاعت ربّ،
درود جو ورد چونہ بارها ٻي ڪجي.

Gul Hayat Institute

### امام بخش ”بيوس“ مگريو

خـــالق خلقينـــدڙ خلقڻهـــار تـــون،
ســـاري جـڳ جـــو ربّ ســتّار تـــون،
عرشــن فرشــن، مَلڪــن ۽ خلقــن جـــو
جنســن جـــو جوڙينـــدڙ جنســـار تـــون،
ڏيئـين ڪيـڙي ڪـي ڪـڻ، هـاٿي ڪـي مـڻ،
ڏيهـــن ڪـــي ڏينـــدڙ ڏاتـــار تـــون،
اول آخـــر تـــون، ظـــاهر بـــاطن تـــون
الله ذوالجـــلال جـــابر جبّـــار تـــون،
”امام بخش“ ڪيون هِت ڪافي ڪچايون،
بخـــش بخشـــيندڙ بخشـــڻهار تـــون.

*****

رَافِـــعُ مُعِـــزُ مُـــذِل،    حَـــقُ مُقسِـــط عَـــدلُ،
خَـافِضُ جَـامِعُ تَـوابُ،    الله هـــو جَلشـــانُ ٿُـــون
عَزِيـــزُ جَـــلاَلِ مُبِـــينُ،    حَسِـــيبُ قُـــوَّةِ مَتِـــينُ
آهـــين ربّ العـــالمين،    مُصـــوِرُ جَهـــانَ ٿُـــون
بـــاري تنهنجـــو شـــان    چا ڪري ”امام بخش“ بيانُ
ڪــريم ڪــر ”بيــوس“    ڪي عطا اعليٰ زِبانَ ٿُون.



## حمد باري تعاليٰ[1]

خَـــالِقُ مَالِـــڪُ رَازِقُ،    رَبُ رَحَمـــانُ ٿُـــون،
دَائِـــم قَـــائِم قَـــدِيمُ،    صـــاحب سُـــبحان تـــون.
حَـــي، قَيَـــومُ، وَدُودُ،    وَاحِـــدُ صَـــمَدُ مَعبُـــودُ،
بصـــير، خبيـــر نَصِـــيرُ،    اعليٰ عَظِيم سُلطَانُ ٿُون
رؤُف، مَعـــرُوف، رَحِـــيم،    قَـــادِرُ قَـــدِيمُ، ڪَـــرِيمُ،
اَولُ آخِـــر، ظَـــاهِرُ، بـــاطِنُ،    عَجِيـــبُ بُرهَـــانُ تـــون
شَـــڪُور صـــبور و جبـــار،    غنـــي، غفـــور غَفَـــارُ،
قَـــابِضُ باسِـــطُ قَهـــارُ،    مُجِيـــبُ مَنـــانُ تـــون،
جَمِيـــلُ جَلِيـــلُ مَجِيـــدُ،    حَلِـــيمُ حَڪِـــيمُ حَمِيـــدُ
مُبـــديءِ مُعِيـــدُ مُحيـــي،    مُمِيـــتُ مَسَـــتَعانُ ٿُـــون،
قريـــب حَفِـــيظ ڪَفِيـــلُ،    مُـــؤمِنُ وَلـــي وَڪِيـــلُ
غَنِـــيُ مُغنـــيُ مُعطـــيءِ،    نَـــافع نُـــور حَنـــانُ ٿُـــون،
والـــي مُتَعـــالي عَـــلام،    شـــافي ڪـــافي سَـــلامُ
شـــهيد رَشِـــيدُ سَـــتارُ،    وَهَـــابُ ديـــانُ ٿُـــون

Gul Hayat Institute

## امداد علي "امداد" سروري

خدا جي حمد و ثنا، لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
اچي ٿي دل مان صدا، لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

خدا جو ذڪر ڪجي، روز صبح شام ڪجي،
ڪندو هو بخش خطا، لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ،

گلن ڪي خوب رنگن جي خدا پوشاڪ ڏني،
صبح جي تازي هوا، لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

خدا جو شان ۽ قدرت سين ڪان آهي مٿي،
مريض لاءِ دوا، لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

زمين ڪي پوش گلن جو ڏئي آباد ڪيئين،
وڻن مان ميوا ٿيا، لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

عطا ڪري ٿو غريبن ڪي محل موتين جا،
ڪري امير گدا، لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ



خدا جو ذڪر ڪرڻ سان خزانو ڪوڙ ملي،
نه آهي هن جي بها، لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

ڏڪن جي ڏيهه ۾ مولا سڻائي پاڻ ڪندو،
گلن ڪان آهيان، جدا، لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

سچي حياتي خدايا، اوهان جي دنيا ۾،
عجيب رنگ ڏٺا، لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ،

گناهه بخش ڪندو، "سروري امداد" خدا
گهران ٿو روز، لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ.



Gul Hayat Institute

## پير بهاءُالدين ”بها“ سرهندي

خدا جو شان جنهن بندي کي ايڏي سوپيا بخشي
پرينءَ کي چنڊ جي چانڊاڻ کيڏي ڪبريا بخشي

مليو اشرف لقب اعليٰ ٿيو مخلوق ساريءَ ۾
خدا ڪيئن پنهنجي پيارن کي نوازش بي بها بخشي

هزارين ڏوهه بخشيا هن ڪيا سين جيڪي دنيا ۾
مهر پنهنجي سان ربّ آهي اسان جي هر خطا بخشي

وري خالي نٿو سوالي ڪٺي جيڪو به ٿو هٿڙا
مريضن کي دوا ۽ عرض وارن جي دعا بخشي

خليل الله ڪو ٿي ويو ته ڪو ٿي ويو ذبيح الله
حسنِ يوسف ته دمِ عيسيٰ ۽ موسيٰ کي عصا بخشي

فنا آخر جهان سارو نه فرعوني نه نمرودي
نه هرگز ابنِ آدم کي خدا آهي بقا بخشي

ڪٺي هر ڪو ٿو ڦل پنهنجو نيت اعمال دنيا ۾
خدا ڪنهن کي سزا بخشي ته ڪنهن کي آجزا بخشي

خدا ڪيڏا ڪيا درجا صحابين، اهلبيتن جا
حسين؏ کي شهادت لئي زمينِ ڪربلا بخشي

ڪيون ٿا ياد مالڪ کي وڏو فضل و ڪرم آهي
اسان کي پنهنجي نالي جي عجب آهي ”بها“ بخشي



## تراب علي ڏاهري

راتين مان ٿين ڏينهن
قدرت منهنجي قادر جي آ

عرش ٿنيي ريءَ ٿوڻينءَ
قادر اڏيو ڪيئن

جنّ ملائڪ آدم زادا
جتي درخت ديئن

اڏيا منهنجي آهن اباڻن
جهوپا جهانگيئن جيئن

روز ٿرن ۾ جا نارن آ
ڏاتر ڏيندو ايئن

عشق اصل کان ارڏو آهي
شڪل جهڙو شينهن

Gul Hayat Institute

باغ سنڌوءَ جا پاڇيون ميوا
جيئن جا آهن تيئن

بي جان جسم ۾ روح ٿو ٻولي
حڪم ڪري جي هيئن

ساٽيهہ سڪ لئہ سانگيئڙا ٿا
مارو گهرن مينهن

تن جون ”ترابا“ ڳالهيون ڳٽيندي
نبري پيئڙو نينهن

راتين مان ٿيئن ڏينهن
قدرت منهنجي قادر جي آ





## پريل فقير ”پينار“

اول الله جلشانه چوان، باري بي پرواھ بلاشڪ

ڪُن فيڪون سان ڪيئي ڪم ڪيائين، الست بربڪم پاڻ چيائين،
جوڙيندڙ تہ جهان چوان، بيرنگي بلاھ بلاشڪ

سج، چنڊ، نڪت، قطب ۽ تارا، دنيا، بهشت، ملائڪ سارا،
حورون پريون غِلمان چوان، سندس ٿهيل هيءُ ٿاھ بلاشڪ

ارڙهن هزار قسم ڪل ٿاهي، ٿاهيو تن کي ڪيئن پيو ڏاهي،
رازق، ربّ، رحمان چوان، اهڙو آھ الله بلاشڪ.

هڪ لک چوويهہ هزار نبين توريت، زبور، انجيل مٿي تن،
نازل ٿيو قرآن چوان، راز رسول الله بلاشڪ.

پنج تن پاڪ پيارا پارس، ٻارهن امام بہ والي وارث،
چوڏهن چڱا چئوگان چوان، چڱو تني سان چاھ بلاشڪ.

پير فقير امير اُهيئي، شيخ مشائخ غوث ٻيئي،
شاھ، گدا، سلطان چوان، ’پريل‘ پسارو واھ بلاشڪ.

Gul Hayat Institute

## نواب جان علي لغاري

(١)

وحده لاشريڪ له، هو ڪو حقاني،
دوئي ڪي دور ڪر، ڇڏ شرڪ شيطاني،
پري ايماني، پوڙيندءِ جاءِ جنت جا

(٢)

لاالٰه الاالله، جان تو چئين صاف،
مدايون تو معاف، قادر ڪندو ڪرم سان.

(٣)

لاالٰه الاالله، جان تو چئين جيءُ،
چوندئي پري پيءُ، پيالا تون پريم جا.

(٤)

لاالٰه الاالله، چوڻ نه سولو ڪم،
ڇڏي وهم ۽ غم، تهان پو ڪلمو ڪهج!

(٥)

لاالٰه الاالله، چوڻ سو رهي سچ،
محبت جا من ۾ باري ويهج مچ،
ڳاري ڳچين ڳچ، تهان پو ڪلمو ڪهج.



(٦)

لاالٰه الاالله، چيو جن ازل،
تن مڃيو محمّد مصطفيٰ ﷺ، نور نبي نرمل،
سي ڪامل ٿيا اڪمل، ايماني عرفان ۾

(٧)

لاالٰه الاالله، چئي روز الست،
مڃي محمّد مصطفيٰ ﷺ مانجهي ٿيا مست،
سي رهيا دست بدست، عاشق احمد چام سان!

(٨)

لاالٰه الاالله، چيو جن قلبن،
"لاخوف"، "لاتحزن"، آيو شان سندن،
سي مومن مر مرڪن، جن مڃو محمّد ڪارڻي.

(٩)

سو پاڻي، سو قوتو سوئي آهي آب،
لاهي هڙ حجاب، پرينءَ ڪي ڏس پڌرو.

(١٠)

سو واهڙ، واهه، سا واهي، سو درياءُ،
سو چشم، سو پاڻي، ماڳ سندن آماءُ،
عاشق اٿي آءُ، ڪر مشاهدو محبوب جو.

Gul Hayat Institute

(١١)

ڪعبو ڇا قبلو ڇا منا، ڇا عرفات،
تنهنجي ذات صفات، ڳوليندي لڄ مران.

(١٢)

ڪعبو ڇا، قبلو ڇا، ڇا هن شش جهات،
تنهنجي ذات صفات، ڳوليندي لڄ مران.

(١٣)

ووڙيم شش جهات، ڪعبو قبلو ڪوه ٿيا،
تنهنجي ذات صفات، مون ڪان لڌي ڪينڪي.

(١٤)

‘پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم، روح رهاڻ’
تہ سڄڻ آهين ساڻ، ساهان اوڏو سپرين!

(١٥)

تن طنبير بنايو جن آ، هڏ چم جسم جلايو جن آ،
”جان علي“ سڀ تن تان معاف، من ۾ نام اچارن ٿا



✻✻

يار ڪي هر طرف عيان آ ڏٺم،
جلوو ذات لا مڪان آ ڏٺم.
معرفت جي نظر جڏهن پئي ڪلي،
جان ۾ جلوه نهان آ ڏٺم.
عرش اعليٰ کان فرش تائين ڪل،
ذات بيچون ۽ بي نشان آ ڏٺم.
ڪٿي حيرت ۾ ان جي لئي گل آهہ،
ڪٿي بلبل کي نغمہ خوان آ ڏٺم.
ذري ذري ۾ قطري قطري ۾،
ذات ذري ۾ سندو نشان آ ڏٺم.
بيعدد بي حساب ڪثرت ۾،
حسن باريءَ کي بي گمان آ ڏٺم.
”جان“ کان جو قريب تر آهي،
حسن و خوبيءَ ۾ بي بيان آ ڏٺم.

Gul Hayat Institute

# پالڻھار يا الله

جان محمد "اضعف" هالائي

جهـانن جـو اڪيلـو تـون ئـي پالڻهـار يـا الله
سوا تنهنجي نـہ ٻي ڪا آ سندم سرڪار يا الله

صبح سانجهي چمن ۾ جيئن ڪري ڪوئل ٿي تون ئي تون
سنڌءِ 'حمد و ثنا' تيئن مان چوان لک بار يا الله

تنهنجي درگاھِ عالي ۾ ڪنيو هَٿڙا پنان ٿو مان
تون ئي آهين جو هر هِڪَ جي لهين ٿو سار يا الله

ڏُکن جي دردَ جا دو نهان دلين، تان دور داور ڪر
بدين ۽ بي حيائين کان تڙي ڪر ڌار يا الله

ڏُکـر ۽ ڏرت ڏورائـا ڏُکـايون ڏُور ڪـر ڏاتـر
مصيبت ۽ رقابت جون گهڙيون سڀ ٽارِ يا الله

سوالي تنهنجي در تان ڪير، ٿو موٽي ڪڏهن خالي
سنڌء دربارِ رحمت جو ڪيان ڪيئن اظهار يا الله

'اضعف' عاصي اچي ڦاٿو گناهن جي تہ دلدل ۾
اگهـاڙي عيبَ واري جـا تـون ٻيـڙا پـار يـا الله!



مخدوم جميل الزمان هالائي

(1) الله کـان سـوائي ڪـو الله ڪـو نـہ آهـہ
جـو شـرڪ ٿـو ڪـري تـہ اهـو ٿيـو وڃـي تباهـہ

(2) الله پـاڪ ﷻ بخـش ٿـين منهنجـا سـڀ گناهـہ
صدقي رسول پاڪ ﷺ جي گهرجي مونکي پناهـہ

(3) خـالق تـہ هـر جڳهـہ تـي آ موجـود البتـہ
مخلـوق ڪـي ڪـپـي تـہ سـا پيـدا ڪـري نگاهـہ

(4) آدم ؑ تـہ بخشـجي وڃـي فـردوس ۾ پڳـو
شـيطان جـو ازل کـان ئـي خـانو خـراب آهـہ

(5) موسـيٰ ؑ کـي طورسـينا تـي جلـوو عطـا ٿيـو
فرعـون جهـڙا ٿـي ويـا بربـاد ۽ تباهـہ

(6) هر ڪنهنجي التجا جتي پهچي ٿي باالضـرور
سـا آهـي صـرف منهنجـي خداونـد جي بارگاهـہ

(7) جيڪـا بـہ شـيءِ ڪپـي اهـا الله ﷻ کـان گهـرو
در در تـي ڇـو وڃـي ۽ سُـڪايو ٿـا پنهنجـو سـاهـہ

(8) جنهنکي عبادتن جي ڪا پرواهـہ ڪانهي ڪا
سـو ربّ ذوالجـلال آ بـي پرواهـہ بادشـاهـہ

(9) ڪلمو شريف قلب جي ڪُنجي اٿئي جميلؔ
ان کانسواءِ ڪو رستو نـہ منزل نـہ ڪائي راهـہ

١٦ ربيع الاوّل ١٤٣٩هـ/ 4 ڊسمبر 2017ع
الدوهه، قطر

Gul Hayat Institute

# اللّٰہ تعاليٰ جـ

## جوهر بروهي

دنيـــا جـــو نگهبـــان آ اللّٰه تعـــاليٰ
قـــادر بـــہ آ رحمـــان بـــہ اللّٰه تعـــاليٰ

انســان جـي تخليـق جـو خـالق بـہ اهـو آ
هــر سـاهہ جـو مالـڪ بـہ آ رازق بـہ اهـو آ
مســـــجود آ منـــــان آ اللّٰه تعــــاليٰ

هـي ڌرتـي، فلـڪ، بـادِ صـبا چنـڊ سـتارا
۽ شـام، سـحر نـور جـا رنگـين نظـارا
هـــر وقـــت مهربـــان آ اللّٰه تعـــاليٰ.

آدم ڪـي ڏنـو دم تـہ هـو انسـان بڻيـو آ
توحيـد جـي تصـديق سـان ايمـان بڻيـو آ
بـــي نيـــاز آ، ســـبحان آ، اللّٰه تعـــاليٰ

هـر سـوچ تخيـل ۾ اهـو نـالو سـجايو
هـر ڳالهـہ ۾ آ مالـڪ مختـار جـو رايـو
هرحـــال حڪمـــران آ اللّٰه تعـــاليٰ

اللّٰه ئـي قـرآن جـي نعمـت سـان نوازيـو
هـن امـت ڪـي ختـم نبّـوت سـان نوازيـو
”جـــوهر“ ڪـــي ڏنـــو دان آ اللّٰه تعـــاليٰ



## چنگل فقير مهر

صـفت اول اللّٰه جـي، ٻـي صـفت نبـيءَ واري،
قـادر پـاڻ قـائم ڪئـي، چاهـہ مـان چؤيـاري،
ابـــوبڪر، عثمـــان، علـــي ذوالفقـــاري،
حسن ۽ حسين ڏوهٽا نبيءَ جا، جن امت اجاري،
خـاتون جنـت بنـت النبـي، سـانئڻ سـوپاري،
پـنجن جـي رک پيـاس تـون، هـر جـا هيڪـاري،
محي الدين مهر ڪندو اچي منجهہ محفل موچاري،
جنهن جي دام آهيان سام سوڪندو قرب قراري،
ڏيکينـدو ڏيول اچـي، شـل هـي ڏڏ ڏوهـاري،
چرئي هن ”چنگـل“ تـي ڪنـدو صـاحب سـتاري،
هـاٽي ٻـڌ تـہ ٻـڌايان تـوکي، هـيءُ حـال هڪـواري،
وٽـي پـر پڙجـي، وجـي ڪـم ڪڙمـت ڪـراري،
پٽـي ڪـوهي پـوک ڪـيم، سـهجئون سـوپاري،
چـاڙهيم اچـي چاهـہ منجهـان، هـت نـر نـرواري،
ٽـاڪ ٽڪـڙ ٽنيريـون، ٽنيـا، پـرت پـري پچـاري،
ڏوئـي مالهـہ نمـاٽي، پـاٽي لـوٽن لهـر لنـواري،
ڳـاڏي جـي ڳتڪـار تـي، لاتـم للڪـاري،
چاهـہ سـان ”چنگـل“ چئـي تـاهيم، بـر ۾ بـازاري،
پـٽ تـي پـوش پيـو ٿـي سـاوڪ سـوپاري،
ڪـبڙن ۾ ڪـڙڪا ٿيـا، ڪئـي ڪنـڊن ڪوهيـاري،
بس صاحب سينگاري، هيءَ ڌرتي ڏوڙيري ڪٽي.

## دعا بحضور باري تعاليٰ[1]

### حاجي حيدر خاصخيلي

تنهنجو ذڪر زبان تئي
هر جيوَ تي عيان تئي

ويجهو وجود کان تون
ڪيڏو پري گمان تئي

تنهنجي نه ياد جنهن ۾
سو وقت ٿو زيان تئي

تننجو رڳو هجي هُل
تنهنجو رڳو بيان تئي

هن زندگيءَ جي رڻ تي
شل ڀاڄهہ تئي امان تئي

”حيدر“ جي عاجزيءَ تي
عاجز تي مهربان تئي



### ماستر خادم حسين ”همدم“ سروري

پروردگار ڪئي آ عطا زندگي مُونکي
۽ پڻ ڪرم سان ٿي آ عطا هر خوشي مُونکي

ڪهڙو ڪيان بيانُ مان رحمت سندو پلا
ڏاڍو سڪون ملي ٿو ڪندي بندگي مُونکي

اڄ دل اُداس آهي ۽ هر پل ٿي دل چوي
جلدي وڃان مديني ملي حاضري مُونکي

گذري وئي جا زندگي تنهن جو ملال آ
دل ۾ رهي ٿي هر گهڙي شرمندگي مُونکي

ڪهڙي مجال منهنجي جو حمد و ثنا ڪيان
منهنجو نصيب آ ملي خوشنودگي مُونکي

بلڪل ملي آ زندگي تنهن ساڻ بندگي
بيشڪ حبيب صدقي ملي رهبري مُونکي

رحمت سندو ڪڪر ٿو وسي بحر و بر سدا
هر سُو نظر اچي ٿي سدا تازگي مُونکي

مون کي حرم جو جلوو ڏسڻ شل نصيب ٿئي
ڇا ڇا چوان ڇا ملندو اُتي هر گهڙي مُونکي

حمد و ثنا جي برڪتن کي ڇا بيان ڪيان
”همدم“ ثنا لکڻ لئہ ملي شاعري مُونکي

Gul Hayat Institute

## خميسو خان وگهيو خانوٽي

هڪ ئي خالق هڪ ئي مالڪ پاڻ پالڻهار آ
آهي هيءُ هر جاءِ حاضر، ڪيو جهان اقرار آ

چنڊ تارا سج سما تي جلوگر ٿيا خوب تر
نعمتون اڻڪٿ زمين تي ٿي گل و گلزار آ

هيءُ اڪيلو ذات اعليٰ فقط هي معبود آ
ٿي ڪري مخلوق سجدا بندگي سينگار آ

قدرت قادر آ قائم ظاهر و باطن سدا
ڪلموءِ قرآن جنهن جو دائمي مهندار آ

ٿيو ارادو ڪن چيائين بي مثل سو ٿيو پوي
ربّ ڏسي ٿوءِ ٻڌي ٿو قبضي ۾ سنسار آ

گهر بندا نيڪي هدايت دين ۽ ايمان پڻ
رازق و رحمان ربّ هي ڏيهه جو ڏاتار آ

عيب اوڍايون گهڻي ئي دنيا جي انسان ۾
جو گهري معافي خدا ڏس مهربان نروار آ



اج رهيو ناهي جهالت جو زمانو هوش ڪر
لاشعوري يا شعوري هر ڪو اج بيدار آ

دل ۾ جي تنهنجي پريئن ڪي پسڻ جي آهي اميد
ڪم قيامت ڏينهن ايندو نيڪ جي ڪردار آ

ٿيا خدا جي نور مان روشن ”خميسا“ پنجتن
سرخرو ٿيندو اهو جو انهن جو حبدار آ



Gul Hayat Institute

## مرزا دبير

حمد ڪر ربّ پاڪ جو آهي جو ربّ العالمين،
آهي رحمان الرحيم ۽ آهي مالڪ يوم الدين.

جيڪو پالڻهار آهي جملہ مخلوقات جو،
سو خدائي لم يزل ٿيو لاريب رزّاق متين.

جو اڙين جو آسرو بي واهہ جي واهر ٿيو
سو خدائي پاڪ آهي مالڪِ ملڪِ مبين.

ٿي صدا صبح و مسا هر مومن دنيدار جي،
نعبدُ دل سان چون، دل سان چون ٿا نستعين.

يا الاهي ڪر ڪرم مون تي بحقِ مصطفيٰ،
مرتضيٰ جي واسطي، و ز آل طاهرين.

ڪِينَ هر گز ٿي پريشان تون هڪڙي لمحي لئي ”دبير“،
توکي روزي ڏيندو ربّ، والله خير الرازقين.



## ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

حمد چوندس مان پيو هڪ سندو
حق جو سچو سر بسر سڪ سندو

ٿو وسي هر ماڳ ۾ مالڪ مِٺو
پر ٿو ناهي سندس ڪو لڪ سندو

آئون تہ آهيان خاڪ ساري سر بسر
ڏوڙ ڪي در جو ڏنئين مهڪ سندو

پيو تہ طلبيان دوجهان ۾ خدا
مصطفوي پيار جي هڪ پڪ سندو

چئہ دعا منهنجي نبي کي تون ڪٺي
لائق بڻايو رحمتن جي چڪ سندو

رحم ڪر مولا ڪٺي صدقي رسول
آئون نہ تارون علم ناهي پڪ سندو

دين ڏي ايمان ڏي حب رسول
ڏي مرتبو ان منڍي کي ٽڪ سندو

Gul Hayat Institute

## راضي فقير

(١)

اول چئو الله اعليٰ پوءِ ڪر قصو قرب جو
هادي سيني هيڪڙو، ملڪ ڏٺي موليٰ
مالڪ مڙني جا ڪيا صاحب ڪم سولا
قادر جي قولا، جُڙي جوڙ جهان جي.

(٢)

لڳي مشاهدو ملڪ جو خاوند ڪيو خيال
جوڙي جوڙ جهان جي ٿيو راضي ربّ جلال
سڄڻ تنهن جي سنڀال، منهنجو ساهہ سڌير ڪيو

(٣)

جوڙي جوڙ جهان جي پاڻ ڪيائين پسند
خاوند خاص خلقيو موچارو محمّد (ﷺ)
اَنا مَولاک وَانت مَحبوبي صحي چيو صمد
راهہ وتائي رند، جوڙيائين جوڙ جهان جي.

(٤)

بندا هن بر ۾ ويسارو ٿي نہ ويهہ
ماڳ تنهنجو مهند ٿيو هي پرائو ڏيهہ
سدا جت ساٽيهہ، رک محبت انهيءَ ملڪ جي.



(٥)

موڳا هن ملڪ ۾ تون غافل ٿي نہ گذار
ماڳ تنهنجو مهند ٿيو هي فاني سڀ سنسار
جتي قاضي ربّ قهار، اتي شڪل ڪاٽياري ڪانہ ٿئي.

(٦)

جيڏو تون خاوند اوڏو آسرو آهہ
ڪانهي مون ڪميڻي کي واحد توريءَ واهہ
اجهو آهين الله، ٻي ڪنڌي ساريان ڪانہ ڪا.

(٧)

صمد، صاحب، ڏٺي، احد چوندو اچ
پڙهي فرض واجب سنتون راهہ وٺي تون رچ
ننگا پنهنجي نفس کي سدا سڙائج سچ
توبہ ڪر تاڪيد سان، ڪوڙ ڪڍي سڀ ڪچ
صحي سپيريان جي ڳالهہ تي، پتنگ وانگر پچ
محبت جي ميدان ۾ نسنگ ٿي تون نچ
سندو دوزخ مچ، تو اوڏو ئي نہ اچي.

(٨)

صمد صاحب ڏٺي تواب توڙئون رهيو تن
سچاتو سبحان کي ڪن ڪان ڏيئي ڪن
مجيم محمّد ڪارڻي محبت رکي من
ٻيائي ڏيئي ٻن، ٿيس حوالي حق جي.

(٩)

صمد صاحب ڏٺي، وائي وهائج وير
ڪٿين جي هارائين متان ٿئين دلگير
لاتقنطوا من رحمة الله سپيئي لنگهندا سير

Gul Hayat Institute

سچو سخن سبحان جو سڻين ٿيو سڌير
جن سان محمّد مير تن کي ڪانہ ٻاک ٻهير ۾.

(١٠)

وحده لاشريڪ لہ واحد وهائج وٿ
ڪٿين جي هارائين تہ هي تنهنجو هٿ
پرين ڏيندءِ پٽ، پري جام جنّت جو.

(١١)

وحده لاشريڪ لہ، جن اُتو ڏينهن ازل
تن مڃيو محمّد ڪارڻي منو مير مرسل
ان تان خوف خلل، مولا مڙيئي معاف ڪيا.

(١٢)

وحده لاشريڪ لہ جڏهن وائي واريائون
تڏهين ڪلمي سان ڪفر جي، ٻيائي ٻاريائون
مُدعي ماريائون، مڃي محمّد ڪارڻي

(١٣)

وحده جي وڍيا، سي ڪن الله ڏي آر
هنيون حقيقت گڏيو طريقت رکن تار
معرفت جي ميدان ۾ ڏورين در ڏاتار
سُک نہ سُتا ڪڏهين ساري سپ جمار
وحدت وارو وار، اصل ڪم عاشقن جو.

(١٤)

وحد تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدة ڪار
حق حقيقي هيڪڙو ٻيا وجائج ويچار
هو هلاچو هر وار، رک سدائين روح ۾.



(١٥)

وحدتاً ڪثرة ٿي، وحدت ڪثرت ڪم
حق حقيقي هيڪڙو ٻيا وجائي سپ وهم
هو هلاچو هم، ٻالله سندو سڄڻين

(١٦)

تون چئو الله هيڪڙو ٻوڙا ٻيو نہ چاڻ
”وحده لاشريڪ لہ“ پرور چيو پاڻ
اُو تان توئي ساڻ، سڄڻ ساهہ پساهہ ۾.

(١٧)

تون چئو الله هيڪڙو ٻولي ٻي مَر ڏار
لم يلد ولم يولد پرين ڪر پچار
تہ ڏيهہ ڏٺي ڏاتار، رهي تنهن جي روح ۾.

(١٨)

وحده لاشريڪ لہ جن پرتئون چيو پاڻ
تن مڃيو محمّد ڪارڻي هيجئون هنئين ساڻ
اُن تان قادر لاٿي ڪاڻ، ابتڙ سي نہ اوليا.

(١٩)

وحده لاشريڪ لہ اي پروڙج پند
ڪٿين جي هارائين هيءُ تنهنجو هند
مهندان ڏيندءِ مند پري جام جنت جو

(٢٠)

صمد، صاحب، ڏٺي اُتو جن اصل
تن مڃيو محمّد ڪارڻي اُهي آگي ڪيا امل
ان تان پلي لاٿي پل، ابتڙ سي نہ اوليا.

Gul Hayat Institute

(٢١)

صمد، صاحب، ڏٺي اتو جن الست
تن مجيو محمّد ﷺ ڪارڻي سي ٿيا محبت ۾ مست
ان جي پرور رکي پت، ابتڙ سي نہ اوليا

(٢٢)

وحده لاشريڪ لہ، جن ڏٺو ڏينهن ميثاق
تن وسائي وجود تي سدا محبت ماڪ
پرور ڏٺي پاڪ، مجيائون محمّد ڪارڻي.

(٢٣)

جن مجيو محمّد ڪارڻي سي سنڌ ويا سچار
راتو ڏينهان روح ۾ ڪن پرين جي پچار
تن مان واحد سپ ويچار، قادر ڪل ڪيدي چڏيا.

(٢٤)

قادر ڪل ڪيدي چڏيا نسورا نور ٿيا
لَاَخوفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَاَهُمۡ يَحۡزَنُونَ سچن سور ويا
مولي معمور ڪيا، انگ انهن جا ازل ۾

(٢٥)

سگهن سڌ نہ سور جي، ڪن رويو رنجوري رنگ
پيل پاسو پٽ تي پچن جيئن پتنگ
وحدت جي ونگ، ڪيا لعل لشاري چئي

(٢٦)

سگهن سڌ نہ سور جي، اگهن چا آچار
پيل پاسو پٽ تي ڪن وصل جو ويچار
پرين جي پچار، رهجي وين روح ۾.



(٢٧)

سگهن سڌ نہ سور جي، اگهن چا احوال
پيل پاسو پٽ تي گهرن واحد جو وصال
جانب جي جمال، ڪيا لعل لشاري چوي.

(٢٨)

سگهن سڌ نہ سور جي رڙڪن رنجوري رجال
پيل پاسو پٽ تي مجذوبن مثال
لڳين لوهہ لشاري چئي جر وهائين جال
جانب جي جمال، ڪيا مست ميدان ۾.

(٢٩)

نابودي نهال، عبد ڪي اعليٰ ڪيو
مورت ۾ مخفي پيا صورت ۾ سال
ڪبي ڪيهي ڳال، پريان سندي پار جي.

Gul Hayat Institute

## ربنواز "ربن" فقير ابڙو

رزق پکين کي ربّ آ ڏيندو — تون به انهيءَ کان گهرندو ڪر
حقيقي مالڪ هڪ آ سڀ جو — تون به انهيءَ در جهڪندو ڪر
ڪولين، ڪيڙن ماڪوڙن کي — بر ۾ بلائن ۾ بگهڙن کي
روزي جو ربّ ذمو کنيو آ — سوال تون ان کي ڪندو ڪر
ڏاند نه ڪي ٻج پوک جني کي — پوءِ به خدا ڏي گنج تني کي
بک تي ڪنهن ڪين سمهاري — نام تون ان جو ڳڻهندو ڪر
مون ته ڏٺو آ ڪيئي ويچارا — بر پٽ ۾ هن جن جا گذارا
رُڄ ۾ تن کي ربّ آ ڏيندو — ذڪر صلواة پيو پڙهندو ڪر
ذڪر سان دليون ٺارين جيڪي — مالڪ کي نه وسارين جيڪي
ڏک نه ڪڏهن به ڏسنداسي ڪو — ذڪر وارن سان رهندو ڪر
رب ۽ رسول جي "ربن" ثنا ڪر — حمد لکي پيو پُر پنا ڪر
مالڪ سان ڪري ياد نبي کي — اهو وسيلو وٺندو ڪر.



## مولانا رحيم بخش قمر

(١)

الله جل جلاله، پنهنجوئي مٺ پاڻ
ناهي تنهن ڪريم کي، ڪنهن جي هرگز ڪاڻ
عالم جي اڳواڻ، جيون سچو جهر ڪاڻيو

(٢)

پرون پڇي لال ٿيا، ڪٻڙ ڪٿوريا خوب،
ماروئڙا محبوب، چوندي ڪائن چاهه سان!

(٣)

پيرون پڇي لال ٿيا، ڪٿوريا ڪيت،
پٽ ڏٽيءَ جا بيت، جهانگين اڄ جهونگاريا!

(٤)

پيرون پڇي لال ٿيا، ڪٻڙن ڪيئي ڪوءِ،
مان لاڪو چئي، رو پهري آ روءِ،
پهچي پهنوارن کي، پٽن منجهان بوءِ،
جهانگيئڙن جي جوءِ، بهتر پانيان باغ ڪان!

(٥)

پيرون پڇي لال ٿيا، ڪٻڙ ڪٿوريا ڪوڙ
لامن مٿا لاڪو چئي، موتين ڳتيا موڙ
جهانگي ڏسيو جوڙ شاڪر ٿيا شڪور جا!

(٦)

پيرون پڇي لال ٿيا، ڳليون واسيون ڳچ،
سرتيون سنيري هليون، سو تر ڪٽي سچ،
ڪوريو دل مان ڪچ، ڪلمي ساڻ ڪريم جي!

Gul Hayat Institute

(٧)

پيرون پڪا، لامون لڙيون ماڻڪ ڪج ڪا موٽ،
چنيو چپر چانوَ ۾، گڏجي ڪائون گھوٽ،
چٽني پاسي چوٽ، ڏيون هاڻ ڍاڳ ڪي!

(٨)

گل ڦل، غنچا، مکڙيون، ماڪيا انب، انگور،
راحم، ربّ غفور، موتي ٿاهيا ماڪ مان!

(٩)

گل ڦل، غنچا، مکڙيون، ماڪيا گونج، گلاب،
مکڙين ڪي موتين جا، پاتا هار حباب،
شاخن ساڻ شباب، دائم آهي دوستي.

(١٠)

گل ڦل، غنچا، مکڙيون ماڪيا پيچ پني،
راحت جتي روح ڪي، ڏسندي خوب ڏني،
ڏينهان پاندچني، لڪيو وڃي لوڪ ڪان!

(١١)

گل ڦل، غنچا، مکڙيون، ماڪيا ڪنول ڱليون،
ولهارن وليون، پڪڙيون آهن پرت مان!

(١٢)

شاخن تي شبنم، موتي هاريا مُرڪ مان،
گلشن سدا غم، لٿا سيئي لاڪو چٽئي.



## رسول بخش تميمي

لوح قلم تنهنجو واحد تنهنجو وجود،
نہ ڄڻي، ڄائين هيڪل تون ئي معبود

سنسار سمورا تنهنجي مظهر جا نمونا،
مرسل سارا مع تنهنجي ئي محمود.

عالم آب و خاڪ ۾ انسان اشرف آ،
بنده آدم، احمد ڀي سر بسجود.

تون خالق تون مالڪ تون لاثاني آن،
سرِ تسليم هو ساري خلق ري مردود

تون ٿاهين تون ڍاهين تون حاڪم خلق،
تون مالڪ تون رازق تون ئي مسجود.

صوفي، ڪوفي صحو سُڪر ۾ معمور
مشرڪ توڙان تڙيل مثل مردود.

ٿُرهو "تميمي" ڪندو هو پار ستار،
رحمان، رحيم، ڪريم ربّ مودود.

Gul Hayat Institute

## سيد رفيق احمد شاھ امروٽي

هر پاسي حق موجود ڏٺم موجود بہ لا محدود ڏٺم
سنسار سموري کي عابد ۽ مالڪ کي معبود ڏٺم

(۱)

ڪِٿ ان جو رنگ نظر آيو ڪٿ ان جو هڳاءُ ڪثير آيو
ڪٿ ان جي چمڪ چٽي بہ ڏٺم ڪٿ ڪوڙ تہ ڪٿ چِٽي بہ ڏٺم
ڪٿ پردي ۾ بہ ڏٺم ان کي ڪٿ ظاهر ان جو وجود ڏٺم

(۲)

هر بڪ ۾ هو هر تاس ۾ هو ڪوڙاڻ ۾ هو ۽ مٺاس ۾ هو
احساس ۾ هو حساس ۾ هو ناسمجهيءَ ۾ ۽ حواس ۾ هو
ڪَل ۾ هڏ ۾ ماس ۾ هو مَن ۾ بہ ڏٺم تہ و دود ڏٺم

(۳)

جنهن ديد ۾ ديد تہ ديد ۾ هو اک پوريل ۾ اميد ۾ هو
هر ٻِيت هو رڙڪي ۾ هو هر چٽگ ۾ هو پڙڪي ۾ هو
هر سانت ۾ هو ڪڙڪي ۾ هو تسليم ڪيم هو سود ڏٺم

(۴)

هر محسن ۾ احسان ۾ هو هر درس ۾ هو هر ڏيان ۾ هو
عرفان ۾ هو اعلان ۾ هو ڪولي جو پڙهيم قرآن ۾ هو
تہ ”رفيق“ ڏٺم ايمان ۾ هو هڪ سيد جو مسجود ڏٺم.



## پير سيد زين العابدين ”زينل“ جيلاني

سڀ ڪان اول ان جي ثناء، ستار جل جلالہُ
خلاق خالق هڪ خدا، ڪلتار جل جلالہ

مڙنان مٿي مالڪ هڪو، ثاني سندس آهي نہ ڪو
بالا بلند تنهن جا بقا، جنسار جل جلالہ

والد ولد کان پاڪ سو، عالم ڏٺي افلاڪ سو
بخشش جنهن جي بي انتها، آڏار جل جلالہ

مان عدم جوڙي اُتم، ان جي اندر ڪوڙين قسم
جوڙ جوڙي سڀ جدا، هروار جل جلالہ

ڏوھ ڏسيو ڏان ڏي، ۽ رزق بي پايان ڏي
ڪين جانچي ڪا خطا، انوار جل جلالہ

سو ضعيف ”زينل“ جو ڏٺي آ جو ڪندو عاصي ڪٺي
هر ڪنهن مٿي ان جي عطا، ڏاتار جل جلالہ

Gul Hayat Institute

# حمد شريف

واھ عجب تنھنجي وڏائي، سڀ ڪرڻ وارو بہ تون
تون خدا تنھنجي خدائي، سڀ گڏڻ وارو بہ تون

سڀ ڪنھن اڪيون تو ۾ سڄڻ، سوالي نہ خالي ٿو وري
ڪو نہ تنھنجي ڪوبہ در تان، لا اُبالي ٿو وري
توکي سدا سونھي سخا، ھر ويل ٿي اي يا خدا
ري دير ري ڪو دان ڏي، ھر ڪنھن ڏيڻ وارو بہ تون.

ڪُن جي اندر ڪوڙئين قسم، جوڙين سڄڻ جنسار تون
ري دير جي داتا ڪرين، بخشش گھڻي بسيار تون
مسڪين چورا ٻار گئين، پيادا ٿيا ھسوار ڪئين
سُڄن ڪرين سلطان تون، ٻُڪين پرڻ وارو بہ تون

ھر وقت ۾ ھر ملڪ ۾، ھر جاءِ حڪم تنھنجو ھلي
ھي دور دنيا جو سڄو، چرخو سڄڻ توکان چلي
سڀ ڪي ھلائين تون پيو، بگڙي بنائين تون پيو
ادنيٰ منجھان اعليٰ ڪري، عالم اڏڻ وارو بہ تون

ذر ذر تہ ھي 'زينل' پيو، تو ڏي ڏسي ڏاتار بس
جھول آ تو در جھليو، توکان پني پينار بس
آھين وڏو بالا بلند، تون لم يلد ۾ ھو صمد
ھي درد جون دانھون سُڻُ، سڀ ڪجھ سُڻڻ وارو بہ تون



## سڪيلڏو لاڪو "سڏير لاڪو سروري"

(١) ربّ پاڪ توتي منھنجو پختو ايمان آھي
توکي سونھي وڏائي تنھنجو ئي شان آھي

(٢) آڪاش ڌرتي ساري شمس و قمر ستارا
لولاڪ کي ڏنو تو جوڙي جھان آھي

(٣) آيا نبي گھڻائي ڪولي اُنھن ٻڌايو
قائم نماز ڪريو ربّ جو فرمان آھي

(٤) ايڏي وڏي دنيا آ جنھن جو شمار ڪونھي
عبرت لڳي ٿي ڏسندي ھر ڪو حيران آھي

(٥) ساري دنيا ھلائڻ سوکي تہ ڳالھہ ناھي
سڀ تي نظر آ تنھنجي تولاءِ آسان آھي

(٦) انسان جن ملائڪ وڻ ٽڻ پکي پيا سڀ
ساراھ ڪن خدا جي ربّ ئي رحمان آھي

(٧) قائم آ تنھنجي قدرت عبرت سڄي لڳي ٿي
جاہ و جلال تنھنجو سڀ ئي سبحان آھي

Gul Hayat Institute

(٨) پنهنجي فضل ڪرم سان ڏي تون دان سڀ ڪي
دل جان سان ميجو مون تنهنجو احسان آهي

(٩) هو بدگمان چون ٿا دنيا هلي پئي پاڻهي
تن ڪان پڇان اوهان وٽ ڪهڙو گمان آهي

(١٠) ربّ پاڪ تون اسان تي پنهنجو ڪرم ڪنجائين
نہ ڪتيو نہ مون ڪمايو سوئي ارمان آهي

(١١) خاموش رات ڪاري، تيڙو نڪت ڪتيون
تن جو ذڪر الاهي ربّ ڏي ڏيان آهي

(١٢) پيدا ڪيو اٿيئي جنهن، سو واحد متان وسارين
لاڪا "سڏير" توتي ربّ مهربان آهي.



## سهراب علي گوپانگ

ربّ جي اڳيان ڪمزور ٿي ڪرندا اِنس هجن جِنات
بيشڪ زور آ ربّ جي ذات
جن جن زور لڳايو تن جا جوش ڍٺا جذبات
بيشڪ زور آ ربّ جي ذات

آدم ڪي تعظيم جو سجدو ڪونہ ڪيو ابليس
هَٺ تي چڙهي انڪار ڪري پئي هوڏ هلائي خبيث
ربّ آڏو پر ڪنهن مغرور جي ڪهڙي آ اوقات

نوح چيو آ ٻوڏ ڏمر، هي ٻيڙو آهي بچاءُ
جيڪي چڙهيا محفوظ رهيا ۽ ڏسندا رهيا هي لڪاءُ
ظالم قوم ٻڏي پئي ساري، زير ڪٽي ظلمات

خوش ٿيو ابراهيم ڪي اڇلي آگ اندر نمرود
چاليهہ ڏينهن سا باه ٻري، پر تاءُ نہ هو موجود
ربّ جي هڪل سان باهہ بڻي جڻ بهشت سندا باغات

حضرت لوط ڪي قوم جڏهن جو پهچايو ايذاءُ
مهمانن ڪي ساڻ نيڻ جو هن سان ڪيئون اٽڪاءُ
پٿرن جي وسڪار ٿي تن تي جيئن ڦٿي پرپات

ڪاهي وارن ڪي بہ خدا جو خوف نہ آيو ياد
باهہ ۾ ساڙين مومن ۽ پڻ تن جي گڏ اولاد
ربّ جو قهر جو پهتو تن ۾ پئجي وئي هيهات

Gul Hayat Institute

کھڙيِ اِرَم وارن جي ڪيان مان ناشڪري جي ڳالھہ
وافر ميوا، ڍيم جي هوندي بي قدري جي ڳالھہ
باغن سوڏو ڇَر ۾ لڙهيا، بس وائي بچي آ وات

قوم شعيب نبي کي چيواج جيڪر ٿئي وسڪار
تنهنجي ڳالھہ مڃينداسين ڪجھہ ظاهر ڪر آثار
وعده خلافي تي تن تي پوءِ باه وٺي برسات

قوم عاد ڪئي وئي هڪڙي واچوڙي ۾ تباهہ
اهڙو حال ويو تن جو جيئن آ ٿيندو گاه
نافرمانن تي پيو ڪڙڪي ويندي ستين رات

لشڪر ڪاهي ابره آيو ڪعبو ڊاهڻ لاءِ
ساڻ وٺي ساٿي ۽ هاٿي جلد مٿائڻ لاءِ
تن کي ابابيلن چٿيو بس چند لڳا لمحات

هڪ الله ﷻ جي ورد جو دل ۾ آهي سدا پڙلاءُ
ڏک ڏک جيئن جيئن ٿيندي آهي ايندو آهي ساءُ
منڙي محمّد ﷺ کان آ هلي سا ساھہ کان وڌ سوغات

موت برابر اچڻو آهي ايندو سُري ”سهراب“
ملڪ الموت حياتين جا پيو بند ڪري ٿو ڪتاب
پاڪ خدا کي پارت آ شل! سولي ڪري سڪرات



## سهيل ابڙو

الاهي نام تنهنجي سان قرار آ بيقرارن ۾
صفت تنهنجي عيان جڳ جي سمورن ساهوارن ۾

اچو احرام پائي در تنهنجي آڏو ٿيس حاضر
ڏسي ڪعبي سندو تجلو نہ هُس پوءِ هوش سارن ۾

سيئي جلوا زماني جا ”حطيم“ اندر ٿين مُڙدا
هتان ديدار ’ربّ گهر‘ جو، سرس آ سڀ نظارن ۾

چار ئي پاسي هئو قبلو چار ئي پاسي رڳو ئي تون
هُئي هر سو رحم بارش، تسلي هئي مون پارن ۾

هجومن کي هٽائي تو چمايو ”حجرِ اسود“ هو
هيس ڪمتر مگر بڻيس، نهايت مانَ وارن ۾

ايامن جو اچايل مان، ٿيس سيراب ”زم زم“ سان
ڪري ٿو حمد نعمت جو ”سهيل ابڙو“ هزارن ۾.

Gul Hayat Institute

## سيف سولنگي

اسين تنهنجا بندا گنهگار آهيون
مگر رحمتن جا طلبگار آهيون

گهرون ٿا اسين توکان معافي اي مالڪ
گناهن تي پنهنجي شرمسار آهيون

مجون ٿا ته دنيا هڪ اسٽيج آهي
اسين سڀ اُنهيءَ تي اداڪار آهيون

سدا راهه تُنهنجيءَ تان ڀٽڪي وياسون
ڪڏهن مون چيو آ وفادار آهيون

فضل تون ڪجان ۽ عدل پڻ ڪپي ٿو
چيو "سيف" ڏاڍا خطادار آهيون



## شاهپسند "فياض" چانديو بلوچ

سنڌءِ ذات اعليٰ اُتم
سنڌءِ ڏات اعليٰ اُتم

ڪرم تي ڪرم ٿو ڪري
ٿي برڪات اعليٰ اُتم

هي تخليق آدم سنڌءِ
ٿي سوغات اعليٰ اُتم

دنيا جي ڏسي سونهن کي،
نشانات اعليٰ اُتم

قدامت، سان قائم سدا،
ڪرامات اعليٰ اُتم

وڏا ڀال انسان تي
ٿي خيرات اعليٰ اُتم

صدا ٻاجهه ٻانهن تي آ،
رکي جهات اعليٰ اُتم

Gul Hayat Institute

# حمد

ڏات سان ڪائنات ۾ وسعت
ٿا رکن سڀ صِفات ۾ وسعت

جوڙ دنيا جي شان واري آ،
ٿي رهي جوڙ ذات ۾ وسعت

ڪير منڪر سندءِ صفت ناهي،
الله جي بات بات ۾ وسعت

ڪين تخليق ۾ رکيا ويچا،
چنڊ تارن جي رات ۾ وسعت

سبق سڀ کي ڏنو صداقت جو
توڏي جهات جهات ۾ وسعت

پاڪ پرور بنا فرق ڏئي ٿو
جاڙ جي لات لات ۾ وسعت



# حمد

تخليق آدمي جي ظاهر ڪري ٿي عظمت،
دنيا ۾ چوطرف هر شي مان ٻري ٿي عظمت.
حيران ٿو ڪري دنيا کي نئون، نظارو،
انسان جي نظر ۾ تن مان تري ٿي عظمت.
يڪتا وجود هر هنڌ موجود ٿيو دنيا ۾،
هر چيز جڳ جهان جي دل سان پري ٿي عظمت.
رحمان جو رحم دنيا کي جلا ٿو بخشي،
رحمان جي اکين جي آڌو ڦري ٿي عظمت.
ساپيان ٿين سمورا انسان جا ٿا سپنا،
انسان ڏي جڏهن سائين جي وري ٿي عظمت.
بيحد رحيم آهي رحمت رکي ڪشادي،
بيڪار سوچ تي هن جي ناسري ٿي عظمت.

Gul Hayat Institute

## شاهنواز ”جان“ چنا

چئي پاڻ پرين صلي الله،
ٿي ويواڄ محبوب جو مولا.

مالڪ جا محمّد ۾ جلوه،
سبحان الله، سبحان الله.

مون مديني جي گهٽين ۾ ڏٺا،
وحدت ۽ ڪثرت جا چرچا.

مان توکان هڪڙو سوال ڪيان،
هي نعت لڳي ٿي يا حمد، ٻڌا.

ڪاهل ٿي وئي قوم اسان جي،
سنڌ ۾ گهري پئي من ۽ سلويٰ.

ڪٿ وڄرائين دهل درن تي،
ڪٿ ڪسرائين پيو شهزادا.



ڪون وريا ۽ وڃي تنهنجا ٿيا،
روح ڪيڏي ويا، جن جا فرشتا.

توکي ڳولڻ مشڪل ناهي،
قلب ٽٽل، تنهنجا ات ديرا.

عشق حقيقي ڪيو جنهن صوفي،
چريا ته نه ٿيا، ٿيا مست ”چنا“.



Gul Hayat Institute

## سيد شبير شاهہ ”هاتف“ تڪڙائي

نہ ڪو سنگي، نہ ڪو ساٿي، نہ مائٽ رشتيدار آهي
اسان جي حال جو محرم تہ بس پروردگار آهي

اچو گڏجي ڪريون اڄ حمد هن باري تعاليٰ جي
هر جنهن جي قبضہ قدرت ۾ هي ليل و نهار آهي

جا سيني ۾ ٿي ڌڙڪي دل اُها حڪم الاهيءَ مان
سسيءَ ۾ ساهہ جيڪو اُن تي هن جو اختيار آهي

اُهو عزت ڏيڻ وارو، اُهو ذلت ڏيڻ وارو
اُهو خالق، اُهو رزاق، اُهو پروردگار آهي

اگرچہ ڪعبۃ الله آهہ بيت الله بہ حڪم الله
اهو پڻ سچ تہ هر مومن جي دل هن جو ديار آهي

سفر ٿيندو سٺائو جي هو ٻاجهارو ڪندو ٻاجهون
گناهن جي پري سِر تي، عدم جي رهگذار آهي



هو غفار الذنوب آهي، هو ستار العيوب آهي
يقيناً بخشبو جيڪو بہ عاصي عيبدار آهي

اميد آهي تہ هن دنيا ۾ مولا جو ڪرم ٿيندو
مسلمانن جو هن دنيا ۾ ڏاڍو حال زار آهي

گهرڻ جو ڏانءُ جي ڪونهي تہ ڇا ٿيو؟ ري گهريو ڏيندو
سَتر مائن ڪان وڌ هن جو اسان ٻندن سان پيار آهي

محمّد ﷺ مير جي صدقي اگهائج عرض عاجز جا
اِلاهي تو اڳيان ”هاتف“ سراپا انڪسار آهي

Gul Hayat Institute

## ربّ ذوالجلال ج

### شوڪت علي ابڙو ”شوڪت“ هالائي

منهنجا خدا! توکان سواءِ ڪوئي نہ آ ڪوئي نہ آ
اي ڪبريا توکانسواءِ ڪوئي نہ آ ڪوئي نہ آ

خالق تون ئي مخلوق جو، رازق تون ئي ذي روح جو
حاجت روا! توکانسواءِ ڪوئي نہ آ ڪوئي نہ آ

موجود تون، مقصود تون، محبوب تون معبود تون
حرف دعا! توکانسواءِ ڪوئي نہ آ ڪوئي نہ آ

مشڪل ٿئي وارد تہ پوءِ تون ئي ٻڌين ٿو هر صدا
مشڪلڪشا! توکانسواءِ ڪوئي نہ آ ڪوئي نہ آ

پيو ريگزارن ڪوهسارن، ڪائناتن ۾ وَسين
جلوه نما! توکانسواءِ ڪوئي نہ آ ڪوئي نہ آ

ڀٽڪي ويا جي واٽ تن کي تون رسائين ماڳ تي
تون رهنما! توکان سواءِ ڪوئي نہ آ ڪوئي نہ آ

”شوڪت“ جي دل جا دور غم، توئي ڪيا توئي ڪيا
غم آشنا! توکانسواءِ ڪوئي نہ آ ڪوئي نہ آ



### شهباز علي ”ملازم“ سروري

بخير ذڪر و بيان لاالٰہ اِلاّ الله
عظيم ورد زبان لاالٰہ اِلاّ الله

ثبوت اولين ايمان مومنن جو بحال
صدائ قلب و لسان لاالٰہ اِلاّ الله

سُڪونِ قلب حزين قوّت دماغ و جگر
علاج خوب عيان لاالٰہ اِلاّ الله

خزان جي خوف کان محفوظ خاص دل جو چمن
حفيظ هر دوجهان لاالٰہ اِلاّ الله

نتيجو ظلم و ستم جو زيان رسائي ضرور
عجيب راز نهان لاالٰہ اِلاّ الله

محيط مالڪ مخلوق مهربان مولاٰ
رحيم فيض رسان لاالٰہ اِلاّ الله

زماني ڪنهن کي ”ملازم“ قرار ڪونہ ڏنو
مقامِ امن و امان لاالٰہ اِلاّ الله

Gul Hayat Institute

خلوصِ دل سان خدا ڪان سدائين خير گهرو
جناب حمد و ثنا ڪان سدائين خير گهرو

زيان و زلزلا سيلاب سبب تباهي جا
سميع آه و بڪا ڪان سدائين خير گهرو

مزيد آهي مصيبت جو بحر مستي ۾
سوار آب و هوا ڪان سدائين خير گهرو

ٻيو آ ڪير مددگار ٿئي جو مشڪل ۾
دفاع رنج و بلا ڪان سدائين خير گهرو

دقيق دور ۾ ربّ العليٰ ڪان خير گهرو
جناب جود و سخا ڪان سدائين خير گهرو

گناهگار جي تقدير ٿو مٽائي سگهي
امين ڪلڪِ قضا ڪان سدائين خير گهرو

شديد قهر و غضب بي حساب جوش جلال
قهار بي پروا ڪان سدائين خير گهرو

بچائي بحر مان اهڙو ئي مهربان آهي
شفيق شاهہ شفا ڪان سدائين خير گهرو



نتيجو شامتِ اعمال جو نمايان ٿيو
شفيع جرم و خطا ڪان سدائين خير گهرو

رهائي حال حقيقت ۾ پنهنجو لطف ڪري
رحيم راهنما ڪان سدائين خير گهرو

خزان ڪان بعد يقيناً آهي اميد بهار
حڪيم هر دو سرا ڪان سدائين خير گهرو

صدا اهائي شب و روز آ "ملازم" جي
عليم ارض و سما ڪان سدائين خير گهرو

❊❊❊❊❊

خيال و خبر خوبتر ۾ بہ تون
آهين نظريہ نامہ بر ۾ بہ تون

تون ئي نورِ مظهر جو مالڪ مدام
حقيقت ۾ حاضر گذر ۾ بہ تون

هوا باهہ پاڻي مٽي مختلف
عناصر جي هر ڪنهن اثر ۾ بہ تون

ابرِ باران برق و رعد با نظام
ڪم از ڪم ڦُڙي جلوه گر ۾ بہ تون

Gul Hayat Institute

متي هيٺ هر پاسي هر ڪنهن مڪان
جبل جهنگ جهر بحر و بر ۾ بہ تون

اجا ڪيئن نہ مون کي ٿئي اعتبار
”اکن ۾ بہ تون ۽ نظر ۾ بہ تون“

ٿيو راز جو آهي صورت ثبوت
ملائڪ ۾ جن و بشر ۾ بہ تون

سندءِ بي مثال آهي ذات و صفات
خبردار خود بي خبر ۾ بہ تون

هئين تون ۽ آهين تون هوندين بہ تون
وطن ۾ بہ تون ۽ سفر ۾ بہ تون

ڪئي خوب باريڪ بيني تلاش
آهين ذري جي دل جگر ۾ بہ تون

پس و پيش پهلو کي ڪامل قريب
مددگار هر حال پر ۾ بہ تون

”ملازم“ يا حاڪم يا افسر امير
گداگر سان راهہ گذر ۾ بہ تون



*****

عجب شانِ قدرت اُتم الله الله
نہ مون ۾ ثنا جو ڪو دم الله الله

ملي ذري ذري کي خوش ضوفشاني
عنايات جو پيچ و خم الله الله

بيابان کي بخشي گلستان جو رتبو
ڪنيون گل جو بلبل قسم الله الله

پهاڙن کي پاٽي ڪري هو سگهي ٿو
جلالت جو جوش قدم الله الله

نہ ساٿي بيو سوزِ دل سان سفر ۾
مگر مونسِ غم الم الله الله

سڄي زندگي خوابِ غفلت ۾ ويئي
سندم چشم نم دم بدم الله الله

مَهي جي هٿان مست هاٿي مارائي
ڪم از ڪم هي قدرت جو ڪم الله الله

نگاهہِ ڪرم سان تو جنهن کي نوازي
جهان ۾ اهو محترم الله الله

گنهگار جو کهڙو اعمال نامو
صدائي ”ملازم“ ڪرم الله الله

Gul Hayat Institute

❋❋❋❋❋

ڪنهن ڪان نہ تمام ٿي تنهنجي ثنا، سبحان الله سبحان الله
ڪُل فاني مگر هڪ توکي بقا، سبحان الله سبحان الله

ذري ذري ۾ تنهنجو راز عجب، هر صورت ۾ ٿيو ساز عجب
رهيو همدم وردِ زبان وهہ وا، سبحان الله سبحان الله

تون اول ۾ تون آخر ۾، تون باطن ۾ تون ظاهر ۾
آهي ڪونہ ٻيو ڪو توکان سوا، سبحان الله سبحان الله

ڪوهہ ڪاف ڪپاهہ ڪري ٿو سگهين، دم مردهہ دل ۾ پيري ٿو سگهين
تنهنجي طاقت حڪمت لاحد آ، سبحان الله سبحان الله

جبلن جو وجود وڃائي ڇڏين، اڪ ڇنڊ ۾ سمنڊ سُڪائي ڇڏين
تون بيشڪ آهين بي پروا، سبحان الله سبحان الله

تنهنجي حسن صفات حيران ڪيو ظاهر جو جهان ذيشان ڪيو
باطن جي نزاڪت ڇئجي ڇا، سبحان الله سبحان الله

تو ويرانا گلزار ڪيا، ڪٿي گل غنچا مسمسار ڪيا
اها عبرت آهي صبح و مسا، سبحان الله سبحان الله

خاموش زبان ڪمزور، قلم ٿيو عبرت ۾ گم علم و خرد
ڇا ٿي گذريو در ڪرب و بلا، سبحان الله سبحان الله

ڪر ماٺ "ملازم" هاڻي، ڪٿي هي ڳالهہ گهٽي ڪان آهي گهٽي
هت حيرت عقل ڪيو اغوا، سبحان الله سبحان الله



❋❋❋❋❋

يا الاهي پاڪ پرور لطف جي ڪر ڪا نظر
درد مندي دل جي ڪارڻ آهي ڪافي تنهنجو در

تو سوا منهنجو ٻيو ڪو نهي وسيلو واهرو
دل پريشان کي عطا ڪر جلد رحمت خوبتر

آهين تون دانا ۽ بينا مالڪ ملڪِ صفات
مان گنهگار آهيان عاجز، گهڻو شام و سحر

تون ئي مخلوقات جو خالق حقيقي مهربان
حڪم تنهنجي سان پيو چرپر ڪري ڪک پن ثمر

ڪر ڪرم قادر مون کي بلڪل براين کان بچاءِ
دين و ايمان سان سڙائو ٿئي حياتي جو سفر

مهربان مولئ تون آهين ڪر نوازش جي نگاهہ
خام دنيا جي خساري کان رهي دل بي خبر

واسطو محبوب تنهنجي جو ڏيئي توکي ڇيم
مون "ملازم" جون خطائون خاميون ڪر درگذر

Gul Hayat Institute

## شير دل سهتو ”نيڪ سروري“

(1) ڏس تون اوري الله ڏس تون اوري الله
چاهت چرخو چيگيزي چوري الله

(2) رکجان آسرو الله ۾، ياد سانديي رکجان ساهہ ۾
ڏهڪي ڏوري الله، ڏس تون اوري الله

(3) عهد ڪجان اورڻ جو، ترازو ۾ تورڻ جو
تہ نيڪيون توري الله، ڏس تون اوري الله

(4) ورد حمد و ثنا سان، بغاوت ڪجان تون انا سان
پرتئون پچوري الله، ڏس تون اوري الله

(5) رحمت جا در کلندا، عملي صلا توکي ملندا
ڏيندئي هوري الله، ڏس تون اوري الله

(6) پيرو ڪندئي تہ پلارو، پاڳ کوليندئي سارو
هڪڙي ئي ٿوري الله، ڏس تون اوري الله

(7) تن ۾ رکجان طلبون، ياد ڪجان پيو قلبئون
سرسو سوري الله، ڏس تون اوري الله

(8) ”شير دل“ ٿيندئي تہ سڻايون، سڄڻ جون بہ گهڻايون
پيڙو ٿيندو پوري الله، ڏس تون اوري الله



## حاجي شير محمد ”چغدو“

شڪر ڪريان ۽ حمد چوان،
۽ خالق ڪان ٿو خير گهران،
ياور ڪر تون عاصيءَ سان،
۽ شفقت پنهنجي خاڪيءَ سان،
ربّ منهنجو رحمان آهي،
۽ فرضن ڪان نسيان آهي،
منهنجي توبہ ڪي قبول ڪندو،
هي تنهنجو آهہ مجهول بندو،
حال منهنجو ۽ رحم تنهنجو،
انسان مجي ٿو جرم پنهنجو،
مومن تو اقرار ڪيو،
لا ٻولج هت گفتار ٻيو،
دائم دل دلگير آهي،
پر ٻانهپ دلپذير آهي،

الله سندو ٿو ذڪر ڪريان،
ٿو توبہ زاري ورد ڪريان.
رحمت پنهنجي معافيءَ سان،
آهہ ڪيڏي آءٌ بيان ڪريان.
هي ٻانهون ۽ انسان آهي،
’هائو‘ هردم ٿو اقرار ڪريان.
۽ زاريءَ ڪي مقبول ڪندو،
ٿو غفلت ڪي اقرار ڪريان.
هر بندي تي آ ڪرم تنهنجو،
اخلاق سندي ڪهڙي ڳالهہ ڪريان؟
۽ وعدو تو اختيار ڪيو،
تا حاصل شل ديدار ڪريان.
جو عملن جي تقصير آهي
شل راهہ سنيئن اختيار ڪريان!

ul Hayat Institute

## نواب شير محمد خان لغاري

تنهنجي تعريف ۾ بيان، ڇا ڪندو انسان ساري،
ذات پنهنجي ڪونہ ڄاڻي، ڪون سجهي انس وجان،
قُلْ هُوَ اللهُ اَحَدٌ الله پنهنجو ڪيئي پاڻهي بيان،
سا صفت سرور سڌاري.
بي مثل بيچون آهين، مالڪ هر دوجهان،
ڪل تي قادر آهين خالق، تنهنجو ڇا شرح بيان،
آهي بيحد بار باري.
منجهہ مداين عمر ساري، سڀ گذاريم بيگُمان،
صاف ڪر سڀ مونکي مالڪ، صدقي ڪلمي ۽ قرآن،
ٿو ڪريان نت زار زاري.
”شير محمد“ ڪي محمد ﷺ جي محابي مان ساڻ،
دور دنيا ۽ بقا ۾ شال رک ايمان ساڻ،
ڏي ڪا مهديءَ جي ڏڪاري.



(٢)

ياد ڪر دل سين مدام۔ دمبدم پنهنجي رهڻي ڪي.

لاالہ جي رمز سين ٿي محو تون هر صبح و شام،
پوءِ الا الله گڏ، روح پنهنجو صبح شام،
تاڻ هن پنهنجي ڏٺي ڪي.
دور دنيا جي مٺي، ويا سڀ گذاري،
خاص عام ياد رک، باقي بقا ڪي،
سڻ سچو صادق ڪلام، سمجهہ اوڪي اٿي ڪي.
پنهنجي پيغمبر تي دائم چئو تون صلواتون و سلام،
پنجتن تون چاڻ پيارا، يار چارئي تنهنجا ڄام،
واهہ واحد جي وڻي ڪي.
”شير محمد“ چئي رهہ تون، سڀ وڃائي خيال خيام،
دور دنيا ۽ بقا ۾ ڏيندو تو احمد انعام،
ڪونهي پولو تنهن ٻڌي ڪي.

Gul Hayat Institute

## عاشق حسين ميمڻ "عاشق هالائي"

خدايا خدايا تنهن جو شان افضل
وحده تون واحد، بي مثل، بي مثل

بنائي تو ذرتي، بنايو تو اُپ آ
بهارون خزائون گلستان صحرا
سمندر جبل ۽ درياءَ جهنگل

عجب سپ نظارا، سج چنڊ ۽ تارا
ٿيا رنگ تن جا نيارا نيارا
لڳن دل کي پيارا، نظارا سي نرمل

تنهنجو انت ڪونهي، تنهنجو ڇيهہ ڪونهي
تنهنجو ڏيهہ هرڪو پرڏيهہ ڪونهي
تنهنجو هنڌ هرڪو آهي ماڳ منزل

مڙن ڪان مٿي آهي تنهنجي وڏائي
سدائين آ قائم سندءِ ڪبريائي
بيان تنهنجو "عاشق" ڪرڻ آهي مشڪل



## فرياد

### ابڙو عبدالله "بيوس"

بديون بخش باري مان بدڪار آهيان
خطاڪار بيحد گنهگار آهيان

ختم زندگي ٿي گناهن ۾ ساري
نہ هڪڙي گهڙي نيڪ ٿي مون گذاري
رحم ڪر رحم جو طلبگار آهيان

شهنشاهہ عالي اٿم حال هيڻو
ڏکن جان جهوري ڪيو درد پيڻو
شفا ڏي تون شافي جو بيمار آهيان

بکاريءَ جي جهولي مُرادن سان ڀر تون
سوالي کي خالي هٿين ڪي م ڪر تون
تون ڏاتار آهين مان پينار آهيان

هي تننجو ڇڏي دڙ وجان ڇو ٻئي دڙ
تون "بيوس" تي پنهنجو اي قادر ڪرم ڪر
دنيا جي درن کان مان بيزار آهيان

Gul Hayat Institute

## عبدالله ”خواب“ حيدرآبادي

اهو حوصلو ڪر عطا يا خدا،
ڪريان حمد جنهن سان پڇا يا خدا.

گواهي ٿو تنهنجي ڏي باغ جهان،
بهار ۽ خزان هر فضا يا خدا.

هويدا ڪيو خير ۽ شر تو
برائي جزا ۽ سزا يا خدا.

نہ تنهنجو ڪو ثاني نہ تنهنجو شريڪ
تون واحد، احد، ڪبريا يا خدا.

سنئين واٽ گمراه کي ٿئي نصيب،
انڌي کي عطا ڪر عصا يا خدا.

مدايون مڙئي ميٽ مسڪين جون،
محابي مٿي مصطفيٰ يا خدا.

غلاميءَ مان انسان آزاد ڪر،
خدائي جا بُت ڪر فنا يا خدا.

سگهو سر بلندي ڏي اسلام کي،
سندم ’خواب‘ ڪر تون سچا يا خدا.



## شيخ عبدالله ”شيخ“

(١) پلي جون پلايون پلا کهڙيون ڳايان. هجن هڪ ٻہ تہ سيني کي سڻايان!
هتي تہ قصو آه ڪروڙن کان اڳتي، ڳڻي گڻ هن جا کهڙا ڳڻايان!!

(٢) اول سڀ کان اشرف جو تمغو ڏسو جو مليو آه بهتر سيني کان بشر کي
بڻايو خليفو خدا پاڻ پنهنجو، زمين تي هي اعزاز اهو گڻ ڳڻايان‘

(٣) قدرت جو خلقيو ڪره۔ ارض تي، ان تي آه قادر هي حضرت انسان
هوا ۾ اڏامي بحر ۾ تري يا، سڪي جون سواريون اهو گڻ ڳڻايان!

(٤) ملي حڪمراني بحر، بر، هوا تي، سمنڊن مان موتين جا ميڙي خزانا
ڪڍي معدنيءَ جي بي ملهہ مايا، خلا ۾ هلڻ جو اهو گڻ ڳايان!

(٥) ڏنو عقل ڏاتار حضرت بشر کي، بنايا باقي مطيع سڀ هن جا
سج چنڊ تارا حيوان و حشرات، خادم بشر جا اهو گڻ ڳڻايان

(٦) جڏهن بي سمجهہ آه معصوم انسان، خدا تنهن کي خادم رکي خود ڏيئي ٿو
مٺا ماءُ پيءُ مامون ۽ ماسي، بنا سي اجر جي اهو گڻ ڳڻايان!

(٧) جڏهن موٽي پيري اچي ٿي اسان جي، اسان جوئي اولاد خدمت ڪري ٿو
اهو آهي قدرت جو قانون، فطرت، اسان جي ضعف تي اهو گڻ ڳڻايان

(٨) مٺا ميوا، ماڪيون مصريون مٺايون، ثمر سارو آدم جي اڳيان رکيو ويو
اهو راز رازق جي راضپي جو، هن راضپي جو اهو گڻ ڳڻايان!!

(٩) هر آرزوءَ جو تعلق عمر سان، هر هڪ عمر ۾ ٿا ماڻيون مزا!!
شرافت ۾ ”شيخ“ جو هر منجهہ جواني، يا ٻچپن جون رانديون اهو گڻ ڳڻايان!

Gul Hayat Institute

❁❁

مالڪ بنائي تو عجيب خدائي
ڪٿي نور نوازين تہ ڪٿي گھور اونداهي

ڪٿي سگ لاءِ چٽ ۾ آه طعام موچارو
ڪٿي پيٽ سُڪي ٽڪر لاءِ سڪي ويچارو
ڪٿي محل ڪٿي ماڙ ڪٿي ڪُڙھ ۾ ئي ڪاڙھو
ڪٿي اوج ۽ عيش ڪٿي صاف سهائي

ڪوئي ريش ڪٿي مُڇ وَٽي وٺ ڏنگيري
ڪوئي مُڇ ڪٿي ريش رکي مُٺ وڏيري
ڪوئي ڏاڙھي مُڇون چٽ ڪري ڪٺ ٻڳنديري
ڪنھن ڏاڙھي مُڇون رک رکي خوب وڌائي

ڪٿي سربسجود شب و روز تنھنجي در
ڪي رات رُلي رول ڀھارين ڪنھنجو گھر
ڪي حق و صداقت سندا شير ڏھيسر
ڪي چوڪ چنڊا چور ڪن ڪوڙ ڪُڌائي

ڪوئي تور ۽ ماپ ۾ ڏنگ ڪري ٿو
مالھا جي ھر موتيءَ تي ھو چپ چوري ٿو
ڪمائي تہ ڪوڙ جي پر حج ڪري ٿو
ادائگي تہ فرض جي پر ڪچ ڪمائي

ڪوئي رنگ مٿي رنگيلو ويو ٿي ليڊر
لٽي ملڪ مقروض ڪيو ھن بازيگر
ڦُري ملڪ و قوم ڪي پريو پنھنجو گھر
سياست تہ آ سوڪڙي پر خوب ڪمائي



سنڌ ۾ هند جا پيل ۽ ڪولهي
اهي هن ملڪ جا اصل ڪان والي
رُلي ڪنيو رول ٿي هنڌ ڪٿولي
ساٽيھ ۾ ئي سورن ۾ سي ئي سدائين

ڪوئي رات ڏينھن ڪم ڪري پگھر وھائي
پوري پوءِ بہ پورھئي ۾ ھن جي ناھي
ڪوئي دوڪي ۽ دولاب سان پيو ڏن ڪمائي
واہ! رکي آه تو ھي ننڊ وڏائي

حق ۽ باطل جي آه جنگ جوٿائي
ڪن سات آه باطل ڪن حق جا ساٽي
تنھنجي راز ۽ رمز ڪي تون ئي ٿو ڄاڻي
”شيخ“ بہ سمجھي ناھي تو جا راند رچائي



Gul Hayat Institute

## عبدالجبار ”عاجز“ منگي

جڳ مڳ ٿي ستارن ۾ هر هنڌ ضيا آهي،
دنيا جي نظارن ۾ روشن تہ عطا آهي.

هر درد غمن ۾ پيي مشڪل جي گهڙين ۾ پيي،
هر وقت مٿي ربّ جي ٻانهي سان وفا آهي.

وهمن ۾ وڪوڙيو ٿي چو پنهنجي حياتيءَ کي،
سڀ شرڪ ڀُلائي ڇڏ توحيد بقا آهي.

ڏي رزق ڪُشادو ٿو انسان رهي خوش ٿو،
انسان مٿان ربّ جي ڪيڏي نہ سخا آهي.

بحرن ۽ ڪنارن ۾ آواز پيا گونجن،
لهرن ۾ انوکي ڪا جيئڻ جي صدا آهي.

تو ذات ڏني اعليٰ ۽ سوچ ڏني بالا،
۽ ذهن ٿيو روشن هِڪُ خيال دعا آهي.

انسان، پکي ۽ جن ٿا ذڪر ملائڪ ڪن،
مخلوق سندي لب تي خالق جي ثنا آهي.



جو ٻاجھہ ڪري ٿو پيو سونانءَ وٺي ڏِس تون،
۽ پڙهہ تون سچي دل سان تسبيح ضيا آهي.

هر آس پُڄائيندو جيون بہ سجائيندو،
ربّ پاڪ ڪندو بخشش جيڪا بہ خطا آهي.

هٿ پير سلامت هن احسان مٿان ٿو مان،
ربّ پاڪ جي هرحال ۾ جيون تي عطا آهي.

هر چيز ۾ حڪمت آ هر چيز ۾ رحمت آ،
واحد جي وڏائي ۽ عظمت ۾ ادا آهي.

هر گهاءُ عبادت ۾ پرجي ٿو ويجي پنهنجو،
تن من بہ توانو ٿئي دردن لاءِ شفا آهي.

ساهن جي رڳن ويجهو الله رَهي ٿو پيو،
دَمُ هڪڙو اسان کان پي ٿيندو نہ جدا آهي.

Gul Hayat Institute

## عبدالجبار ”عبد“

اللهُ ئي خالق آ، ان کي ئي بقا آهي.
مالڪ آ، جهانن جو هي ڳالهہ صفا آهي.

هر جاءِ ۾ ڪُندَ ڪُڙڇ ۾، جهر جهنگ ۾ بر بحر ۾،
”مخلوق سندي لب تي خالق جي ثنا آهي.“

هي ڳالهہ اٽئي پختي ربّ کي ئي بقا دائم،
هر چيز زماني جي ٿيندڙ تہ فنا آهي.

دنيا جي سموري ئي مخلوق جو ٿي مالڪ،
رحمان رحيم الله، هڪڙو ئي خدا آهي.

سهڻا ٿي خدا جا سڀ نالا تون ٻُڌي ڇڏ پل،
هر نانءُ خداوندي، دردن جي دوا آهي.

ٿيا ياڳ پلا پنهنجا احسان وڏا ربّ جا،
جو يار مليو مدني، محبوب خدا آهي.

ڪافر کي بہ ڏي داتا، مسلم کي بہ ڏي مالڪ،
ڏئي ڪو نہ پچاري ٿو، هي ربّ جي سخا آهي.

ماري تہ مسلمان ڪري ماري زماني ۾،
الله تعاليٰ کان، هي ”عبد“ دُعا آهي.



## عبدالحفيظ اُلرو

معاف ڪر منهنجا خدا احسانُ ڪر
تنهنجي در آ التجا احسان ڪر

نرڙمتيءَ تي اکين ۾ لڙڪ هِن
ميڙ توکي مصطفيٰ احسانُ ڪر

باهہ دوزخ جي سهي سگهندس نہ مان
مون کي جنّت ڪر عطا احسان ڪر

بارُ دل تي ڏوهہ پنهنجا ٿا لڳن
درگذر ڪر هر خطا احسانُ ڪر

ڪونہ ڏئي سگهندس خدا توکي حساب
معاف ٿئي مون کان پڇا احسان ڪر

زندگي گذري وئي آه گهڻي
پَل وڃي ٿورا بچيا احسان ڪر

آس تو ۾ آ رکي ”عبدالحفيظ“
قرب ڪر ڪي ڪبريا احسانُ ڪر

Gul Hayat Institute

## مولوي عبدالحليم ”درس“

1ـ واهہ واهہ وڻي ٿي پياري ٻولي لَاَاِلٰہَ اِلَّااللهُ
ٻنڊڻن ۾ ڏني امڙ هُئي لولي لَاَاِلٰہَ اِلَّااللهُ

2ـ هر دم وينو سائين کي ساري، قلب ڪٽيل کي يار اجاري
ذڪر ڪندين دل ٿيندئي پولي، لَاَاِلٰہَ اِلَّااللهُ

3ـ وڻ ٽڻ ٻوٽا پٿر پڙهن ٿا، ساسي ٻہ ساڳي لات لنون ٿا
پکي ٻہ چون ٿا پرڙا کولي، لَاَاِلٰہَ اِلَّااللهُ

4ـ جن انسان ۽ فرشتا نوري، مالڪ جي مخلوق سموري
آهي سڀن جي هي مشغولي، لَاَاِلٰہَ اِلَّااللهُ

5ـ قرضن مرضن کان ٿي بچائي، ڪثرت سان ڏس تون ٻہ ڪمائي
ڏک سک ۾ نہ پلائج پولي، لَاَاِلٰہَ اِلَّااللهُ

6ـ اوکي ۾ رڳو اسم الله جو لَاَاِلٰہَ اِلَّااللهُ جو
وٺڻ سان ٿيندئي سٺائي سولي، لَاَاِلٰہَ اِلَّااللهُ

7ـ ”عبدالحليم“ عمر تون ساري، رکجان زبان تي درس تون جاري،
رحمت برڪت واري چولي، لَاَاِلٰہَ اِلَّااللهُ



## عبدالحميد ”شهيد“ هالائي

اي خدا، منهنجا خدا، سڀ جا خدا!
خالقِ ارَض و سماء، تون مالڪ روزِ جزا!
تو تہ آ انسان کي ”احسن“ ڪري پيدا ڪيو
پاڻ کي مون پاڻ ئي ”اسفل“ ڪيو ارذل ڪيو!
تون بنائڻ وارو آهين، توکي آهي سڀ خبر!
انسان جي آ ڇا اندر!
توئي فرمايو اُهو
”انسان آ جاهل وڏو“
”انسان آ ظالم وڏو“
”انسان ناشڪرو بہ آ“
حق چيو برحق چيو بيشڪ چيو!
مون کي سڀ تسليم آ،
اي ڪہ ربّ العالمين!
اي ارحم الراحمين!
مون کي آهي اعتراف،
رحم سان پنهنجي ڪرين، منهنجو مدايون سڀ معاف
اڄ ٿو ٻاڏايان مان پنهنجا هٿ کڻي،
سرت ۽ ساڃاهہ جي ڏي ڪا ڪرم سان هڪ ڪڻي!
اي ڏڻي! منهن جا ڏڻي!! سڀ جا ڏڻي!!!

## ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ سومرو

هيءَ آ مخلوق تنهنجي، تون سڀِن جو ربّ ستّار،
ملڪِ لولاڪ تون مولا، سنڌ هٿ آ سنڀار.

تون تہ حاضر، تون تہ ناظر، ”سنة ولانومُ“ پاڻ،
تون ڏسين ٿو تون ٻڌين ٿو جابجا ليل و نهار.

تون هلائين ٿو، تون سنڀارين ٿو جهانن کي ڪريم،
آهہ قدرت تو سندي، قائم بقا تو پائدار.

بي مثل تون نور اعليٰ نورُ تون اي ربّ رحيم،
تون تہ حاڪم، حاڪمن جو، تو تہ والي نامدار.

تو ڪيا ارض و سَما پيدا، جڳت سنسار لاءِ،
تو ڏنو آ هر بشر کي، زيب زينت جو بهار.

يا خدا حڪمت بہ تنهنجي آهہ بي پايان عظيم،
ناهہ طاقت ڪنهن بشر کي، جو ڳڻي تنهنجا شعار.

سوچ تنهنجي آ سوائي، آدمي آهي اٻوجهہ،
”رحم واري ذات تنهنجي، رحم ڪر پروردگار“

طرف سڀ اطراف تنهنجا ٿيا سڀ روشن جميل،
ڪارسازي آهہ تنهنجي، بي مثل آهين تبار.



نفس هڪ هڪ جو تہ تون، مالڪ حياتي جو خبير،
ڪي نفي نابود، ڪي اثبات مليا جوڙجبار.

ڪي ڪيا ڪامل ولي تو ڪي گنهاهن ۾ اسير،
واٽ تنهنجي ٿا هلن جي، وڙوڏا تن تي هزار

التجائون ٿو ڪيان، در تنهنجي تون قادر قدير،
ڪر عفو منهنجون خطائون تون تہ آهين هڪ غفار.

مان گهران ٿو فضل تنهنجو رحم تنهنجو ربّ رحيم!
تون بچائج ”راز“ کي رحمت جو آ تنهنجو جوارُ

❁❁

ذات مقدس خالقِ اڪبر خدا تون،
مالڪ ڪونين تون، برتر خدا تون.

لَم يلد تون ولم يولد ذات تنهنجي،
مَٽُ نہ ثاني آهہ ڪو، هڪ اطهر خدا تون.

تو ڪئي سُرهي جڳت پيدا عجب تر،
هن سڄي سنسار جو مظهر خدا تون.

جوڙ جوڙا ٻَڪ پڪڻ، حيوان سارا،
ڪن پيا حمد و ثنا مُدبر خدا تون.

هي هوائون، هي فضائون سڀ تہ تنهنجون،
ٿو پچائين تون سڀِن، گهر گهر خدا تون.

Gul Hayat Institute

هر طبق تي حڪم حاوي آهہ تنهنجو،
هن سڄي جڳ لئہ اُتم اظهر خدا تون.

هي بحر درياهہ ڏنيون واهہ سارا،
ٿو هلائين جڳ سڄو بهتر خدا تون.

علم هر دل جو رکين ٿو پاڻ وٽ تون،
پاڻ مالڪ، صاحب دفتر خدا تون.

ٿا لکن سڀ ڪجهہ ڪراماً ڪاتبين هِتِ،
ڪر ڪرم تون، ذات هڪ مطهر خدا تون.

اُحد جيڏا هي ڳرا عصيان ڪيا مون،
رحم ڪر تون، ”راز“ تي رهبر خدا تون.





## الحاج آخوند عبدالرحمان ”انجم“ هالائي

مون ڪي ڪلمي سان مارج ۽ جيارج تون خداوندا!
بوقت صور اشهد سان اُٿارج تون خداوندا!

ڪچايون ڪيتريون ڪيڙم ڪبيرا ۽ صغيرا ڏوهہ،
سندم ڪوجها ڪِنا سڀ ڪم مسارج تون خدا وندا!

حقيقي آهين تون خالق، ڪريم و قادر و رازق،
ڪرم سان منهنجي عيبن کي سنوارج تون خدا وندا!

گنهگار آهيان گذري حياتي وئي گناهن ۾،
گناهن سان ڀريل ٻيڙي اُڪارج تون خداوندا!

سدا سڪ آهہ سيني ۾ پسائج روضئہِ اطهر،
مطهر آبِ زم زم جو پيارج تون خداوندا!

تون منهنجي لاءِ هالن ۾ بنائي طور موسيٰ جو،
اُها راحت اُهو جلوو ڏيکارج تون خداوندا!

گذر اوقات ”انجم“ جا مديني ۾ ٿين مولىٰ
ڪري ساڪن اُتي دائم وهارج تون خداوندا!

Gul Hayat Institute

## عبدالرحمان غازي جمالي

تو آ رنگن سان دنيا پري، سهڻو جوڙيو آ سنسار تو
پنهنجي قدرت سان منهنجا خدا، هر ثمر آهي ڪيو تيار تو

حڪم تنهنجي سان رونق رچي، ڪٽڪ جوئر تڏهن پئي پچي
پوک ۾ وڻ ٿڻائي ڏٽي، بخشيو ڌرتي کي سينگار تو

تنهنجي ٻوٽن سَرن ۾ ثنا، حمد پاڻي ۾ پيي آ سدا
پيڙيون چولين مان تاري خدا، تن کي پهچايو آ پار تو

پيلا ٻيرن جا گل، واهه واهه آندا موسم تي تو يا خدا
چاهه مان ٿي پيا پوپٽ چريا، ايڏو دلڪش ڪيو گلزار تو

آ ذڪر تنهنجو هر وات ۾، گونج آ روز ۽ رات ۾
جنهن به توکان گهريو تو ڏنو، خوش ڪيو هر ڪو پينار تو

تنهنجو آهي اسان تي ڪرم، تو رکيو ربّ اسان جو ڀرم
ڏوهه آهن خدا اڻ ڳڻيا، پوءِ پي ڪونه ڪيو خوار تو

تنهنجو "غازي جمالي" بندو، توکي هي عرض آهي ڪندو
سوئي منظر ڏسان هر گهڙي، جت ڪيو رحمت جو وسڪار تو



# شڪريه

## عبدالرحيم ابڙو "ارشد" هالائي

1. يا خدا هي تنهنجو مون تي احسان آ شڪريه!
جو ٿيس پيدا جهان ۾ ٿي مسلمان، شڪريه!

2. مير مرسل منهنجو هادي ٿو پڙهان ڪلمون مٿس،
رهنما ان ساڻ گڏ ٿيو آهِ قرآن، شڪريه!

3. تنهنجي رحمت جو ڪڪر انسان تي هر دم وسي،
هن سعادت کان ڪيو تو دور شيطان، شڪريه!

4. بُت پرستن جا جهانُ ۾ ويا وڌي پيرو گهڻا،
دين ايمان سان ڪيو تو مونکي ذيشان شڪريه!

5. عفوَ تنهنجي ۾ ازل کان مون رکي اهڙي اُميد
تو هٿايو نوح تان جيئن تيز طوفان، شڪريه!

6. هر طرح مسلم کي فاتح تو بنايو يا خدا،
زيرِ ٿيا اسلام جي يونان و ايران شڪريه!

7. تون ڪندين ڪرم و عطا مون کي اها آهي اُميد
گرچه ايندس تنهنجي دَرِ بي ساز و سامان، شڪريه!

8. آهه ڪيڏو راز تنهنجي يا خدا سجدي اندر!
ٿو پرين ايمان سان مسلم جي دامان، شڪريه!

9. ڪين هي "ارشد" رڳو تعريف تنهنجي ٿو ڪري،
يا خدا تنهنجو مڃي ٿو هر ڪو انسان، شڪريه!

Gul Hayat Institute

## عبدالرشيد ابڙو ”عبد“ هالائي

نہ ٻي ڪنهن جي در تي تون گردن جهڪائج
فقط هڪ خدا جي اڳيان سر نمائج

عبادت جي لائق سو معبود آهي
ٻيو ڪير ٻي ڪين مسجود ٻانئج

نبي ۽ ولي قطب جنهن در جهڪيا
سو الله اڪبر اڪيلوئي ڄاڻج

خدا آهي هيڪڙوئي مشڪل ڪشا!
اهو نعره حق سين ڪي سڻائج

نهي ڪين ٿي عهد شڪني ”رشيد“
ڪيل قول قالوا بليٰ جو نڀائج



## عبدالرؤف ابڙو ”منصور ويراڳي“

خدايا نور تنهنجي جي نمائش ٿي نظارن ۾
ڪتين، قطبن، سيارن ۽ حسين روشن ستارن ۾

گلستان جي گلن ۾، هير ۾، شبنم جي قطرن ۾
جمالِ ضوفگن تنهنجو نمايان لال زارن ۾

زمين جي ذري ذري ۾ سمايل نور آ تنهنجو
اهوئي دشتِ ويران ۾ اهوئي ڪوهسارن ۾

پتو پڌرو تنهنجو پرور ٿيو سنسار ساري ۾
پنڊن ۾، پيچرن ۾ ۽ گسن واٽن ۽ چارن ۾

سڄي جڳ ۾ صدائون ”تون ئي تون“ جون ٿيون بلند آهن
پکين پکڻن جي ٻولين ۾ مسجد جي منارن ۾

اڪيلو بي نياز آهين نڪو ثاني سندءِ سائين
فقط ”ڪُن“ جي اشاري سان مچي ويو هل هزارن ۾

سدا بحر ڪرم تنهنجو الاهي موجزن آهي
ڍنڍين، ڍورن، ندين، نهرن ۽ چشمن، آبشارن ۾

صفات حق بيان ”منصور“ آخر ڇا ڪري سگهندو؟
اهو عاجز بہ بندو آهہ مستن بي ميارن ۾

Gul Hayat Institute

## لالا عبدالستار

گهٽـو ٿـو ملـي هـت گهٽـو ٿـو سـري
هتـي لاءِ جيڪـو ٿـو ربّ کـان گهـري

ايـنـدي اوچتـو تنهنجـي سـر ڪـڏهن
مهـل ويـڃڻ جـي ڪـڏهن نـہ ٽـري

جنهن کـي پـائين ٿـو تـون ڏور گهٽـو
اهـا مهـل ويجهـي نـہ سـمجهہ پـري

بـي فڪـر ٿـي نـادان هِـت نـہ گـذار
سمجهہ واروئي فڪر هُـت جو ڪري

سـدا لاءِ ڪـڻ پـاڻ سـاڻ ثمـر
هتـان کـان وري ڪـوبـہ ڪـونـہ وري

ايـنـدي آ قضـا اوچتـو اوچتـو
نـہ واڪـو ڪيـنـدي نـہ ايـنـدي هـري

چرنـد، پرنـد، انسـان ۽ جـن
سـڀ ڪـو لالـہ ربّ جـي آسـري



## عبدالغني "عاجز" چٽو

رزق منهنجـو يا خـدا تـون ڪـر حـلال
تنهنجـو ثـاني نـاه ٻيـو تـون بـي مثـال

ذات تنهنجـي آ نيـاري مهربـان
تنهنجـي قـدرت اَڻ ڪٿـي آهـي وشـال

تـون نمـاڻن تـي نـوازش ڪـر قريـب
رحمـتن جـو ڪـو وسـائج اڄ ڪمـال

نـانءُ بيشـڪ تنهنجـو قـادر ۽ ڪـريم
رزق سـڀ کـي ٿـو رسـائين ذوالجـلال

تـون ئـي اعلـيٰ تـون ئـي افضـل تـون رحـيم
عـرض "عـاجز" جـو اگهـائج مـڃ سـوال

Gul Hayat Institute

## آخوند عبدالقيوم زخمي

نشاني بي نشان جي آهه ڪعبي جي ڪنارن ۾
سندس جلوي جو منظر آه مڪي جي منارن ۾

هي اهڙو راز آهي جو سمايل ٿيهه پارن ۾
مگر هت آ بيان ڪرڻو اشارن ئي اشارن ۾

هو لامحدود اهڙو جو مڪان ۾ لامڪاني آ
مگر مون وٽ رهي ٿو بيڪران دل جي ڪنارن ۾

حسين اهڙو جو آهي هر مثل کان بي مثل بيشڪ
مگر ذوقِ نظر منهنجو ٿو ڳولي حسن وارن ۾



## منشي عبدالڪريم دائودپوٽو

جنابِ بارگهه باري خدا وٽ خواستگاريءَ جو
حضورِ پاڪ پرور ۾ اسان جي آه زاريءَ جو
آزاريل اهنج ايذائن ستايل ستمگاريءَ جو
ظلم زور زبردستي ڪوڙن جي ڪار زاريءَ جو:
ڪٽي بادِ صبا وڃ هي عريضو انتظاريءَ جو
چئج آ پرسو بلڪل رهائي رستگاريءَ جو.

بليڪي پات بدتر ڪان غريبن لاءِ غمگيني،
سقيمي حال وارن ڪي بکن ۾ آهه بيچيني،
ريا رشوت ڪان راشن ڪي بيچارن لاءِ بدبيني،
گراني گر ۾ بازار ڪان ميسر مام مسڪيني:
گهرون ٿا داد يا داور! دکن جي دل فگاريءَ جو
سڻائو سبب ٿئي سارو سهولت سازگاريءَ جو.

اچن انصاف ڪي آڏو طبع جي لوڀ ڪان لوسي،
پڇا پئسن سندي پهه ۾ ٿيا مفتون منحوسي،
رياڪاريءَ جي رمزن ۾ رليا رهزن ٿيا رت چوسي،
آهن افتان و خيزان ائين جيئن ڦٿڪي ڦٿيل ڦوسي:
ستارا سبب ڪر سولو پنهنجي جو دش جباريءَ جو
اجهو آسرو عربي مدامي مددگاريءَ جو.

Gul Hayat Institute

# حمد و مناجات

## آغا عبدالنبي خان ”آغا“

جُرمن ڪي منهنجي ڏس نا، تون چاره ساز آهين،
طاعت نہ گهر تون مون ڪان، تون بي نياز آهين.

رحمت ۾ تنهنجي مولا، منهنجو يقين آهي،
رازق رحيم بيشڪ، تون ڪارساز آهين،

عيبن ڪي ڏس نہ منهنجي، ڪر عفو سڀ مدايون،
مونس، رفيق، منهنجو بنده نواز آهين

ڪنهن ڪي ڏيان وجي هي، اج حال پنهنجي دل جو،
هت بيڪسن جو تون ئي، هڪ دلنواز آهين،

ڦيرائي منهنجي آقا، خوش رنگ ڪر تون قسمت،
تون ڪائنات رنگين جو رنگ ساز آهين.



## عبدالوحيد ”محسن سومرو“

لڪ وار وچان صدقي، قادر جي رضا آهي،
دل صاف رکان هردم، جيئن چنڊ صفا آهي!

تعريف ڪئي احمد، پيو ڪير ڪري هتڙي،
سر جان فدا تنهن تان، مالڪ ئي خدا آهي.

هو آهہ اڪيلو ڏس، مان جنهن جي سهاري آن،
هڪ سوچ رکين سهڻي، محتاج دعا آهي.

ڪا جوت ٻري جڳ ۾، اهڃاڻ لڌا جوڳين،
درياهہ فنا ٿيندا، ربّ پاڪ سدا آهي!

ڪو ڏينهن نٿي خالي، ڪا رات نٿي خالي،
”مخلوق سندي لب تي، خالق جي ثنا آهي!“

لاچار اٻوجهن تي، ڪر مهر متا مالڪ،
سڌ سڌ پرين منهنجا، ”محسن“ جي صدا آهي

Gul Hayat Institute

## عبدالهادي ”مجاهد“ مهڙ

ڏٺي پاڪ پنهنجي نوازش ڪري تو
ڏسو جهول خالي اسان جي ڀري تو

غريبن کي ڏي تو اميرن کي ڏي تو
يتيمن کي ڏي تو فقيرن کي ڏي تو
خدا جي ڪو در تان نہ خالي وري تو

پکي صبح جو ٿا اٿي گيت ڳائن
پيا گڻ خدا جا اسان کي ٻڌائن
ٻڌي ٻول مٺڙا تہ هر ڪو ٺري تو

هتي تنهن کي ربّ جو تہ ديدار ٿيندو
بلاشڪ سو جنت جو حقدار ٿيندو
ادا دين خاطر جو ماڻهو مري تو

”مُجاهد“ کي موليٰ مدينو گهمائي
ادا عرض تنهنجو خدا هي اگهائي
رهي هو ويچارو سڄڻ ڪان پري تو



## عرض محمد ابڙو

نہ ڪر محتاج اي مولا، مون کي ڪنهن جو زماني ۾
پلا کهڙي ڪمي آهي، خدا تنهنجي خزاني ۾.

مٿيءَ مان جي ڪرين مايا، تہ وس وارو تون والي آن
پنهنجي در جي گداگر کي، ڇڏيندو ڪين خالي آن
ڪرين ڪا مهر جي مالڪ، نظر پنهنجي ديواني ۾

غريبي حال منهنجي تي، ڪجانءِ مالڪ مهرباني
دنيا جي گردشن ۾ آ، وڪوڙي وئي پريشاني
نہ طاقت ڏک سهڻ جي ڪا، رهي آ تنهنجي ٻانهي ۾

مون کي دنيا ۾ اي داتا، ڏجانءِ ڪنهن جي نہ محتاجي
پنهنجي اڻ کٽ خزاني مان، تون لهجانءِ سار پيو منهنجي
ڪمي ڪنهن چيز جي ناهي ڪا تنهنجي ڪارخاني ۾.

تون ڏيندڙ ڏيهہ ساري کي، گداگر هي زمانو آ
ڪڏهن بہ بند ناهي ٿيو ڪليل تنهنجو خزانو آ
فرق ڪهڙو پلا پوندو، ڪو آني يا اڌ آني ۾

Gul Hayat Institute

بنان هادي حسبان جي، رزق پيو روز ڏيندو آن
ڪندو ڪنهن سان نہ آن ليکو نہ ڦورو تون ڦولهيندو آن
رهن ديدون سڄي جڳ جون، تنهنجي ئي تار خاني ۾

خدا تون ”عرض محمد“ جو آهين خالق ۽ پاليندڙ
سدائين تون مٺا مالڪ، سموري ڏيهہ کي ڏيندڙ
اميدون مون رکيون آهن، تنهنجي ئي مالخاني ۾.



## عزيز محمد خان مري ”ماڻڪ“

بسم الله الرحمٰن الرحيم الرحمٰن الرحيم

1_ سڀڪا ساراه تنهنجي، سڀ ڪا ثناءُ تولئہ
باقي هي دنيا فاني، فاني فناءُ تولئہ

2_ الله آهين اڪبر، بالا بلند برتر
باقي دنيا بني بشر، سڀڪا بناءُ تولئہ

3_ افضل آهين تون عالي، بيشڪ بلند بالا
تنهنجا ڪرم ڪمالا، سڀ ڪا ثناءُ تولئہ

4_ دنيا ۾ تون ئي دائم، رهندين قديم قائم
باقي سفير صائم، سڀ ڪا آناءُ تولئہ

5_ ”ماڻڪ“ هي ملڪ سارا، بر و بحر وارا
تنهنجي ئي رهن سهارا، سڀڪا ڪناءُ تولئہ



Gul Hayat Institute

بسم اللہ الرحمٰن الرحيم

1ـ وهوا تنهنجي جلوه گري، وهوا تنهنجي هي برتري،
ڪيئن سگهندو ڪو ڪري، تو سان ڀلا ڪو همسري.

2ـ حاڪم حڪم تنهنجو هلي، هر جاءِ هر حال ۾،
هي چنڊ تارا ۽ ساهہ وارا، سڀ رهن تنهنجي رهبري.

3ـ ڪنهن جا اگهائين عرض تو دم بنا ڪنهن دير جي،
ڪن ويچارن سان وري، ناحق ڪرين ٿو نابري.

4ـ ڪنهن کي حيات جاودان، تنهنجي نوازش جا نشان،
تنهنجي خنجر بيداد سان، ڪو پيو وڃي اڳ ۾ مري.

5ـ محشر ۾ ”ماڻڪ خان“ کي پرور ڏجئين پنهنجي پناهہ
سودو نہ آندم سَفلو سولي ڪجئين سوداگري.



## سيد علي احمد شاهہ ”ساقي سروري“

ربّ سائين ؒ وڏو رحيم آهين
تون ڪرم ڪو ڪجئين ڪريم آهين
لَمۡ يَلِدۡ تون وَلَمۡ يُوۡلَدۡ آهين
منهنجا خالق وڏو عظيم آهين

Gul Hayat Institute

## مولوي علي اصغر لاڙڪ

نہ ثاني ذات ۾ ربّ جو نہ ثاني آ صفاتن ۾
نہ نوري ۽ نہ ڪو ناري نہ ڪو بشري جوانن ۾

1۔ ڪرائي نند سپ کي ٿو خدا خود پاڪ آ تنهن کان
زمين و آسمانن ۾ ڳجهي ڪا شيءِ نہ آ جنهن کان
احد هڪ پاڪ ئي پرور قوي قدرت ڪمالن ۾

2۔ حياتي موت جو مالڪ ۽ خالق ٻي اڪيلو آ
ها عملن صالحن جوئي رڳو گهربو وسيلو آ
وسيلي جو اهو مطلب پڙهيو آ مون ڪتابن ۾

3۔ مٺي هڪ مان خدا ميوا ڪيا ربّ مختلف آهن
سڀئي انسان لئہ پيدا ڪيا انسان جو ڪائن
بلند اعليٰ خدا تعاليٰ سين ڪان آ عطائن ۾

4۔ بڻايو اشرف المخلوق آ انسان کي مولا
ڪندو آ ٻاجهہ سپ تي هو ڪيون ٿو غير کي سجدا
موحد عظمتن وارو خدا جي دوجهانن ۾

5۔ مٺو پاڻي ڪٽي ڪارو ٿڌو ڪاٿي گرم آهي
سڄي مخلوق تي اصغر خدا جوئي ڪرم آهي
گذاريون زندگي پنهنجي هتي نيڪين ثوابن ۾



## علي شير عاجز بنگلاڻي

پڙهن حمد تنهنجا ملائڪ سمورا
ثنا تنهنجي هر دل جو قلبي سرورا

جبل جهنگ دريا ۽ گل ڦل سڀيئي
پڪي جيت ماڻهو ذڪر ۾ ضرورا

سخيءَ جي سخا ڏس گناهن تي پردو
نہ ناراض آهي جو فسق و فجورا

ڪرن جيڪي سجدو ڪٽن سر نہ سائين
عبادت ۾ تنهنجي گهٽو ئي سرورا

گهرون جي نہ تو کان تہ غفلت اسان جي
وڃون غير ڏي جي اسان جو قصورا

تو مخلوق لئہ آهي چا چا بنايو
ڏنا صوف ڏاڙهون ۽ بيحد کجورا

صبح ويل جهرڪن جي چهہ چهہ ٻڌون ٿا
مٺا تنهنجي قدرت جا هر هنڌ ظهورا

خدايا ڪري ياد بنگلاڻي توکي
علي شير دل ۾ نہ ڪجهہ ٻي غرورا

Gul Hayat Institute

## علي محمد ”اشڪ“

در ڇڏي تنهنجو ويس جيئن ڏور ٿي
تيئن وري واپس وريس مجبور ٿي

در سخاوت جو ڏٺم اهڙو نڪو
جنهن گهريو جيڪو ويو پرپور ٿي

مون اڏيون ماڙيون مڪڙ جون خواب ۾
سي ويا سپ خواب چڪنا چور ٿي

ٿا پريشان ڪن مون کي منهنجا گناهہ
جي ڪيا مون ڄاڻندي معزور ٿي

مون پڄي جنهن هنڌ وڃي ورتم پناهہ
تون هئين تنهن هنڌ ڏٺم مغرور ٿي

ذات اعلي ۾ يقين پختو رکي
جنهن مدد جهڙي گهري منظور ٿي

جذب گر جلوا ٿين انسان پوءِ
طور تي موسيٰ وڃي پر نور ٿي

”اشڪ“ گمنامي پلي آ عشق ۾
عاشقن ۾ چا ڪندين مشهور ٿي



## زوار غلام اڪبر ميمڻ

ياربّ مان تنهنجي حمد و ثنا شل چئي سگهان
حق بندگيءَ جو خالقِ اڪبر وٺي سگهان

ڪون و مڪان هي توکيا پيدا حَسين و تَر
تنهنجي خدائي جابجا خالق ڀَسي سگهان

هر جاءِ هر گهڙي رهان تنهنجي ئي ذڪر ۾
توحيد واري رنگ ۾ تنهنجي رچي سگهان

بي مثل بي مثال تون واحد تون وحده
توسان شريڪ ڪنهن کي نہ خالق ٻڌي سگهان

خاطي خطا ۾ چور آ بندو حقير هي
بخشش جي بس دعائي ٿو توکان گهري سگهان

هر دم محمّد و علي، زهريٰ حَسن حسين
هن مستقيم راهہ تي شل مان هلي سگهان

ياربّ عطا تون ڪر سدا ”اڪبر“ زوار تي
توصيف تنهنجي حرفِ وفا سان لکي سگهان

Gul Hayat Institute

## پير سيد غلام جيلاني

بسم الله الرحمان الرحيم

آ الله لا[1] حد واحد اَحد
اُهو ملڪ مالڪ اُهو الصمد

سو حاڪم سو راحم سو دائم مُدام،
اُهو هِڪ مولا لا والد ولد.

مُڪو مُور الله مُرسل مَلوڪ،
سردار عالم لا احمد مَهد[2].

سهڻل ڪاڻِ وهوارَ وڻڪار وَڻ،
وَسڻ وَس وسڪار وارو رعد[3].

عطا عام هر سام[4] لاءِ سدا،
هل "پير" ڪر سو اُهو ڪم سعد[5].

[1] ڪونهي ان جو
[2] حضور جو اسم مبارڪ
[3] ملائڪ آهي
[4] پلئہ پيل
[5] سٺو سعادت وارو



اسمَ ساڻ الله مُحمّد مُدام،
سو عالم سو سالِم سو احمد امام.

هو حاڪم هو دائم هو اول ادا،
سو دلدارِ سردارِ سَو سَو سَلام.

اُهو ماهُ رُو آءِ محمود سو،
سُڻائڻ وارو ڪُل حلالُ حرام.

اِلاها سدا سِڪ لا آ سوال،
ملڻ وارو سُڪ ۽ عطا ڪر آرام.

او الله عطا ڪر علم ۽ عمل
اسمِ الله ڪر "پير" ڪارڻ ڪلام.

Gul Hayat Institute

## غلام رسول ابڙو ”غلام“ هالائي

نظر هڪ رحم جي ڪا ڏر خدايا
مون تي پنهنجو ڪرم تون ڪر خدايا

نہ منهنجو ٻيو هلي ٿو هِت ڪو حيلو
سوا تنهنجي نہ منهنجو ٻيو وسيلو

تون ئي آهين اَجهو آڌر خدايا
گدا جهولي جهلي در تنهنجي آيو

صدا تو در ڪري ٿو سر نمايو
منهنجي خالي آ جهولي پر خدايا

”غلاما“ در ڏنا ٻيا مون ڪي ڏوري
وڏو جند جان پنهنجيءَ ڪي مون جهوري
وڃان مان ڪنهن ٻئي جي در خدايا



## ڊاڪٽر غلام سرور ”حاذق“ جوڻيجو

خالق اڪبر جي هتڙي مان ڪيان ڪهڙي ثنا
جنهن اُپايو آسمان ري ٿنڀ ٿوڻي جي صدا

سج ڇا ۽ چنڊ ڇا تارا ڪتيون اڀرن لهن
وقت تي ٿي ڏينهن ۽ ڇا رات ٿي پڻ رونما

جنهن اُپايا گاهہ گل ڇا چوان ۽ ميوا ۽ اَن
سڀ ڪي روزي ٿو رسائي اَنت ڪان بي انتها

جانور ڇا جيت ڇا چوان پکي حيوان ڇا
رت ڦڙي مان ٿو ڪري انسان ڪي پيدا خدا

آهہ سميع ۽ بصير ننڊ جنهن ڪي ناهہ ڪا
سار ٿو سيني جي لهي جو مالڪ مختيار آ

جنهن بڻايو هي جهان پڻ آهہ ”حاذق“ ڇا چوان
آ ڪرم قادر جو سڀ جي هجن شاهہ و گدا

Gul Hayat Institute

# منهنجو خدا

ٿو ڪري امداد منهنجي جابجا منهنجو خدا
ڪشتي بحرِ الم جو ناخدا منهنجو خدا

درد دنيا جي ڏکن ۾ چو ٿئين مغموم دل
سڀ ڪنهن شڪل ۾ آهه مشڪل ڪشا منهنجو خدا

ڏينهن ٿو گذري ڏکن ۾ راتيون روئندي لنگهن
ٿو ڏسي هن حال منهن جي ڪي سدا منهنجو خدا

دل اندر دوهان دکن ۽ دل جگر ڦارون ٿين
درد سڀ ويندو جڏهن ڏيندو شفا منهنجو خدا

مون ڪي بدڪارين سندي ڪارنهن وئي آهي وٺي
منهنجي دل صيقل ڪري ويندو صفا منهنجو خدا

صاحب انصاف! اُن جو ڪم ڪرم آهي ڪريم
ڪين ڪنهن تي ٿو ڪري جو روجفا منهنجو خدا

گرچه هت ”حاذق“ الستي عهد کي توڙي ڇڏيو
رزق ڏيندو رهي هو باوفا منهنجو خدا



1۔ بنا تنهنجي نه ٻيو ڪو آهي پالڻهار ياالله،
گناهن ۾ غرق مون ۽ تون غفار ياالله.

2۔ وڃائي عمر مون ساري اگر آه گناهن ۾
مگر مون تنهنجي هستيءَ جو ڪيم اقرار ياالله

3۔ هزارين درد ويڙهي ويا، ته ٻي اميد نه لاهيان،
گناهن ۾ توڙي هردم، رهان ٿمٿار ياالله.

4۔ ڇڏي توکي وڃان ڪاڏي ڏسان ڪهڙو ڪو ٻيو درمان
تون مالڪ آهين خالق آهين ڪجان ڪا مار ياالله.

5۔ تون خالق ۽ مالڪ ۽ رازق آن جهانن جو
سدا ڍڪ تون اگهاڙن کي، تون آ ستار ياالله.

6۔ شفيع المذنبين صدقي بچاءِ حاذق کي،
ڏکان ٿو پيو ڏاڍو آ عذاب النار ياالله.

Gul Hayat Institute

نير نيڻن ٿا تار تار توبه توبه استغفار
گناهه ڪيا مون هن بار بار توبه توبه استغفار

عيبن ڀريو آهيان توڙي واهه وسيلو ناهي ڪو
آهن مون ۾ عيب اپار توبه توبه استغفار

آهيان گار گناهه ۾ پرور توکي پڪاريان ٿو
راضي ٿي تون ربّ ستار توبه توبه استغفار

صبح سانجهي ٻاڏايان ٿو توکي ڪٽي هٿڙا هاري توکي
پنهنجو قرب ڪر ڪلقار توبه توبه استغفار

روزي نماز کان باغي ٻٽيس عمل سٺو مون ڪونه ڪيو
بخش ٻاري تون بخشڻ هار توبه توبه استغفار

دغا ڪوڙ گلا جو حامي ٻٽيس ڪيئن ڪيان
ناهي گناهن کان واندو وار توبه توبه استغفار

”حاذق“ عالم عابد ناهي حق تي هلڻ جي توفيق ڏي تون
نار مان تنهن کي هادي تار توبه توبه استغفار



## فقير غلام عبّاس ڏاهري

بسم الله الرحمان الرحيم

1ـ بقا ٻاري تنهنجي قدرت ثنا لائق سبحان الله
عظيم الله تنهنجي عظمت ثنا لائق سبحان الله

2ـ زمين آڪاش چنڊ تارا سيئي تابع تنهنجي آهن
اها تنهنجي آهي حڪمت ثنا لائق سبحان الله

3ـ ڪيان جي وڻ قلم سارا بحر مَسُ ۾ سمنڊ سياهي
قلم کي ناهه ڪا طاقت ثنا لائق سبحان الله

4ـ خفي هن زار سڀ تنهنجا عجب اظهار ۾ مظهر
وسي تنهنجي پئي رحمت ثنا لائق سبحان الله

5ـ ڪٿي دارا سڪندر ڀي ويجن دنيا ڇڏيو فاني
بقا ڀلا الله تنهنجي عبرت ثنا لائق سبحان الله

6ـ هلائين ٿو درياهن ۾ ڪشتي ٻيڙا سمونڊن ۾
اڪارين تون بہ حفاظت ثنا لائق سبحان الله

7ـ رکين ٿا مي سڄي ڌرتي مٿي اُپ ۾ ستارن کي
رهي سڀ تي تنهنجي شفقت ثنا لائق سبحان الله

Gul Hayat Institute

## غلام قادر مظهر ڏاهري

هي بنده هميشہ خطادار آهي
ڪجئين ٻاجهہ پنهنجي هي پينار آهي

گهران ٿو دعائون خدا وند جي در تي
گناهن جو مون تي وڏو بار آهي

گذاري ڇڏي مون حياتي اجائي
مٺا ذات تنهنجي شفادار آهي

عنايت ٿئي ڪا ڪجان بخش مون کي
وڏي ذات تنهنجي تہ سرڪار آهي

نمازون ۽ روزا ڪيا فرض جنهن ٿي
۽ دنيا سڄيءَ جو تہ آڌار آهي.

ڪري پاڻ پيدا عنايت ڪئي آ
هدايت ڏيڻ لا تہ مهدار آهي

ڪجان هاڻ "مظهر" تي مالڪَ عنايت
اڃي ٻاجهہ تنهنجي جي درڪار آهي



## سيد غلام مرتضيٰ شاهہ "مرتضيٰ ڏاڏاهي"

تون ئي برتر، تون ئي باري،
تو در توبہ، تو در زاري.

حُجت تو سان هرگز ناهي،
هر شيءِ تنهنجي هٿ وس آهي،
جنّت، جهنم قيامت ڪاري.

رحمي، ڪرمي تون ٻاجهارو،
وِلهين تي ڪو وارج وارو،
رکجان رحمت جاري ساري.

ڪيڙيءَ کي کڻ" هاٿيءَ کي مڻ،
ٻوڙين ڪک پن، تارين پاهڻ،
حڪمت تنهنجي آهہ نياري.

"ڏاڏاهيءَ" کي ڏِڍ آهي تنهنجو
عرض اگهائي موليٰ منهنجو
محشر ۾ ڪا ڪج موچاري.

Gul Hayat Institute

# هڪ الله مددگار

## مرزا فتح علي بيگ "شاهد"

منهنجو تون خالق تون منهنجو ربّ تون ئي ڪارساز
مون کي سڀني بانيازن کان ڪندين تون بي نياز

مون کي سڀني بانيازن کان ڪندين تون بي نياز
ربنا بهر محمّد مصطفيٰ ﷺ شاه حجاز

يا علي ويا ڪريم ويا عظيم ويا قوي
توتي سڀ ظاهر ٿيا آهن جي منهنجي دل ۾ راز

خلق خالق خلق جن جي صدقي تو هيءَ خلق ڪئي
چارده معصوم سي جن تي رهي ٿو توکي ناز

چارده معصوم جي صدقي خطاؤن عفو ڪر
حشر ۾ محشور ڪج تن ساڻ شاهد بانياز

جنهن جي تون نصرت ڪرين تنهن تي ڪو غالب ڪيئن اچي
هي سندءِ فرمان آهي عاجزن جا چاره ساز

مومنن لئي جو گهري توکان دعا ان کي قبول
تون ڪرم سان ٿو ڪرين ربّ پاڪ آهين بي نياز



مومنن جي لاءِ آهي ذالک الفوز العظيم
تن جي لئي باب اجابت ٿا هميشه رهن باز

جيڪو تنهنجي بارگه ۾ آهي رهندو سجده ريز
ان جي لئي محمود تون بندو اُهو تنهنجو اياز

سرفرازي ان جي قدمن تان رهي هر دم نثار
جنهن کي پنهنجي فضل سان يا ربّ ڪرين تون سرفراز

رحم ڪيئي جنهن دم حسن تو در ٿيو هيئن ملتجي
مون کي سڀني بانيازن کان ڪندين تون بي نياز

مڪرمت جو منتظر يا ربّ سندء آهي دبير
بحر غم مان ڪر اُڪاري پار تون ان جو جهاز

هت ٻڌي "فتح علي شاهد" ڪري ٿو التجا
منهنجي ناز کي ڪرم سان ربنا پنهنجي نواز

Gul Hayat Institute

منهنجــي قســمت ئــي رســايو جنــدا آغــوش ۾
تنهنجــي رحمــت جــي هميشہ جابجــا آغــوش ۾

پنهنجا ٻانها پنهنجي شفقت جي سدا آغوش ۾
ٿــو رکــين تــون مهربــان آڏر اجهــا آغــوش ۾

گـــردش گـــردون ڏنـــم لـــوڏا وڏا آغـــوش ۾
مغفــرت جــي پــر سنڌ پــاتم نجــا آغــوش ۾

ٿــي پڪــوڙڻ چــاهيو دشــمن پــر دغــا آغــوش ۾
تنهنجــي رحمــت جــي رســايم پــر دعــا آغــوش ۾

نيــڪ دنيــا تــن جــي آهــي نيــڪ تــن جــي آخــرت
رحمت سان تنهنجي رحمت جي رسيا آغوش ۾

عفو ڪر منهنجون خطائون عفو ڪر منهنجا گناه
ڪــين عصــيان جــي وٺــان لمحہ لئہ جــا آغــوش ۾

گرچہ گهيريو هو گناهن مون کي هر سو کان مگر
تنهنجــي رحمــت مــون کــي ورتــو يــا خدا آغوش ۾



ياالہ العــالمين پنهنجــي ڪــرم ســان پــيءُ ۽ مــاءُ
منهنجــا رک رحمــت جــي پنهنجــي دائمــا آغــوش ۾

غافرالــذنب آهــين تــون ۽ قابــل التوبہ تــون ئــي
رحــم ڪــر رحمــت جــي رک مــوليٰ آغـــوش ۾

تن جي صدقي مهر ڪر ۽ تن جي صدقي فضل ڪر
جـــي نپايـــا شـــافع روز جـــزا آغـــوش ۾

ســايہء رحمــت ۾ پنهنجــي رک اُهــي تــا دور چــرخ
جــي نپــايم نــاز ســان صــبح و مســا آغــوش ۾

التجا آهي رکج ”شاهد“ هي پنهنجو مدح خوان
قبـــر جـــي يـــاربّ تـــا روز جـــزا آغـــوش ۾.



Gul Hayat Institute

## فتح محمد شاهہ ”فراق“

سبحان الله مالڪ اعليٰ عظيم آهين
تون ئي سڄي جهان جو هادي حڪيم آهين

انسان جنّ ملائڪ حورون پريون فرشتا
ارض و سما جي خلقت سڀ تي رحيم آهين

جرڪي ٿو نور تنهنجو هر هڪ ذري ۾
آهين اول تون آخر قائم قديم آهين

ايڏي تہ ٻاجهہ تنهنجي جنهن جي ڳڻپ ڪائي
ذاتِ صفات اعليٰ بيشڪ فهيم آهين

ڪيڙي کي ڳرڙ ڏئين ٿو هاٿي کي مڻ ڏئين ٿو
سڀ کي رزق رسائين رازق عليم آهين

معراج تي دنيا ڪان احمد ﷺ جو شان اعليٰ
قرآن ۾ نبيءَ جو تون ئي ڪليم آهين

پنجتن گهراڻي کي تو جيڪو بہ شانُ بخشيو
ناهي مثال مٿ ڪو ڪيڏو حليم آهين



الحمد جي هدايت راهِ نجات آهي
دنيا سڄي فنا تون هرجا مقيم آهين

بي مثل نعمتون سڀ خلقت کي تو عطا ڪيون
ڳڻڻَ کهڙا تنهنجا ڳايان نرمل نعيم آهين

ڪل ڪائنات خلقي ڪُن جي ارادي موجب
برحق چوي ”فتح شاهہ“ قادر ڪريم آهين

Gul Hayat Institute

## آخوند حاجي فقير محمد ”عاجز“ صديقي قريشي

يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ

ناهيم ڪوئي يار، بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ! مونس نہ غمگسار، بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ!
دردن ڪان دلفگار، بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ! دائم در انتظار، بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ!

يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ

شاهن جو شاهہ آهين تون سلطان بي وزير، صانع جميع صنعت خلاق بينظير،
راحم، رحيم، رازق، داور تون دستگير، لائق ڪري لطف سان ڪر دل سندم سڌير

يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ

جو واهر وسيلو ناهہ سندم، آهيان آءٌ دردمند، ساٿم ثمر نہ آهي ڪو، مسڪين و مستند،
درد و فراق رهبر حيرت ڪان پيم بند، جير و جگر جلائي اهو سوز چون سپند

يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ

معبود عالمن جو تون، مسجود لايزال، مقصود مومنن جو تون، مطلوب باڪمال،
آقادر جميع قدرت، قيوم ذوالجلال، ڏئي ڏان دهرا ڏاتر پينار ڪر نهال

يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ

غمگين غريب بيڪس، مفلس ٿيس فقير، مسڪين، ضعيف، ”عاجز“ محزون ٿيس حقير،
پنجي ۾ ظالمن جي تہ ويتر آهيان اسير، امن و امان ۾ رک، ٿئي سرهو سندم سرير

يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ

ساجن سوا تو منهنجي ٿي وئي زهر زندگي، ڏاران حضور قلب جي بي لطف بندگي،
ناقص ٿيو نفس سڪيو ڪين سر فگندگي، نوسي ٿو لور ڏوني، دنيا جا گندگي



يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ

سو ذڪر ڪر دفعا، رسي دل کي جنهن سان درد، بهتر ذڪر اهو جو ڪري مرد کي فرد
ساڙي خطر مڙئي، ڪري ماسوا ڪان سرد، دائم رهي ذڪر سو جنهن سان ٿئي تو مرد

يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ

جانان! سواءِ تنهنجي ناهيم ڪو هوس، فرقت ۾ جان پيئي جلي مثل خار خار
تنهنجي وصال کي تہ لهان ڏوري شال ڏس، توکان گهران ٿو توکي، ٻي آرزو ئي.

يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ

جڳ ۾ سوا تو جاني، ناهيم ڪائي راهہ، ري رحم تنهنجي منهنجي ٻي ناهي ڪائي واهہ
تون ئي ولهين جي واهر، ڪيڏي ڪريان آءٌ ڪاهہ رهہ ۾ رڙان روئان ٿو بيسود ٿيم آهہ

يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ

طاقت ٿي طاق منهنجي، ڪيم نفس هن تباهہ اعمال نامو سارو ڪيو مون آهي سياهہ
لائق نجات فخر سان سرمايو ساڻ ناهہ، ري ٻاجهہ هاڻ ڀڄڻ ڪانهيم ڪائي راهہ

يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ

سڀڪي عيان ٿيو تو وٽ، تون عالم الغيوب ڏڪ ڪوٺ ڪوڙڪچ تون، يا ساتر العيوب
روشن ڪرين تون قلب سندم، ڪاشف القلوب! ميٽين مدايون منهنجون مڙئي، غافر الذنوب

يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ

آگا، ڪرين اولاد سندم صالح ڏئي انعام، دنيا ۽ دين جا ڪرين مقصد مڙئي مدام
برڪت پلي پئي تن جي منجهہ معشيت مدام، روزي ڪشادگيءَ سان رسائين ڪري لطف

يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيْثُ

دنيا ۽ آخرت ۾ ڪر تن کي سرفراز، سڀ نعمتون عطا ڪر، آهين تون ڪارساز
حاجت روا عالم! ڪر تن کي بي نياز حسرت ڪان سندن دشمن جي دل کي لئي

Gul Hayat Institute

يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحۡمَتِكَ اِسۡتَغِيۡثُ

آگا! هي عرض منهنجو ڪرين ڪرم سان قبول، صالح عمل نه منهنجا، رهان هاءِ دل سان
منجهه شوق ذوق تنهنجي وصل ٿئيم وصول، دهرا ڏيوم دان ته مطلب ٿئي حمد

يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحۡمَتِكَ اِسۡتَغِيۡثُ

اعمال بدڪيام، ڪاغذ ڪيم سياهه، محشر ۾ مُرڪان ڪنهن پر حالت ٿيم،
تحفو ڪنيوم پاڻ سان گهاتا گهڻا گناهه، ري رحم تنهنجي، راحم، ڪنهن ڪان بنايا

يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحۡمَتِكَ اِسۡتَغِيۡثُ

مفلس غريب آهيان، آهي مٿم قرض، ’حق الاداءِ‘ دين جو رهيل مٿم
ري رحم تنهنجي، راحم، ناهيم ٻئي جو غرض آگا، اگهاءِ ”عاجز“ جو بخشش ڪري عرض



# مناجات

## ماستر قادر بخش ”بشير“

انسان آ سراپا پتلو رڳو خطا جو،
محتاج آهه هر ڪو مولا سندي عطا جو.

هنجي ڪرم ۾ مون کي اميد آهي هر دم،
سمجهان نه پيو وسيلو آ آسرو خدا جو.

رحمان جنهن جو نالو سوئي رحيم آهي،
دشمن ۽ دوست تي هٿ هن جي ڪرم سخا جو.

روزي رسان مولا هر روز ڏي سڀن کي،
حافظ ۽ پاسبان جو محتاج بينوا جو.

گبرو يهودي مسلم جنهن کي سڏي رهيا سڀ،
هر رنگ ۾ وتن ٿا نالو سو ڪبريا جو.

آواز هو جو هر جا نوبت ڪري رهيو آ،
مسجد ۾ آ اذان ۽ ديول ۾ گهنڊ باجو.

Gul Hayat Institute

دائم دنيا ۾ رهيو زنده اي يار ڪيسين،
دل ۾ اُٿي ادا ڪر اڄ فڪر ڪو فنا جو.

المال والبنون آ زينت فقط دنيا جي،
اعمال نيڪ آهن توشو ادا بقا جو.

وعدو الست وارو هرگز نہ ڇڏ وساري،
تو پاڻ ڪلهہ چيو هو اُت لفظ پڻ بليٰ جو.

ناتو اُهو نباهڻ واجب ۽ فرض آهي،
سهٽي سان سر لڳل آ پڻ قدر ۽ قضا جو.

هر روز پنج گانہ سجدو ڪرڻ سڄڻ کي،
رستو اهو ڏسيل آ مون کي تہ رهنما جو.

سردار منهنجو عربي پرواه مون کي ڪهڙي،
شاهن کان پي زياده ٻانهون آ مصطفيٰ جو.

مٽ چين ۽ ختن جا ٿيا ڪين مشڪ عنبر،
معطر دماغ جنهن کان هر شاهہ ۽ گدا جو.

قيمت ڪٿي نہ ڪنهن آ گوهر گران آهي،
ناٽو دنيا ۾ ڪونهي هن دربي بها جو.



الفت سندس ۾ اهڙو مخمور مست آهيان،
صلي و عليٰ پڙهان ٿو هر صبح ۽ مساجو.

مرده دليون جئن ٿيون هن جي درود سان سڀ،
آهي اثر انهيءَ ۾ هر درد جي دوا جو.

عيسيٰ کان پوءِ اهڙو اعليٰ مسيح آيو،
نسخو ڏسيو جنهين هڪ دارين جي شفا جو.

هردم "حقير" طالب روضي رسول جو آ،
ياربّ ڏسان مان جيئري ديدار دلربا جو.



Gul Hayat Institute

(1) ڪهڙو مان شان ڳايان اي ذوالجلال تنهنجو
ارض و سما ۾ جت ڪٿ جلوو جمال تنهن جو
بالاخيال کان بس برتر خيال تنهنجو
ڪنهن کي پتو نہ پاتو اي بي مثل تنهنجو
بلبل کي باغ ۾ پي بس قيل وقال تنهنجو
جهر جهنگ ۾ ثنا خوان شير و شغال تنهنجو.

(2) قدرت جمال جلوو جانب جو جابجا ڏس،
چوطرف ڪنهن چمن کي بيشڪ گهمي پلا ڏس،
هر شاخ شاخ وڻ جي جاچي ڪٿي ادا ڏس،
هر ورق گل پتي ۽ ڪولي ڪٿي صفا ڏس،
هيءُ ورق گل نہ سمجهو قدرت ڪمال آهي،
قدرت سندس جو يارو هڪڙو مثال آهي.

(3) صحرا ۽ بر پٽن ۾ جبلن ۽ ماٿرين ۾،
سبزي ۽ ساوڪون ۾ هر ذري ڪک ۽ پن ۾،
گلزار جي گلن ۾ سوسن ۽ سنترن ۾،
سهڻن ۽ گل رخن ۾ دلبر سندي دهن ۾،
خوشبوءِ تنهن سڄڻ جي اُن ۾ اٿو سمايل،
ميناج تنهن متي جو ان ۾ اٿو ملايل.



(4) شمس و قمر ستارا بجلي ۽ برق چا هي،
محبوب منهن مقابل چوڏس جو چنڊ ناهي،
سهڻن کي تنهن حسن مان ذرڙو بہ هڪ نہ آهي،
ناقص جمال تي ڪيئن ماڻهن جي دل ٿي چاهي،
صورت ڏسي سندس ئي ان سان نہ دل لڳائج،
صنعت ڏسڻ سان ان جي صانع سان دل ملائج.

(5) هي سج چنڊ تارا گتيون ۽ ڪڪر ڪارا،
هي عاقلن اشارا سمجهن ڪي هوشيارا،
قدرت سندا نظارا ٿيا رنگ ڍنگ نيارا،
تنهن جي وڏائي پيارا چا ڪن ”بشير“ پارا،
ڪُن جي چوڻ سان تو پڻ قدرت سڄي بنائي،
سونهين سڄڻ ٿي توکي سڀ ڪا وڏي وڏائي.



Gul Hayat Institute

## پير قبول محمد شاهہ قريشي

اسان جا تہ ازل کان، پڏل پول پہ چار،
ڪوڙي ٽيس قول ۾، تڏهين ٽيم ڪوار،
”قبول محمد“ قرب، مان، ساجن لهندم سار،
آهي ان اختيار، بخشي جي بدڪار ٽو!

❋❋❋❋

بخشي جي بدڪار ٽو، آهي صاحب ربّ ستّار،
پليل سندو پر جهلو ۾ اڙين جو آڌار،
ڳائي سگهبو ڪينڪي، رازق ربّ غفار،
مرڪندن ماري اهو، جڏن آهہ جيار،
مالڪ ’ڪن فيڪون‘ جو، خالق خلقڻهار،
پيدا ڪيائين پرت مان، مير مٺو مهندار،
جڳ ٻئي محمّد ﷺ مير جي، ڏنئين منجهہ اختيار،
چارئي يار رسول جا، محبت مٺا موچار،
پنجتن نوري نور جي، نسوار نروار،
حسن مير حسين کي، ڏنئين دين سندي دربار،
”قبول محمد“ قرب مان، ٿيو انهن جو ڪوٽار،
عيبن پري آهيان، مون ۾ عيب هزار،
پسائيم پرينءَ رسول جو، داور شل ديدار،
پسي پنهنجا پاپ مان، روئان زارو زار،
ياري ڪٽي يار، ميٺ تہ مائيتي ٿيان!



❋❋❋❋

اڄ تہ اکين سامهون، پسجن پيارا،
جهوري ويڙم، جان کي، جيءَ جا جيارا،
اڪيلي آنهون ڪريان، ورن ورڻ وارا،
دمدم دهڪو دل ۾، گهاءَ ڪرڻ گهارا،
ساريان سر تيون سپرين، دلبر دلارا،
جن جا ڪان قلب ۾، ”قبول محمد“ ڪارا،
اکين آگم دائمي، نيڻن نيارا،
پسان شال پرينٽيون، محب تہ موچارا،
ورهيہ ويا سارا، سڪندي سهٽي سڄڻين!



Gul Hayat Institute

## قمرالدين ”قمر“ ڪوسو

آ فنا جنهن چيز کي آهي ڪمال
بادشاهي آ خدا جي لازوال

حمد جي لائق اها ئي آهه ذات
جنهن بڻايو آ جهان هيڏو وشال

آهه ويجهو ساهه کان سامع، بصير
تو اگهائي عاجزن جو هر سوال

راز دلين جا به ڄاڻي تو عليم
باخبر ڪان ڪو ڳجهو آهي نه حال

بادو باران، دشت، دريا ۽ سمونڊ
حڪم جي تابع سندس مهر و هلال

آهه گيري ۾ سندس مشرق جنوب
امر تابع آهه مغرب ۽ شمال

هت خدا جي طاقتون آهن تمام
وس انهيءَ جي موسمون ۾ ماهه و سال



ڇا ڪري تعريف سگهندي ڪا زبان
ڪيئن ڳڻي ڳائي صفت ڪوئي قوال

آهه سڀ تي ماءُ کان وڌ مهربان
تو ڪري تخليق جو خاصو خيال

جيتري مخلوق آ منجهه ڪائنات
رزق سڀ کي تو رسائي ذوالجلال

تو ڪري نوڙت نيازي کي پسند
هت وڏائي ساڻ ماندو آ محال

”ڪن“ جنهن آ قمر جوڙيو جهان
ورد ڪر ان جو ته ٿيندءِ دل نهال

Gul Hayat Institute

# حمد

## مرزا ڪاظم رضا بيگ "ڪاظم"

اي مالڪِ عرش و لوح و قلم اي خالق رحمان ياالله
مهر و مہ و انجم ارض و سما سڀ تو تان قربان ياالله

بارانِ ڪرم ڪان آ تنهنجي شاداب گلستان ياالله
رحمت ڪان سندءِ هر گلشن آ فردوس بدامان ياالله

ٿئي تنهنجي ڪمال قدرت جو ادراڪ ڪنهن کي ناممڪن
هر شان بزرگي تنهنجي لئي بي شبهہ آ شايان ياالله

از صبح ازل تا شام ابد دنيا متلاشي آ تنهنجي
جلوو سندءِ هر ذري ۾ مگر هر دم ٿيو نمايان ياالله

جناب و ملڪ حور و غلمان، مخلوق ٿي سڀ تنهنجي ليڪن
رحمت سان سندءِ ممتاز ٿيا هر جنس تا انسان ياالله

انسان جي هدايت لئي بيشڪ مبعوث نبي تو ڪيو آهي
انسان کي عنايت توئي ڪئي خود دولت ايمان ياالله



لولاڪ لما جي صاحب کي ڪونين جو تخت و تاج ڏنئي
سرڪار سندء رحمت سان ٿيو شاهنشاهِ دوران ياالله

سو شافع محشر هادي ڪل سو ساري جهان جو ٿيو رهبر
سو تنهنجي خدائي جو سرور سو صاحبِ قرآن ياالله

شاهہ دوجهان ۽ ابر سخا شاهد محمود محمد ﷺ ٿيو
ٿيا انجا ثناخوان ڪون و مڪان هو تنهنجو ثنا خوان ياالله

توحيد جو جهندو لهرائين اسلام جهان ۾ ڦهلائين
آفاق ۾ جنهن کي خود آ ڏني تو فتح نمايان ياالله

ان عرش نشين جي صدقي ۾ ان سرور دين جي صدقي
رک امن ۾ مون کي پنهنجي شها از گردش دوران ياالله ج

اي مالڪ دين اي بحر سخا هي عرض ٿيو ڪاظم جو شها
ازبهر شهيد ڪرب و بلا ڏي دولت ايمان ياالله

Gul Hayat Institute

## ڪاظم علي علوي ”ڪاظم“

جڏهن بہ هٿ بلند مون ڪيا دعا خاطر،
رهيس تلاش ۾ لفظن جي مدعا خاطر،

تمام لفظ ائين ئي سِرُ نمائي گذري ويا،
مون هر ڪنهين کان پڇو ٿي تنهنجي ثنا خاطر،

بنا چوڻ جي گهران تون بنا ٻڌڻ جي ڏئين،
سوال شرط تہ ناهي تنهنجي عطا خاطر،

زمين و آسمان دنيا تمام طبقن ۾،
جا شيءِ آهي سا تنهنجي راهہ ۾ فنا خاطر.

شفيع عالمين مرسل ڪريم خلق ڪيئي،
مثال ڪافي آ هڪڙو تنهنجي سخا خاطر.

ثنا آ تنهنجي ياحي القيوم جا مالڪ،
نہ ٻي جهان ۾ ڪائي آ شيءِ بقا خاطر.

تجلّي سان تمام طور ٿيو سُر مو مگر،
نہ تاب موسيٰ رهيو هو تنهنجو لقا خاطر.

سدان اهوئي ٿو الله کان گهري ”ڪاظم“
رسول و پنجتن ساقي ملن شفا خاطر



# بيت

## فقير ڪرم علي اسراڻ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ. ثَنا سونهين رَب سبحان،
وَمَا اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعَالَمِينَ. مِنو مرسل آهي مهربان،
راڻو سينئان وڏ رحمان، وَهُوَاَرْحَمُ الرَّاحِمِينَ.

ڳَلمي سَندي ڳَڙي ۾، اَڄ اَدا او اِنسان،
ٿُونهِين ٿُون تَنوارِ پيو مؤمن لَهندين مانُ،
لاتقنطوا من رحمة الله. آهي آيت مَنجهہ قرآنِ،
سارو سُڪون سَندو سامانُ، مَوجود ٿُنهنجي مَنَ ۾.

جن جو عشق الله ج سين، تِن لَهَر نہ لوڏو ڪو،
سدا رهن هو سڪ ۾، ڪن مدح ثنا لوڪو،
اُهي حق جو ڏين هوڪو، ڪڏهن ٻاڙو ٻولن ڪينڪي.

سُڻ منهنجا سڏڙا سيد، او منٺڙا مدني گهوٽ،
ڏکن آهي ڏاري وڏو، هاڻي چڙهي ويا هن چوٽ،
سگهو ڪج محمد صہ موٽ، تہ وڃن سُور سنڌا ڪريو.

جي چاهين چاهت ملي، تہ راڻي ڪي ريجهاءِ،
آزيون ايلاهون ڳري، پنهنجي پنهلڪي پرچاءِ،
پوءِ دير نہ ٿيندءِ ڪاءِ، ’ڪرم‘ سگهو رسندين راز ڪي،
الف سهاري آسري هِت هُت، رسول الله جي آهيان،
ناهي ڏَپ ڏاءُ ڪو مون کي، نبيءَ صہ جي لڙهہ لڳي آهيان.

ڇڏِ خودي تہ خداؔ ج مِلَئي، نيٺ ويندين دوست مَري،

قالو بليٰ واري قول جو، رک لِحاظ ڪُجھہ تہ ذري،
عاشق جي الله ﷻ جا، اِها خبر ڪندا ويا ڪَرِي،
وارو نہ ملندءِ وري، سَرچائي وَٹِ سرڪار ڪي.

سُپرين ٹُنهنجي سورز ۾، ٹو سَڙان راتو ڏينهن،
اَٹم آس اندر ۾، ٹِئي نصيب ٹُنهنجو نِينهن،
وساءِ مِهر سَندو ڪو مِينهن، قُرب ڳري ڳلتار تون.

ڪرِڪا ڳارِ ڳتڻ جِي، اَدا اُٹي چَرخو چور،
نانگن جِيان ناٹ سَندو، تون سَڳو ڏاڳو سور،
پرينءَ ڪي پِرپات مَنجھہ، ڏي سَجدو ڳج پڻ ڏورُ،
ڪرم يارُ يَڳانو مورُ، مِلي وحدت واريءَ واٹ سان.

دُرود پڑهندو رَهہُ تون، نِرمل نبيءَ ﷺ مٹان،
’ڪرم‘ ڪوبہ ڏک نہ ڏسندين، ڪنهن ڳنور جي هٹان.
رنگ فقيري راند ناهي، پهريان پاڻ وِڃائڻ سِک،
ڪاوڙ ڳِلا بغض ڪي، تون پاٹان پَري رَک،
بُردباريءَ جيباغ ڏانهن، ’ڪرم‘ دائم وڏاءِ وِک،
پوءِ پَلپل مَزو چکَ، صوفيءَ سَندي سَاز جو.

صَبر شُڪر ۽ ٹَوڪل سان يَرَ ڏِينهڙا پنهنجا ڏورِ،
الايمانُ بَين الخوفِ والرجا، ڳج ڳفتي انهيءَ تي غور،
فقير پرين لَهندَءِ پَر گهور، قبر صِراط حساب ۾.

ذِڪرِ خدا ﷻ سان قلب ڪي، باغ و بهار رَک،
جيئن روح راضي ٹي چوي، اي ڪاتب! قرر لک.



## سيد گل محمد شاھ

حمد جي لائق فقط الله آ،
هي عقيدو هي سندم ويساھ آ.

جنهن بہ شيءِ جي پيا ڪريون تعريف ٹا،
درحقيقت سا سندس ساراھ آ.

ڪبريا جي حڪم ۽ قدرت ڪري،
نور سان پرپور مِهر و ماھ آ.

جنهن جي ساره ٹي ڪري هر شيءِ سدا،
حمد ان جو هر جڳهہ هرگاھ آ.

هن جي هٹ ۾ آ نفعو نقصان سڀ،
هن ئي بخشيو ماڻ منصب جاھ آ.

هن جي هٹ ۾ زندگي ۽ موت آ،
هن جي وس ۾ جسم خون ۽ ساھ آ.

سنڌ عورت مان ٹو پيدا پُٹ ڪري،
فاعل المختار شاهنشاھ آ.

Gul Hayat Institute

مشرڪن ڪي ڪينڪي ملندي نجات،
ربّ ڪيو قرآن ۾ آگاهه آ.

ياخدا! تنهنجي ڪرم احسان جي،
آسري تي ”گل محمد شاهه“ آ.



## گهايل ميراڻي

منهنجي خدا جو اعليٰ شان آ
جنهن جوڙيو سارو جهان آ

وڻ ٽڻ ٻوٽا ساوڪ ساريون
هير ٿڌي ۾ ٻوندون ٻهاريون
بنا ٿنڀي جنهن جوڙيو آسمان آ

راتين سان گڏ جنهن ڏينهن ٺاهيا
جهڙ ڦڙ بجليون مينهن ٺاهيا
خوش رکيو جنهن سدا انسان آ

روءِ زمين تي ڪيائين عبادت
منڪر ٿيو جي ملي ويس لعنت
ويو ته تڙجي جلدي شيطان آ

”گهايل ميراڻي“ آهي سڌو ۾ سادو
ربّ تي جنهن جو آ پڪو ارادو
ايمان ڏئي جنهن ڪيو احسان آ

Gul Hayat Institute

## آخوند لطف الله "لطف" صديقي

لطف ڪر يا ربّ مون تي، مصطفيٰ ﷺ جي واسطي،
صاف رک سينو سندم، صدق و صفا جي واسطي،

تنهنجي بخشش ۽ عطا جو بحر بي پايان آهہ،
ڪر عفو مون کي گنهہ، پنهنجي عطا جي واسطي،

مون ڪيا عصيان بيحد، ڇوڙ چارو ناهہ ڪو،
محو سي ڪر پنهنجي ذاتِ ڪبريا جي واسطي

نفس جي خاطر لڳي مون عهد سڀ تنهنجا ڀڳا،
آسريوند آهيان تنهنجي وفا جي واسطي،

رک صداقت ساڻ منهنجو قلب ۽ سينو صفا،
تنهن سچي صديق اڪبر باصفا جي واسطي

نفس شيطان تي مون کي غالب سدا رک ۽ قوي،
حضرت فاروق عادل بيريا جي واسطي،

ڏي حيا ۽ حلم پڻ ايمان سلامت منهنجو رک،
"جامع القرآن" تنهن صاحب حيا جي واسطي،



زهد ۽ طاعت عبادت تي مون کي رک مستقيم،
حامي دين نبي، صاحب لويءِ جي واسطي،

ڪر سندم سيني کي تون مخزن.... اسرار جو
'باب شهر علم' تنهن مشڪل ڪشا جي واسطي،

صبر ۽ ايمان ۽ تقويٰ منجهان پاڳو ڏيار،
صابر و معصوم حسن المجتبيٰ جي واسطي،

چشمہ ڪوثر مان مون کي جام جنت ڪر نصيب،
تشنہ لب حضرت شهيد ڪربلا جي واسطي،

دين ۽ دنيا ۾ منهنجو يا الاهي ستر رک،
تنهن جگر گوش نبي خيرالنسا جي واسطي،

منهنجي تون اولاد کي نعمت سعادت ڪر نصيب،
اهلبيت طاهر و آل عبا جي واسطي،

دين و دنيا جا سندم آسان مشڪل ڪر سيئي،
شاه محي الدين قطب الاوليا جي واسطي،

"لطف" تنهنجي در مٿي آهي سدا اميدوار،
آهہ سو سائل سندءَ لطف و سخا جي واسطي!

Gul Hayat Institute

## ماجد سروري سهتو

هــادي هــادي پــاڪ هــادي پــاڪ
ريجهنــدو هــادي پــڙه نمــاز اشــراق

ســجدو ســجايو وينــدئي مــومن
ريجهـــــي پونـــــد ئـــــي رزاق

وردي ورونهـــــــــــين واري واري
ڏي وحـــــــــــــدت وارو واڪ

ونجــان ونجــان الــف جــو اولــو
بيحــد ٿــي بيبــاڪ هــادي پــاڪ

توهــ ڏٺــي هــر ويــل تڳــائي
لمحــي ۾ لــولاڪ هــادي پــاڪ

اڏٺــي پونــدئي الــف جــي اوچــي
انــدر منجهــ اوطــاق هــادي پــاڪ

ماجــد ڪــري ٿــو چاهــت بيــاني
محبــوبي مشــتاق هــادي پــاڪ



## ماستر محمد اعظم ”اعظم“

يارب، من بنده بدکار تو
بخش گناهم کہ بخشنده اي،
راه نمايم کہ توئي رهنما،
ظلمت شڪ نور يقينم ببرد،
ساز شڪم دور بعلم اليقين،
از همہ اوهام دلم پاڪ ساز،
تايک بينم و يک دانم ترا،
سهل سوالات بگورم کني،
روز قيامت کہ بود پر عذاب،
يا ربّ، بخشيده مرا بي سخن،
دعوت اين بنده نمائي قبول،

”اعظم“ آلوده گنهگار تو،
توبہ پذيرم کہ پزيرنده اي
معرفت خويش بما کن عطا،
گرد گنہ رونق دينم ببرد
پاڪ ز آلايش عصيان دين،
تاابد چشم يقين دار باز،
از دل و جان خوب بخوانم ترا،
گور پائوار چو هورم کني،
هيچ عذابم ندهي در حساب
خوش بنشانم بحديقہ عدن،
”اعظم“ را بخش بنام رسول!

...ul Hayat Institute

# بيت

## محبوب ”مصور“ سومرو

سـائين ربّ سـتار، تـون سـيني جـو ڏڻـي،
قـادر سـندي قـدرت سـان بيحـد بـاب ٻڻـي،
سـائي ٻڻايـائين سـوز مـان جيڪـا ڪـيس وڻـي،
پاڻ سارهيائين پرينءَ ڪي آهہ محبت منڊ هڻي،
”مصـور“ محـب ڪڻـي، آنـدو اڳتـي عشـق مـان.

وَحـده لا شـريڪ لہ سـو سـچو ايمـان،
مالـڪ پنهنجـي مهرسين آ مڙنـي تـي مهربـان،
محمدؐ مرسل ڪارڻي لٿو قلب تي هي قرآن،
فـائق جـو فرمـان، رهـي ٿـو هـر روح ۾.

اٿـي اول اور تـون الـف سـان احـوال،
بنـدا پنهنجـي مـن ۾ سـوچ سـوال،
جتـي حـد نہ خيـال، اُت پهچـي ٿـو وڃـي آدمـي.

ڪا هوندي مٿي جيڪي ڪا مثل صفا واري،
ڪڻـي نہ سـگهندين خـان تـون بـاراهو بـاري،
جـيءَ انـدر رڪ جـاري، ورد تـون هـي تـون جـو.

پکـي پکـڙ پرنجهہ پـي پيـاسا سـيئي پيـار جـا،
انسـان ٿـو ڪـري پيـو سـانباها ڏاڙن ڏار جـا،
بس اصـول ايثـار جـا، وسـاري سـپ ويهـي رهيـا.



# حمد باري تعالي[١]

## محمد اقبال ”شاهين“ ڪتري

زمـين و آسـمان جـو تـون ئـي مالـڪ خداونـدا
حسـين دلڪـش نظـارن جـو تـون ئـي مالـڪ خداونـدا

ڪڏهن راتيـون ڪڏهن ڏينهـڙا، ڪڏهن شام و سحر آهن
سـيارن ۽ انهـارن جـو تـون ئـي مالـڪ خداونـدا

ڪنهن کي جنّت ڪنهن کي دوزخ، عمل انسان جي هٿ ۾
گنـاهن ۽ ثـوابن جـو تـون ئـي ملـڪ خداونـدا

عبـادت آ فقـط تنهنجـي، هـدايت لئہ نبـي آيـا
شـريعت ۽ ڪتـابن جـو تـون ئـي مالـڪ خـدا ونـدا.

حيـاتي مـوت کـي پيـدا ڪيـو تـو آزمـامش لئہ
اُپـوجهن بـي سـهارن جـو تـون ئـي مالـڪ خداونـدا

تـون ئـي مخلـوق جـو رازق، تـون ئـي روزي رسـائين ٿـو
آن پاليـنـدڙ جهـانن جـو تـون ئـي مالـڪ خداونـدا

پکي جهر جهنگ جيوت سپ، تنهنجو ڪائين تنهنجو ڳائين
ڪتيـون سـج چنڊ تـارن جـو تـون ئـي مالـڪ خداونـدا

ٻُڌي ”شـاهين“ جـون دانهـون، خطـائون بخـش ڪـر مـولا
گنهگـارن ڏکـارن جـو تـون ئـي مالـڪ خداونـدا

Gul Hayat Institute

## محمد امين اُڏيرائي

الاهي تنهنجي عظمت چنڊ تارن مان عيان آهي،
گلن ٻوٽن بهارن ۽ نظارن مان عيان آهي.

بنايو آسمان توئي زمين توئي بنائي آ،
سنڌ ۾ قدرت تہ جبلن، آبشارن مان عيان آهي.

نہ مٽ ثاني ڪو آ تنهنجو اهو قرآن ٻڌائي ٿو،
خدايا شان تنهنجو، ٿيهہ پارن مان عيان آهي.

ڏنئي جيڪو سبق، اتحاد، الفت ۽ صداقت جو،
انهيءَ جو روپ ڪونجن جي قطارن مان عيان آهي.

ضرورت جون شيون توئي بنا ڪنهن ملهہ ڏنيون آهن،
سخا تنهنجي هوا پاڻي شرارن مان عيان آهي.

ڪري هرڪو پيو تسبيح فقط تنهنجي ئي نالي جي،
حقيقت هي سمورن ساهہ وارن مان عيان آهي.



## محمد انور شيخ "انور" سيوهاڻي

ياالاهي عرض آ تنهنجي سچي سرڪار ۾
سرخ روئي سان اچان يارب وڏي درٻار ۾

معترف جن و بشر تنهنجي وجود پاڪ جو
هر طرح محتاج آ پو ڇا چوي انڪار ۾

تون ئي پالڻهار جڳ جو جانور انسان جن
رزق ٿو سڀ کي ملي هيڏي وڏي سنسار ۾

تون ڪٿي آهين خدا ڏاڍو ڪيم غور و فڪر
مون ڏٺو جلوو مگر آ مينهن جي وسڪار ۾

تون اگر پوشيده آهين بي نشان آهين ڪٿي
مون ڪيو محسوس توکي گل اندر مهڪار ۾

قلب کي منهنجي عطا ڪر اي خدا پنهنجو ذڪر
بندگي تنهنجي ڪيان اسرار ۽ اظهار ۾

قلب هلندوئي رهي تنهنجي ذڪر ۾ ياخدا
ننڊ گهري ۾ هجان يا حالتِ بيدار ۾

Gul Hayat Institute

واسطو توکي رسولِ پاڪ ﷺ اُن جي آل جو
گنج مان پنهنجي عطا ڪر ڪاسئہِ پينار ۾

ٻول جي "انور" سندا مقبول ڪر ربّ العليٰ
رک عنايت مون مٿان ڏي پختگي ڪردار ۾





## فقير محمد بخش "ضامن" راڄڙ

آءٌ جو ڪردار ڪو ڪونهي،
تون ئي مالڪ تون ئي آهين.

آقا اسان جي جهڙو جڳ ۾،
سونهن پريو سردار ڪو ڪونهي.

هر ڪو سمجهي ته آءٌ اڪابر
ڪنهن کي هتي اختيار ڪو ڪونهي.

ڪن کي ڏني تو ڪن جي طاقت،
تن جهڙو مختيار ڪو ڪونهي.

اڳيان سخت حساب سجهي تو
پوءِ به هتي هوشيار ڪو ڪونهي.

توبه ڪن جي، تن کي بخشين،
تنهن جهڙو وهنوار ڪو ڪونهي.

مرشد جن جو ظاهر "ضامن"،
بيشڪ تن تي بار ڪو ڪونهي.

Gul Hayat Institute

تنهنجي خلق هي خلقڻهار عجب
سڀ جوڙيئي جوڙ جنسار عجب.

ڪوکھڙي رنگ ڪوکھڙي رنگ ۾، هر ڪو هلي هٿ پنهنجي ڍنگ ۾
ڪيئن مٿن وڌئي مونجهار عجب.

هر ڪنهن کي هٿ تون ئي هلائين، ڪي پليل رهن ڪن کي سمجھائين
ٿيا تن ۾ هتي تڪرار عجب

ڪي چور ٿيا ڪي ساڌ سڏائن، ڪي پنهنجو پيا هٿ پاڻ پڏائن
ڪي ڪن ٿا ويهو ويچار عجب

ڪي مرد ٿيا جن مام پروڙي، تن ڪي ڪندي چا دنيا ڪوڙي
ڏنا ان ڪي تو اختيار عجب

آهن ملڪ ۾ ڪي منٺار ٿيا، ڪيئي دلين جا دلدار ٿيا.
ٿيا نام سندن نروار عجب

جن جي ضمانت ڏين سي ”ضامن“، تن جا نڪي مايوس ٿين من
اهي واهه سندئي وهنوار عجب.



## پروفيسر محمّد بچل پنوهر ”محبوب سروري“

اسان جو هڪڙو خدا لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
سندس شريڪ نہ آ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
مٿن ڪان لفظ مٿا لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
سٿن ڪان حرف سٿا لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
پڙهن ٿا صبح و مسا لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
مڪين ارض و سما لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
زبانِ صدق و صفا لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
نشانِ مهر و وفا لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
ڪليد قدر و قضا لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
نويدِ نور و ضيا لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
مريضِ غم جي شفا لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
ءِ لادوا جي دوا لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
بساطِ لطف و عطا لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
نشاطِ حسن و حيا لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

Gul Hayat Institute

## محمد جمن هالو

آسمانن جو ڌڻي، تون چنڊ تارن جو ڌڻي،
تون ڌڻي ڪون و مڪان جو، تون نظارن جو ڌڻي.

تون مڪي معظم جو مالڪ، تون ڌڻي عرفات جو،
تون مديني جو ڌڻي، تون منارن جو ڌڻي.

سڀ نديون نالا ۽ نهرون، تنهنجي وس ۾ يا ڪريم،
تون سمونڊن جي ڳنن جو ۽ ڪنارن جو ڌڻي.

تو گلن تي رنگ چاڙهيو، خاص ڪا خوشبو وجهي،
ٿي خزان تابع آ تنهنجي، تون بهارن جو ڌڻي.

تون ئي آهين ڏن داتا، تون غني ۽ تون امير،
تو سِوا ڪونهي ڪٿي ڪو يار يارن جو ڌڻي.

چنڊ جو چهرو ڏسان، يا طور جي تجلّي ڏسان،
تون حسين بلڪل حسين ۽ حسن واري جو ڌڻي.

تون ڍڪين ڍولا تہ ڍڪجن، عيب عالم جا سيئي،
تون گنهگارن جو ڏڍ ۽ نيڪوڪارن جو ڌڻي.



سڀ تڳن تاري ٿا تنهنجي، تو سِوا ڪونهي ٻيو
مند ماڪيءَ جو ڌڻي، تون آ بشارن جو ڌڻي.

تون ڌڻي ايمان جو ۽ تون ڌڻي قرآن جو،
تو ثنا هر سورة ۾، ۽ تون سيپارن جو ڌڻي.

ڪک ڪان ڏس لک تائين، ”هالا“ سڀ هن جو اٿئي،
ڪير آهي جو چوي، آهيان هزارن جو ڌڻي



Gul Hayat Institute

## محمد حسن ”ساز“

سار منهنجي ڪير لهندو اي خدا تو کان سواءِ،
سُور منهنجا ڪير سٽندو اي خدا تو کان سواءِ.

سر صداقت جي اڳيان جيڪو جهڪائيندو رهيو،
سو تہ دنيا کي نہ وڻندو اي خدا تو کان سواءِ.

جنهن بغاوت دين جي هر حُڪم سان آهي ڪئي،
اُن کي بس شيطان ملندو اي خدا تو کان سواءِ.

ذات تنهنجي تي مُڪمل آهي جنهن کي پروسو،
سو تہ ڪنهن کان ڪين ڊڄندو اي خدا تو کان سواءِ.

هر بشر، هر گل ڳچيءَ ۾ اَڄ وجهي ٿو شوق سان،
ڪونہ گل ڪنڌن ۾ رکندو اي خدا تو کان سواءِ.

پاڻ پنهنجي نيٺ نظرن ۾ ڪري پوندو اُهو،
غير کان جي ڪجھ بہ گهرندو، اي خدا تو کان سواءِ.



هر سهارو خواب وانگر ڏور ٿيندو ٿو وڃي،
حال منهنجو ڪير ڏسندو اي خدا تو کان سواءِ.

جن ڏکويو آهي مون کي، جن دغا مون سان ڪئي،
دانهن منهنجي ڪير ٻڌندو اي خدا تو کان سواءِ.

هيڪڙائي اڄ بيان تنهنجي ڪري ٿو ’ساز‘ پر،
ڪو چڱو مون کي نہ چوندو اي خدا تو کان سواءِ.



Gul Hayat Institute

## محمد حسين "ساگر" مهر

اسان جو تون مالڪ آهين،
سڀني جو تون خالق آهين.

ڪرم ڪر ستار اسان تي،
رحم ڪر جبار اسان تي.

بصير تي تون ڏسندو آهين،
سميع تي تون ٻڌندو آهين.

بخشڻ وارو ڪريم تون آن،
راحم ربّ رحيم تون آن.

ڪيڏو بہ آهي گندو سائين،
تنهنجو "ساگر" بندو سائين.





## "الله سائين"

منهنجا مالڪ منهنجا سائين،
مون ڪي آهين ياد سدائين.

منهنجا هادي منهنجا خالق،
رزق رسائين تون ٿو رازق،

هر شيءِ تي آ تنهنجي قدرت.
هر ڪنهن لئہ تون آهين رحمت،

ڪرم سين تي آهي تنهنجو.
رحم سين تي آهي تنهنجو

دردمندن جا درد مٽائين،
سڀ جا تون ٿو عيب لڪائين.

"ساگر" توکي ئي ٿو وساري،
هڪ پل پي تي ڪين وساري.

Gul Hayat Institute

## محمّد ذاڪر شر

وڏي آ تـــــــو ربّ جـــــــي ذات
تنهنجـو نـہ ڪـوئي شـريڪ آهـي

هـر هـڪ جـي اهـا اڻـم وائـي وات
تنهنجـو نـہ ڪـوئي شـريڪ آهـي

ڪيـئن ڏيـنهن پنيـان ٿـو آڻـي رات
تنهنجـو نـہ ڪـوئي شـريڪ آهـي

انسان کي ڪيو تو اشرف المخلوقات
تنهنجـو نـہ ڪـوئي شـريڪ آهـي

مـاڻهو مـال پڪـي کـي آ تنهنجـي تـات
تنهنجـو نـہ ڪـوئي شـريڪ آهـي

محـب ٿـي شـل تـو سـان ملاقـات
تنهنجـو نـہ ڪـوئي شـريڪ آهـي

شر ”ذاڪـر“ کـي ڏنـي تـو آ جيڪـا ڏات
تنهنجـو نـہ ڪـوئي شـريڪ آهـي



آهيـان تنهنجـو آئـون بنـدڙو تـون مالـڪ آهـين منهنجـو
آهـين تـون پـاڪ آئـون گنـدڙو تـون مالـڪ آهـين منهنجـو

آهن احسان اوهان جا مـون تـي ڪهڙا ڳڻـي ڪهڙا ڳڻيـان،
هـر دم تنهنجـو آ مڃـان هٿـڙو تـون مالـڪ آهـين منهنجـو.

حڪم ڪرين تون حاڪم جيڪر پڪي نہ ڪوئي پر چوري،
اهـو ڄـاڻين ٿـو تـون هڪـڙو تـون مالـڪ آهـين منهنجـو.

سـهارو آ تـو ربّ جـو آهـين مالـڪ تـون ئـي سـڀ جـو،
مڃجان نـہ ڪڏهن مون کان منهڙو تـون مالـڪ آهـين منهنجـو

ذاڪـر ڪئـي ذاري اوهان اڳيان مولا ڪر تون معاف مـون کـي
سهي نـہ سگهندس هڪ بـہ ڏکـڙو تـون مالـڪ آهـين منهنجـو.

Gul Hayat Institute

## محمد سليمان ”سادو“ ٻرڙو

تنهنجا قرب ڪروڙين شان الله- سبحان سبحان الله
گڏ دين سان دلبر يار ڏنئي ڪسي پاڻ ڪان پنهنجو پيار ڏنئي

ايڏا آدم تي احسان الله- سبحان الله سبحان الله
حشراة الارض و سما تي قدم چا چا نہ ڪيئي آدم تي ڪرم

ڪيو نائب تو انسان الله، سبحان الله سبحان الله
ڏي طاقت رستا وئون سولا، ڪيئون پيار جي پيا هر دم ڳولا

سائو ”ساڏو“ ڪر سلطان الله سبحان الله سبحان الله.





## محمد شريف ”شاد“ سومرو

اي خدا پرور، قوت ڪر پو عطا، ذاڪرا ڪثيرا،
ٿا وڃون پلجي، اسان تي ڪرم ڪر پنهنجو ڪريما.

آهيون سڀ ٻانها تنهنجا، ڪيو پيدا اسان کي،
سايي تنهنجي ۾ رهي رحمت پئي گهرجي رحيما.

سڀ اتي ئي آهي مليو رزق تنهنجي ئي ڪرم سان،
ڇا لئي ٿا پو ڪيون گڏ، مال ملڪيت وڏ ذخيرا.

جي اسان کان ڪي گناهہ ٿيا، معافي ٿا گهرون سڀ،
ربّ بچائج تون اسان کي باهہ کان جهنم جحيما.

خلقيو تو هي جهان سارو، وري سڀ ڪجهہ ڏنو تو،
آهيون پو سڀ ڪرڻ وارا ڏٺي شڪرا قليلا.

ڪين ٿا ڪريون اسان پو نعمتن جو شڪر اي ربّ،
رکج نا ڪمزور تي ڪو بار پنهنجو ثقيلا.

Gul Hayat Institute

جي مصيبت ڪا اچي سر تي، اسان کان دور ڪج تون،
رنج غم تي پوا اسان کي ڪج عطا صبرا جميلا.

جوڙ جوڙيندڙ جهانن جي خدا رکيو وڏو ڳجهه،
ٿا ڪيون تنهنجي عبادت، ربّ اسان جو آن وڪيلا.

مهر ڪر تون پوا اسان تي مهربان مالڪ و خالق،
دور ڪر، ميٺي مدايون، ٿار جان عذاباً اليما.

ٿا وچون پلجي مگر، انسان ۾ رکيو نفس آ تو،
صاف سهڻو ۽ سڏو سارو پڏائج تون سبيلا.

جبل جايون جوڙيون ۽ سمنڊ دريا سپ وهايا،
حڪم تنهنجي سان هلي ٿو سج چنڊ تارا طويلا.

پلر پلٿي آسمان پو وهايا ڏيند ڊورا،
”شاد“ آ هتي سين تي رحمان جي رحمت وسيعا.



## محمّد شفيع ”انور“ هالائي

وِرد جن جو تون هي تون تن جو مقدر تون هي تون
رنگ دنيا تون هي تون ۽ شانِ محشر تون هي تون

آئينہ فطرت جي عظمت ۾ اُجاگر تون هي تون
فڪر شاعر تون هي تون ذوقِ سخنور تون هي تون

وحدتاً ڪثرت بنائي ڪثرتاً وحدت ٿئين
وحده جي واٺ جو سرواڻ سرور تون هي تون

ها ۽ لا جي روپ ۾ ساڳيو نفي اثبات آهہ
هر زبان تي نعره الله اڪبر تون هي تون

هر جبين ٿي تنهن جي آڏو سر جهڪائي بار بار
زاهد شب خيز جو زهد تفاخر تون هي تون

عارفانہ عزم يا تڪيو فقيرانہ هجي
فڪر دانش کان وٺي موج قلندر تون هي تون

Gul Hayat Institute

تون ھي تون جي واٽ تي منصور چڙھيو دار تي
قتل گاھ ڪربلا ۾ زير خنجر تون ھي تون

مسجد و مندر ھجي ديول ڪليسا جو وجود
سو پڙاڏو سوئي سڏ اي بنده پرور تون ھي تون

جذبۂ احساس جاڳائي ڪرين ٿو سرخرو
حوصلن ۾ ۽ ارادن ۾ برابر تون ھي تون

ڇا ڪجي ساراھہ تنھن جي اي خدائي ذوالجلال
جئن وڃن تارون لنوي ٿو روح ”انور“ تون ھي تون.



## محمد صديق ”منو“ ارباب

رحم و ڪرم جي نظر ڪر تون اسان جا ڏٽي
پريشانيون سڀ مشڪل دور ڪر تون اسان جا ڏٽي

سڀ عظمتون تنھنجيون آھن تنھنجي لاءِ ھن تون ئي پرجھلو ٿي
ٿئي رزق ۾ ڪشادگي گھڻو نواب آھين معاف ڪر تون اسان جا ڏٽي

ڏي پيار محبت ھٿ پرا ۽ خوش خوشحال رھون سدا
جھولي خالي آھي صحت شفاعت پاڳ نصيب سان عطا ڪر تون اسان جا ڏٽي

ججھا خزانا ڏي اسان کي امن جا طلبگار آھيون
بي اولادين کي اولاد ڏي تندرستيءَ سان وري وري احسان ڪر تون اسان جا ڏٽي

مھابي واسطي وسيلو پنجتن پارھن امان جو آسون اميدون پڄاءِ
”منو“ جا سڀ ڪم ٿين سميع بصير آھين ٿين سولايون گھڻيون ڪر اسان جا ڏٽي

ul Hayat Institute

## محمد عثمان ”ناطق“

متاعِ اهل هنر، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللهُ
عروج علم و هنر، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللهُ
دعائي شام و سحر، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللهُ
دواءِ درد جگر، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللهُ
نہ آهہ شمس و قمر، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللهُ
نہ باد بحر و شجر، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللهُ
ڪمال قلب و نظر، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللهُ
جمال فهم و بصر، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللهُ

آ ننگ تيغ بڪف، ٿي وڃان مان ميدان ۾،
سنانِ سيف و تبر، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللهُ
طريق عشق ۾ سالڪ جو آهہ زاد سفر،
متاع اهلِ گذر، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللهُ
لڙان ٿو قيصر و ڪسريٰ جي تاب شاهي سان،
نہ خوف آهہ خطر، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللهُ
اگرچہ سامهون آهن، سنان و توب و تبر،
قدم نہ پوئتي ڏر، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللهُ

خزان بهار، ربيع و خريف چارڻ نيت،
وسار شام و سحر، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللهُ
جهانِ دولت زر، ۽ متاعِ لعل و گهر،
قريب عقل و نظم، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللهُ



# مناجات

## محمد عمر پلي ”معمور يوسفاڻي“

ڪجان مهر مولا، ٿين ڏور ڏولا،
وڃن سور سارا، لهن رنج رولا!

پيمبر، قلندر، ولي توڙي والي،
گداگر، تونگر، سندئي در سوالي:
پنن پاند پايو ڪريو چاڪ چولا!

تون قيوم قائم تون ڪلتار آهين،
اجهو آسرو تون ئي آڌار آهين:
ٻلائيءَ سان تنهنجي وڃن ٻؤ ۽ ٻولا!

ٻڌج سائين ”معمور“ جون التجائون،
ڪجان مهر مولا، سُڻي سڏ صدائون:
تون سائين سڀاجهو اسين تنهنجا گولا!



Gul Hayat Institute

# واحِدَ جو وُجُود

## صاحبزاده محمد ڪرم الله ”ڪرم“

تون حاڪم تون حڪيم، تون باري بادشاھ،
اسين ايرا آھيون، ڏي تون پانڌُ پناھ،
نوري ڪر نگاھ، ”ڪرم اللهِ“ تي ڪرم جي،

سارو جڳُ جھانُ، پالين پالڻھار،
تون عظيم تون عليم، تون ڏَيھَن جو ڏاتار،
تون اول تون آخر، تون مالڪ تون مُختَارُ،
تون رحمان تون رحيم، تون سائين تون ستار،
آھيون گنھگار، الله تنھنجي آسري.

تون حاڪمُ هر هڪ جي مٿان، تنھنجا مُلڪَ ماڳَ،
لاھِين پنھنجي لُطف سين، ڏَيھَن تان ڏُھاڳ،
والي تَو ھٿ واڳ، وَرَائِين تہ وَرِي وڃان.

واحد آھين وحده، تنھنجو ڪونہ شريڪ،
لَمۡ يَلِدۡ ۙ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ، طاقتور تحقيق،
غريبُ آءُ غريقُ، پيڙو تارِين تارِمان.



تون رحمان تون رحيم، تون ربُ العالمين،
اسان ۾ آھِينِ، وڏيون عيبن جون پريون.

بَرَن بَحرن جي مٿان، تنھنجو حڪمُ هَلَي،
تنھنجي ئي توھ سان، چرخو ٿو چَلي،
باري تون بَلي، حڪومتَ هر جاءِ تو.

رحيمَ رحمتَ تنھنجي، ڏاڍي آھ وسيع،
تون عليم تون عظيم، ستار تون سميع،
تون رحمان رفيع، اسين عاصي آھيون.

چنڊ چانڊوڪي ڪي ڏسو تارا ڏيران ڏير،
چَمَنَ ۾ جو ڇھڇھٽو بادل ڇم ڇم ڇير،
نديون نالا نھريون، بَر ٿَر جو ڪر سير،
ڏينھن ڏھاڙا راتيون، آڏي اسر اوير،
اڃا بہ توکي وير، واحد جي وجود سان.

اٿي انڌارِي رات ۾ ڪٽي نيڻَ نھارِ،
ڇم ڇِم چمڪن تارڙا، هلن منجھہ مدار،
ٽم ٽم ٽمڪن ڏيئڙا، چؤنرن ۾ چمڪار،
جلوا ڏس جنسار، جوڙيائين جمال سين.

Gul Hayat Institute

****

اٿي آڌي رات جو اُپن ڏي تہ نهار،
ڪُلٌّ فِي فَلَكٍ يَسْبَحُونَ، ٿمڪن چُرن چوڌار،
هلائي هر هڪ کي، قوت ساڻ قهار،
سوچي منجھہ سنسار، ڏس ڪاريگر ڪاريگريون.

پنير ڪي ٻِ پَٽَ تي، اُٽا ڏنم اَڪَ،
پَرِ ٻِ پِيَمِ پَڪَ، واحد جي وجود جي.

شاهن سندو شاهہ، آهي پاڻَ الله،
ڪينَ جُڳائي ڪنهن کي، سَڏِڻُ "شهنشاهہ"،
پاڻ رسول الله، اهڙو حڪمُ هلائيو.

## وائي

والي واحد تون، مالڪ مون، آهيان تننجي آسري.
منهنجي آهي منَ ۾، تات بہ تون هين تون.. مالڪ مون.
پلپل توکي پارتون، جانبَ جڏڙِيءَ جون... مالڪ مون.
تندُنِ تارُن جي اندر، لات تنهنجي لُؤن لُؤن.. مالڪ مون.
ڏسي ميرو مَٽي ويا، پيارا پر ڪياسون.... مالڪ مون.
"ڪرم الله" ڪاڏي وڃي؟ توريءَ تنهنجي پُون... مالڪ مون.



## وائي

تنهنجي ٿي گهرجي، ٻاجھہ ٻاجهارا، هاڻ نہ لاهج هٿ.. ووالا.
تون ئي وارث واهر والي، ڏکيءَ کي ڏي آٿتُ... ووالا.
مون ۾ مدايون ڏوھہ ڏهاري، ڪونهي تني جو ڳٽُ.... ووالا.
نفس نياڳي آهي نهوڙيو نانگي کي هڻ نَٿَ..... ووالا.
"ڪرم الله" جو توکي پرتو سائين سارو سٿُ..... ووالا.

اهو اول اهو آخر، اهوئي سبحان،
ڪيڏي حڪمت ساڻ هي، جوڙيئين جڳ جهان،
پوءِ بہ ڪي نادان، ميڙ ڪان مُنڪر ٿيا.

مِٽِي پَرست مات ڪري، ٻُڌ هي منهنجو ٻول،
لاهہ هيين تان هول، مڃ واحد جي وجود کي.

سائِق بنا سُوٽُ، ڊُونڊي نا ڊِرڪِي،
گَنوَلُ ڪيئن مُرڪي، ريءَ سگهہ سر جٽهار جي.

ڊونڊي ٿي ڊُرڪي، قوت ڪِشتِيبَان،
هيڏو جڳ جهان، هلي ڪيئن حڪم ري.

ڏاها منهنجي ڏيهہ جا، مالڪ ڏي موٽ،
اڄ اجهي اسلام جي، تہ ڪفرَ ڪيريون ڪوٽ،
مالڪ ڏيندئي ووٽ، سَر هو هوندين سات ۾.

Gul Hayat Institute

سونهن پريو سنسار، سر جيندڙ سارا هيان،
حاڪمَ پنهنجي حڪمت سان جوڙا هي جنسار،
سو مالڪ سو مختار، جڳ انهيءَ جي آسري.

جوڙڻَ واري جوڙ جوڙي هن جهان جي،
ڳنوَل پاڻ نہ تڙيو ويهي ڪر ڪا ووڙ،
خلق لک ڪروڙ خالق آهي هڪڙو.

سهسين هن سنسار ۾، عجب جا اسرار،
جوڙيندڙ سي جوڙيا، جلوا هي جنسار،
سرجڻهارُ ستارُ نہ ڪر نفي ان جي.

سامي هي سنسارُ هڪڙِي حَد اندر،
سالڪُ ڪري سير ٿو ڏسي ڪوپ ڪپر،
ائين ناهہ اَمَرَ، جيئن تو پورا پانئيو.

جوڙيو هي جنسار هادي پنهنجي حڪم سان،
ڪري اَمُرُ ڪُن جو ڪيڙيئن ڪيڙڻهار،
پَرورَ پالڻهار ڪيئي ڪنول اپاريا.

خدمت ڪر تون خلق جي، خالق سيسُ نماءِ،
ايرنِ اياڻنِ ڪي، سيني ساڻ لڳاءِ،
تان تہ توتي ڪاءِ ٿئي مهر مالڪ جي.



مالڪُ ملڪن جو ڌڻي، سخي تون سلطان،
مون ۾ متايُنِ جي، ڳمي آهي ڪانَ،
راضي ٿي رحمان، ڍڪج ڍڪڻهار تون.

جيڪي ڪرين تون، والي تنهنجي وس،
إِنَّمَا أَمْرُهُ إِذَا أَرَادَ شَيْئًا، امر تنهنجو بس،
بندو هي بي وس، آهي تننجي آسري.

لَآ اِلٰـهَ اِلَّا الله جي، ٻولي ٻاجهہ پري،
مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله چئي، پوي دل ٺري،
وڃان شال مري، ڪلمو پڙهندي قبر ۾.

مِٽن مارُن مون، ڇورو ڏسي ڇڏيو،
رحيم رُس نہ تون، آهيان تنهنجي آسري.

اَجهو ڪونهي آسرو، ڇوريءَ تون ڇپَرُ،
تون ڏَيهہ سندو ڏاتر، آهيان تنهنجي آسري.

ڏسي حالُ حقير جو اچي ڪر امداد،
لُڪُون لاتعداد، ويرُون وڪوڙي ويون.

وِيرُن سندي وچ ۾، آهيان اڪيلي،
ٻاجهارا تو ٻانهپ جي، نڪ ۾ ناڪيلي،
ساٿ نہ سهيلي، اچي ڪر امداد تون.

Gul Hayat Institute

سُوالِيُن سندا سڏڙا، الله تون اگھاءِ،
من مُرادون مِڙنِ ڪي، مولا تون ملاءِ،
روئندن کي کِلاءِ، مالڪ پنھنجي مِهر سان.

مون تي موت مھل، قادر ڪجان ڪرم،
پڙھندي ڪلمو پِرت مان، ڏار ٿئي مون دم،
لاهي غم وهم، ڪج قبر ۾ سوجھرو.

اعليٰ تون عظيم، آءُ گندو منجھہ گناھ،
خالي جھليم جھولڙي، ڏٺي تو درگاھ،
هادي هٿ نہ لاھ، ”ڪرم الله“ تان ڪرم جو.

ماڙيءَ اڳيان منگتي، هنئي صدا سَينَ،
رحمت وارو رين، مالڪ آهي موڪليو.

ڏاڍو ڏيھ ڏُڪائِيو، هاري وينس هاڻ،
ڏاتر ڏي ڪو ڏاڻ، پنھنجي پرچائڻ سندو.

جنھن سان سرچينتون، سا مون ڳالھہ سُڻاءِ،
لوڪَ منھنجي لاءِ، ٻاري ٻارڻَ چڏيا.



# وائي

اَحدُ صمد الله، بي پرواھ،
ڪانَهئِي ڪاڻِ ڪھين سندي.

تنھنجو ڪو نہ شريڪ آ، واحد تون الله، بي پرواھ....
جوڙيئي جوڙ جھان جي، جلوا جمالُ الله، بي پرواھ....
اندر اسرار ٿيا، ڪيڏو ڪمالُ الله، بي پرواھ....
مُلڪن جو ڏٺي، توڪان سوا ٻيو ناھ، بي پرواھ....
اسان کي تو ڏنو هادي حبيبُ الله، بي پرواھ....
سُڻ سواليءَ سندا، سڏي ”ڪرم الله“، بي پرواھ....

Gul Hayat Institute

## محمّد موسيٰ محسن رضا چانڊيو

پنهنجي تون ڪر عنايت الله ٻاجهه وارا
مان آزيون ڪيان ٿو تون ڏوهه بخش سارا.

تون ڪارساز ڪل جو مشڪلڪشا سدائين
هر آس ٿو اگهائين حاجت روا سدائين
ربّ تار مشڪلاتون ۾ لاهه من مونجهارا

جيڪو مچي نہ توکي تنهن تي عطا بہ تنهنجي
داتا ڏٽي تون آهين سڀ تي سخا بہ تنهنجي
مان جهول هي جهليان ٿو پير مهر ساڻ سارا

قادر قدير مولا قدرت ڪمال تنهنجو
جنسار جوڙ جوڙين تن ۾ جمال تنهنجو
چمڪائين اُڀ ۾ وهوا هي چنڊ ۽ ستارا

تون قربدار آهين تون مهربان سائين
توکان گهرون پيا ٿا امن و امان سائين
اڄ مهرپلٽ پنهنجي صاحب سچا سهارا

پرواهه ناهي توکي تون بي نياز آهين
توکي نہ ڪاڻ ڪنهن جي بندهہ نواز آهين
"محسن رضا" سڏي ٿو پائي ڳچيءَ ڳارا.



## محمّد يوسف ميمڻ "يوسف حفيظي"

هي چنڊ ۽ تارا      ڏٽي تعاليٰ تنهنجا
هي سهڻا نظارا      ڏٽي تعاليٰ تنهنجا

آهن سمنڊ درياءَ      ۽ نديون بہ تنهنجيون
سين جا ڪنارا      ڏٽي تعاليٰ تنهنجا

آهيون ٻانها تنهنجا      مگر رنگ جدا ٿيا
آهيون سڀئي پيارا      ڏٽي تعاليٰ تنهنجا

چڙهيا آهن اُڀ تي      وسائج رحم سان
ڪڪر سڀئي ڪارا      ڏٽي تعاليٰ تنهنجا

جيون پيائي جڳ ۾      حفيظي چوي ٿو
اسان ڪي سهارا      ڏٽي تعاليٰ تنهنجا

Gul Hayat Institute

## مقصود احمد قاضي

تقاضائون ۽ اميدون، خلق توءِ رکي ساري
نہ ٿڪجين ٿو نہ رنج ٿين ٿو ڪڏھن ڪنھن بار تي باري

سچي مانڊاڻ ھڪ گفتي سان ٿي وئي مؤجزن آھي،
تنھنجي قدرت جي ”ڪُن“ جو آھي پکڙيل واس چوڌاري

قھر آڏو تنھنجي قاھر! صفت بيشڪ وڏي آھي،
مگر رحمان جا پيرو، گھرون رحمت سدا جاري.

اُبيٺا آھيون پيرن تي ھيءَ تنھنجي عنايت آ،
حمايت جي نہ ٿئي حاصل، تہ پونءِ پيي ٽِڙڪندڙ تاري

منھنجو ويڙھو نندو آھي، مگر پنجتن جي صدقيءِ،
مليا پنج جن ۾ ھڪڙي ڏيءَ ڏني ٿئي فاطمہ پياري

مھر مولي! مٿان ”مقصود“ ۽ ان جي پيارن تي
اگھائيءَ کان بچائي ناس ڪر دنيا مان ناداري



❋❋❋❋

مان زمين ھان تہ تون آسمان،
مان مڪان ھان تہ تون لا مڪان.

مان شڪست ھان تہ تون جيت آن،
مان جي موت ھان تہ تون جاودان.

مان وجود ھان، تون وجود ڪل،
مان خيال، سو ڪيئن تو بنان.

تون تہ حسن ۾ بہ مثال خود،
مان حسن پرست ڪو آتمان.

اي خدا! عظيم تون،
مان حقير ڪان بہ حقير ھان.



Gul Hayat Institute

# الله جبار آ

## منظور علي چوهاڻ "وفا"

مشڪل ڪُشا تہ هڪڙو الله جبّار آ
هر عيب پڻ ڍڪيندڙ سو ربّ ستّار آ.

دنيا جا پرجهلاءِ مشڪل ڪشا چڏي،
لاري لڳو انهي جي، جيڪو قهار آ.

منٿا اجا ئي پٽڪين ٿو در ٻين جي تون،
بگڙي بہ هو سنواري، ڏاتار يار آ.

سارو ٿئي عمل چٽ، بدعت ۽ شرڪ سان،
جڳ ۾ سدائين رهندو، ماڻهو خوار آ.

ربّ کي تہ بس وڏائي، سونهين پئي سدا،
حقدار ڳالهہ جو مولا غفّار آ.

پٿرا نياڻيون سڀ، ربّ پاڪ ٿو ڏئي،
مالڪ اهوئي سڀ جو خالق جبّار آ.

ماري بہ پاڻ مالڪ، جيئاري پڻ ٿو هو،
ڪل نفس موت ڏيندڙ ربّ مختار آ.

جيڪو "وفا" عقيدو سهڻور کي هتي،
ساٿي انهي جو هردم پروردگار آ.



يا الاهي! پاڻ کي تنهنجو کپي هردم ڪرم،
ناتوان انسان آهيون، ڪر سدا پنهنجو رحم.

تون ئي خالق، تون ئي مالڪ، تون ئي حاجت سڀ جو آن،
سو رڪان ٿو مان عقيدو، جوئي بهتر آ اتم.

ايشيا يورپ هجي يا ڪنڊ سيئي يا ربّ رحيم،
ساري ڌرتي جو تون الله، تنهنجو آ عرب و عجم.

تون ئي تون دل ۾ هجين بس ۽ ذڪر تنهنجو هجي،
دل منجهان سارا ختم ڪج، وسوسا ۽ سڀ وهم.

ذات تنهنجي کي وڏائي، سا تہ سونهين خوب ٿي،
ٻي نہ ڪنهن کي ڳالهہ پئي هي، بس جڳائي ٿي صنم.

هو اڪيلو مٿ نہ ڪو اولاد ان جو ڪو هتي،
ذات باري آ جلالي، ٻاجهہ واري پڻ ڏٿم.

بخشين ٿو گلن ۾ خوشبو ڏيهہ ۾ مالڪ مٺا،
تنهنجو هر هڪ شيءِ ۾ جلوو جمال اعليٰ اُتم.

ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سچ ڪو سڪون ناهي "وفا"
روز افزون ظلم آهي، ڪونہ ٿو ڏسجي ڪم.

Gul Hayat Institute

## منظور علي ملڪ ”منظور“ متيائي

او منهنجا خدا مان ٻه تنهنجو ئي ٻانهون
وچا ڪنهن جي در تي پڇي ڪير توکان

اگهائيون سگهائيون مڙئي منهنجا سائين
ڪرين معاف جيڪر پڇي ڪير توکان

هجي ڪير ڪيڏو ٻه چالاڪ هتڙي
دنيا کان لڪائي لڪي ڪير توکان

تو عزت ۽ دولت، صحت جي ورهاست
ڪئي جا ٻه تو آ، رُسي ڪير توکان.

اٿئي حال سارو اڳيان تنهنجي سائين
نٿو وڏ رحم ۾ سجهي ڪير توکان

تون ”منظور“ جون هي دعائون اگهائي.
سيئي ڏوهه ڏاهين پڇي ڪير توکان.



## منورالدين درس ”مير منور“

رازق تون، رحمان تون، بيشڪ پلو پڳوان تون،
هندو، مسلم، سک، عيسائي هر ڪنهن جو نگهبان تون.

1۔تار مان ٻيڙي ڪير ٿو تاري
ماري وري ٿو ڪير جيئاري
موسيٰ سان ڪرين مدمقابل فرعون ۽ هامان تون.

2۔ آزر جا بت ڪيئن پڇائيئي
بهشت مان آدم ڪيئن پڇائيئي
ڪک ڪنڊ تي ڪئي جنهن هئي عبادت سوئي سڏين تون

3۔ مريم کي ڪيئن پٽ پيدا ٿيو
يعقوب کان ڪيئن يوسف جدا ٿيو
عرش تي عشق جي آتش آٽي ٿئين مرسل جو ميزبان تون

4۔ پنج سالن جا پهه پيو پڇائي
بيڪس بيچارن کي پيو نچائي
”مير“ اهو سو مالڪ آهي، نادار ۽ نادان تون.

Gul Hayat Institute

❊❊❊❊

مالڪ تون مهربان
اوکھڙا ٿورا ڳائي ڳايون

1۔ ان الانسان سري وانا سِره
چئي ڇڏيئي چوگان

2۔ ڪڻ ڪڻ تي ڏسان تنهنجي ڪماليت
داناءُ ڪرين نادان

3۔ پن پن مان آوازا اچي ٿو
صاف سچو سبحان

4۔ ڪو ته سنڀالي ڪو نه سگهي ٿو
ڪوئي ماني لاءِ پريشان

5۔ ڪنهن کي پارائين پٽ پشمينا
ڪوئي انگ اگهاڙو انسان

6۔ مسجد، مندر، گرجا گم سُم،
هر روح ۾ رهي رحمان.

7۔ ”منور“ موهيو مورت ان جي
سا جوڙ سندي سبحان



## مولا بخش ڪوسو

1۔ يا اللهؒ يا اللهؒ تون آباري بخشڻهار،
مير محمّد ﷺ صدقي راضي ٿي ربّ ستّار

2۔ آدم کي بخشئي ربّ جنهن جوان جي صدقي
ان محبوب جي صدقي لاهه گناهن جا بار

3۔ پيٽ مڇي ۾ يونس توکي پڪاريو پرور
ورد پڙيا دانهن ٻڌئي ڏيهن جا ڏاتار

4۔ حضرت ابراهيم خليل توڪل ڪيو توسائين تي
تنهنجي رحمت سان ٿيو نار فثافث گلزار

5۔ ”ڪوسي مولابخش“ مٿان مهر نظر ڪر مولا
نيڪ عمل ناهي ٻيو آهيان نبي جو حبدار

ul Hayat Institute

## آغا نادر علي شاھ ”مضطر“

تنھنجي رحمت جو ڪنارو ڪونہ آھي اي ڪريم
ناھي ھن ناچيز جو توڪان سواءِ ڪو اي رحيم.

آھين ربّ العالمين تون ئي خدائي ذوالجلال،
تنھنجي رحمت جو نہ ڪاٿو آھي ڪو قادر ڪريم.

ٿيس گھڻو حيران پريشان، مضطرب ٿي دل سندم،
ڪو وسيلو ناھي منھنجو تو سوا رازق رحيم.

غرق ٿيس سارو گناھن ۾ ٿئي ڪنھن پر نجات
پر ٿيان مايوس ڇو جو نالو تنھنجو ٿيو رحيم.

تنھنجي رحمت جا ڪڪر مون تي وَسن شام و سحر
بارگھہ مان تنھنجي ملندو مون کي پڻ فوزاً عظيم

آل احمد جا عدو حقدار لعنت جا ٿيا،
سي ئي سڙندا رھندا محشر تائين از نار جحيم

جام ڪوثر خلد ۾ گھر بھرِ خاتون جنان
ڏيندين محشر ۾ مون کي تون ئي اي ربّ ڪريم

آءُ خطاڪار آھيان پر آھيان عزادار حُسين
ڪيئن وجي خالي ھٿين در تان سندءِ ”مضطر“ سقيم.



## فقير نانڪ يوسف

دردي ھون صاحب ربّ دي، اڄ نہ ڪلھہ ڪئون ڪب دي
دامن پڪڙي اصلوئن اس دي، سانچي سخن قلب دي
دين دنيا دا غرض نہ مئن نون، طالب عشق طلب دي
ڪم فقر دي آپ ڪريندي، سھڻي جوڙ سبب دي
”نانڪ يوسف“ ازلون ھان مئن، طالب شاھ عرب دي

لڳڙي لئون عشق الله دي، سانون پير مغان شھ شھ دي
مئن مشتاق جھين دي ڪيتي، ڪرسي مھر نگھہ دي
ڏاڍا دل نون چيٽڪ لايس، پال پريتئون پھہ دي
جو سردار ساري عالم دا، لئي تس لاڄ سپھہ دي
دردمندان عشاقان نون ھي، ڪل برھہ قھہ قھہ دي
”يوسف“ يار دي دردؤن نالان، عشق ڪري ان حد دي

Gul Hayat Institute

## نصرالله ”ناز“ مهر

هر چيز فنا ٿيندي، ربّ توکي بقا آهي،
هڪ ذات صرف تنهنجي، هت رهڻي خدا آهي.

تعريف ڪجي تنهنجي، تعريف جي لائق تون
ان ۾ ئي رکيل ساري، ربّ پاڪ رضا آهي.

انعام ڏئي مالڪ، تون سڀ کي نوازين ٿو
هر ڪنهن تي مٺا سائين، تنهنجي ئي عطا آهي

هر چيز مٿان هادي، ٿو حڪم هلي تنهنجو
موجود ڪرم تنهنجو، هر ڪنهن تي سدا آهي

پرور تون اسان جو آن، مخلوق اسان تنهنجي
مخلوق سندي لب تي، خالق جي ثنا آهي

جاڏي بہ نظر ڦيري، ٿو ”ناز“ ڏسي توکي
الله اسم تنهنجو، دردن جي دوا آهي



## رئيس نواز علي ”نواز“ انڙ

وحده لاشريك له        له الملك وله الحمد
اهو ئي سيڪاريو آ،        مٺي مير محمّدؐ
۽ قل هو الله احد        اهو ئي ڪلام الله جو آ

وحده لاشريك له،        وائي جن وات
سهڻن تن ماڻهن جي،        کهڙي ڪجي بات
پرهہ ڦٽي پرڀات،        خوش رهندا خدا ڪري.

پنهنجو ويهي پاڻ سين،        ڪيم ويهي ويچار
ڏک سکن جي سونهن ٿيا،        عجب آ اسرار
پر دلين جو قرار،        آهي نانءَ اللهؓ ۾.

اول نانءُ الله جو،        بس ويهي ورد ڪجي
ايندي مدد الله جي،        تيسين تر سجي
ايئن پيو ڪجي،        هردم نانءُ الله لاءِ.

هردم نانءُ الله جو،        نہ ويهي ويساريج
پاڻي اُهو پيار جو،        روح کي پياريج
هستي ميسارج،        اول نانءُ الله لاءِ

Gul Hayat Institute

لاالــہ الاالله، چئي گذاريو جن وقت
ٻنهي جهانن ۾، چڙ سنوريو تن جو بخت
تڏو هجي يا تخت، پرواهہ تن نہ ڪائي ڪا

وحدہٗ لاشريڪ لہٗ ۽ قل هو الله احد
پر مالڪ شفاعت جو، اڻو منو مير محمّد
۽ ورد الله صمد، اٿوَ پڪار پرين پنهنجي وجود جي

وحدہ لاشريڪ لہٗ، اٿوَ وحدت جي وائي
عمر جي آخري گهڙي، اجها سا آئي
ڏوڙ تهڙي ڇائي، جي وڃايو سين وقت هي





## نور محمد جسڪاڻي

دل جو مالڪ جانِ جو مالڪ
تون ئي جڳ جهان جو مالڪ

توئي بنائي ڌرتي آهي
تون آهين آسمان جو مالڪ

گل ۽ ٻوٽا توئي اُپايا
تون ساري گلستان جو مالڪ

تنهنجو ورد ڪري ٿي هر شيءِ
تون ئي دل درمان جو مالڪ

نورمحمد جسڪاڻي چئي ٿو
تون ئي دين ايمان جو مالڪ



Gul Hayat Institute

# فنا في الله ج

## حاجي نور محمد شاهه "نورل"

### ١ـ مناجات در درگاهه مجيب الدعوات
(تضمين بر مناجات عربي)

١ـ ڏي مونکي منّانَ مالڪَ صبر ۽ ساڃاهه سيل،
دين ۽ ايمان جو بخشئيم پڻ بهرو جزيل،
بيڪسي هن بي نوا جي، هيءَ قبولج قال قيل،
"خذ بلُطفِک يا الاهی منُ لهُ زادٌ قليل،
مُفْلسٌ بالصِّدُقِ ياتی عندَ بابک يا جليل".

٢ـ نفس امّاري کنا آزادگي ڏي يا عليم،
۽ عَدو ابليس کان ڏي رستگاري يا رحيم،
عَفو ڪر عِصيان عاصي جا ڪرم سان يا ڪريم،
"ذنبه ذنبٌ عظيمٌ فاغفرِ الذِّنبِ العظيم،
انَّه شخصٌ غريبٌ مذنب عبدٌ ذليل".

٣ـ عمر ڪي اسراف مڙئي مفت مون منجهه صرف و نحو
من مداين لاءِ ماندو مست ۽ مشتاق محو
وقت واويلا وڃايم منجهه لچائي لعب و لهو
"منه عصيانٌ وَّ نسيانٌ و سهوٌ بعد سهو
منکَ احسانٌ و فضلٌ بعدَ اعطاءِ الجزيل".



٤ـ آهيان عاصي آسارو بيشتر بدڪار بد،
مون مثل ماڻهو نه هوندو ڪو پيو ڪوجهي قصد،
نفس نافرمان ڪئڙس راهه روڪي راه رد،
"قالَ يا رَبِّ ذُنوبِي مِثُل رملٍ لَّا تُعدّ،
فَاعُفُ عَنِّيُ کُلَّ ذَنُبِ فاصفح الصَّفُح الجميل".

٥ـ پاپ کان پاسو ڪري پروردگارا پهر پل،
ڪين ڪئڙم هاءِ حاصل ڪان حياتي فيض ڦل،
ان عبث افعال کان آهيان خداوندا خجل،
"کيف حالی يا الاهی ليس لی خير العمل،
سوءِ اعمالی کثيرٌ زاد طاعاتی قليل".

٦ـ اي رؤفا راحما اي مهر بانا منعما،
اي ڪريما ڪارسازا اي الاها ارحما،
سقر جي سختيءَ سهڻ جي ناهه مون ۾ ڏر ڏما،
"قل نارا بردی يا ربّ فی حقی کما،
قُلت قُلُنا نار کونی انت فی حق الخليل".

٧ـ يا خدا ڪونسي ڪريل شيطان ساڻم شامتي،
نفس ناڳي جي نهايت دشمني مون سان متي،
ظالمن ڏيئي ضرر ڪئڙوم زخمي زحمتي،
"عافنی من کل داءٍ فاقض عنّی حاجتی،
انّ لی قلباً سقيما انت من يشف العليل".

Gul Hayat Institute

٨_ اي ڏڻي ڪر دل منهنجيءَ کان درد ۽ اندوهہ دور،
ڏي ڪڻم ڏاتار ڏوڻو سک سراهي ۽ سرور،
ميٽ مديون مون سنديون غفران پنهنجي سان غفور،
”انت شافی انت کافی فی مهمّات الامور،
انت ربّی انُت حسبی انُت لی نعم الوکیل“.

٩_ جو امر ۽ نهيءَ ۾ مونکان ٿيو خاوند خلاف،
سو مهابي مصطفيٰ ﷺ جي ڪر مونکي موليٰ معاف،
قادرا ڪر قلب منهنجي کي سياهي کان تہ صاف،
”هب لنا ملکا کبیراً نجّنا مما نخاف،
ربنّا اذا انت قاضی والمنادی جبرئیل“.

١٠_ واهبا مونکي وثائج واٽ محڪم مستقيم،
لهر لوڏي کان لنگهائج ساٿ مون ثابت سليم،
ڪج ڪڻم تون جنّة الماويٰ جي ماڙين ۾ مقيم،
”ربّ هب لی کنز فضل انت وهّابٌ کریم،
اعطنی ما فی ضمیری دُلّنی خیر الدّلیل“.

١١_ ”نور محمد“ کي عطا توّاب ڪر توبہ نصُوح،
اڻ ڪثو انعام ڪر تون فضل پنهنجي سان فتوح،
پاڻ ڏي پرور پچائج ساڻ رحمت سندس روح،
اين موسیٰ اين عيسيٰ اين يحيٰ اين نوح،
انت يا ”صديق“ عاصی تب الي المولی الجليل“.



(٢)

(1) خدا وندا خطائن ۾، سجهايم هيءَ عمر ساري،
ٻڏل کي ٻاجهہ جي ٻوليءَ، ڏني ”لا تقنطوا“ تاري.

(2) ٻچو ٻيڪس آهيان جي بد نہ پنهنجي رحمِ کان ڪر رد،
تنهنجي بخشيش جا بيحد جڳن ۾ جالَ جَرَ جاري.

(3) نہ هوندا جي گندا غافِلَ ڏنگا ڏوهي نِڪم نامِلَ،
هجن ها ڇَٽَ ڇَمَر ڇپيل تنهنجي بخشيش جا باري.

(4) نہ توري ٻيو سندم صاحب وسيلو واهرو واهِبُ،
طرف تنهنجي تڻي تائب ڪري آزي عفو واري.

(5) مهابي ۾ محمّد ﷺ جي مهابي آل امجد جي،
مونکي مولا معافي ڏي ڪريان ذوالفضل ٿو زاري.

(6) نہ ڪر ڊپ ”نور محمد“ تون رحم رب جو ڪري موجون،
پڙهيو جن ڪوڙمان ڪلمون سَيان ناهِن شرمساري.

Gul Hayat Institute

(۳)

خداوند توکي جڳائي خدائي،
ٻين تنهنجي ٻانهپ جي ٻولي ٻولائي.

(۱) مڙن جو تون مالڪ، مڙن جو تون مولا،
ٻيا تنهنجا ٻانها گدا خاص گولا،
سِڀ سين تو در نيازان نمائي.

(۲) تون خالق مڙئين، ٻيا مخلوق تنهنجا،
تون رازق مڙئين، ٻيا مرزوق تنهنجا،
ڏٺيم تو دران ٿئي، سين جي سٺائي.

(۳) آهين احڪم الحاڪمين يا الاهي،
بقادار بيشڪ تنهنجي بادشاهي،
ويندا ٻيا ويچارا، وڃائي وڏائي.

(۴) آهي ڪير تُنهنجي عُدولي اطاعت،
ڪري ڪين توڙان، تڙيو تُنهنجي طاعت،
ڪندو تنهِن ڪُڏي ڪي تڪبّر توائي.

(۵) ڪرم ڪمترن سان، ڪيا تو جي قادر،
ڪنا ذڪر تنهنجي زبان ڪُندُ قاصر،
ڳُٽيو ڳڻ ڳڻيندي ويچاري سا وائي.



(٦) پَسي پاپ پاپين سدا پاڪ پرور،
ڏِڪائين نه تن کي دران پنهنجي داور،
وڙاتا ولهن سان ڪرئين وڙ وفائي.

(۷) ڇا سيرا ڇا ايرا، سنڀالئين سڀئي،
نوازئين نماڻا، ڏوڙا ڏانَ ڏيئي،
بُرن برگزيدن سان ڪرئين ڀلائي.

(۸) تون آگو اسان جو، اسين عبد تنهنجا،
منجهان هيج هر هر ڪريون حمد تنهنجا،
ذڪر تنهنجو ذاتي، سيني جي صفائي.

(۹) اسان کي عطا ڪر تون هادي هدايت،
هدايت جي هر دم گهرون ٿا حمايت،
ضلالت جي دردن جي ڏي ڪا دوائي.

(۱۰) الاهي آهن تنهنجون اعليٰ عطائون،
خطا پوش ڪَم تون ڪريل جون خطائون،
نشانبر نه ڪر تون "نورل" جي نِلائي.



Gul Hayat Institute

(۴)

(١) مٿي جيڏي ڪٺي مضبوط ڪاهي،
ڪٺم قابو ڪري رڻ ۾ ٿيا راهي.

(٢) مٿن بوجو هَوَس جو ۽ پري بارُ.
ستي سر تان ڪنئي سڄڻن تہ ساهي.

(٣) نہ هلندي حال هي پڇيو پيارن،
تہ توڪي آهہ اڄ فرحت يا ڦاهي.

(۴) بنا الڪي ۽ اوسيڙي عزيزن،
مڏي منهنجي وي و هلو وراهي.

(۵) سواءِ تنهنجي سڀاجها ربّ سائين،
نہ اڄ آهيم ڪو وارث ۽ واهي.

(٦) مڙن مان ٿي نراسو ”نور محمد“،
وٺي آيو وٺئي رب رو سياهي.

(٧) تڙيندي جي ڪٺم توّاب تون پڻ،
تہ ٿي مون لئي تباهيءَ تي تباهي.

(٨) سٺي ”لا تقنطوا من رحمة الله“،
عفو جي آس آندم يا الاهي.

(٩) وگر نہ مون جهو هوندو نہ هرگز،
بندو بدڪار غافل گند گناهي.

(١٠) محابي مصطفيٰ ﷺ جي ميٺ مولا،
ڪميني جي ڪرم سان ڪل ڪوتاهي.



(۵)

(١) ميڙ آندم اسم تنهنجو تو اڳيان،
جو اسم تنهنجو غني غفار آهہ.

(٢) آهہ از حمد عفو ۾ اميدوار،
گرچہ گولو بيشتر بدڪار آهہ.

(٣) ڪئن ڪندين عصيان منهنجا آشڪار،
نام سهڻو تو سندو ستار آهہ.

(۴) تو چيو ”لا تقنطوا من رحمتي“،
تنهہ مٿي تڪيو سندم تقرار آهہ.

(۵) ‘يغفر الله الذنوّب جميعها’
عاصين جي شان ۾ اظهار آهہ.

(٦) ”نور محمد“ ڪي نهايت هن نويد،
از قدم تا سر ڪيو سرشار آهہ.

(٧) لاءِ مون ‘لا تقنطوا’ سهڻو ثمر،
سربسر سڀ ڪان صدر صد بار آهہ.

(٨) يا ڏٺي ڪر منهنجي دشمن کي دفع،
جو تہ پٺيو برسرِ پيڪار آهہ.

(٩) ڪر مدد محتاج جي يا مستعان،
حال هيڻي جو زياده زار آهي.

Gul Hayat Institute

(١٠) هانوَ ڪامن حاسدن جا منجهہ حسد،
سخت جن ۾ ساڙ جو ستڪار آهہ.

(١١) ڪين تو ڪيني ڪنان ورچي و لهو،
ساڙ ٿيو سڙيل سندو سينگار آهہ.

(١٢) تو ڏني ڏاتار مونکي ڏات جا،
تنهن مٿي ڦورو ڪئي ڦرمار آهہ.

(١٣) يا تہ ڪر دل نرم تنهنجي يا نعيم،
ميڻ جئن ماڪيءَ جي منجهہ مانار آهہ.

(١٤) انتظاريءَ ڪان اندر آزاد ٿيو،
هاڻ هٿيو بيوسي تان بار آهہ.

(١٥) مون نماڻي ”نور محمد“ جي ندا،
اڄ اگهي ديّان جي دربار آهہ.

(١٦) هر هڪي تي حڪم هنجو ٿو هلي،
ڪو نہ ڪنهن کي ان ڪنان انڪار آهہ.

(١٧) خوف ڪر خلاق جو بيڪس بندا،
لا ابالي جنہ سندي سرڪار آهہ.

(١٨) ڇڏ هيا هٺ ڪي تون هيٺو ٿي هليج،
ڪيم ڪڻ گرُ، قادر قهّار آهہ.



## نوشاد پروين گل درس

تنهنجي ذڪر ۾ رُڌل هجان مان
تنهنجي فڪر ۾ فنا ٿيان مان
تنهنجي ثنا پئي ڪريان ذڪر تنهنجو ڪريان مان
لَاۤاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ۔ لَاۤاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ
حق لَاۤاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ۔ لَاۤاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ

جيڏانهن ڏسان ٿي تون ئي تون آهين
تنهنجي نور سان روشن جهان آهي
نور سان نور مليو، محمّد پيدا ٿيو، ذڪر تنهنجو ڪريان مان
لَاۤاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ۔ لَاۤاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ
حق لَاۤاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ۔ لَاۤاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ

تنهنجو قرب هجي حاصل مون کي
تنهنجي رحمت جي سائي ۾ هجان مان
سجدي ۾ تنهنجي هجان ذڪر تنهنجو ڪريان مان
لَاۤاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ۔ لَاۤاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ
حق لَاۤاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ۔ لَاۤاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ

ونحن اقرب تون آهين
ديدار تنهنجي ۾ ”نوشاد“ هجي،
فنا في الله ٿيان، بقا بالله ٿيان، ذڪر تنهنجو ڪريان مان
لَاۤاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ۔ لَاۤاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ
حق لَاۤاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ۔ لَاۤاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ

Gul Hayat Institute

**

منهنجي وجود کي آئينو بڻاءِ مولا
نگاهه قلب کي جلوه نما سجاءِ مولا

چشم توحيد ۾ غوطه زن رهان
منزل حق تي تون رساءِ مولا

تنهنجي بندن جي دردن جو درمان بڻجان
مسيحا ڪو اهڙو مون کي بناءِ مولا

منهنجو نگهبان محبوبِ خدا بڻجي
اهڙو قسمت جو ستارو چمڪاءِ مولا

تنهنجي خيال کان خالي هجي نه خيال منهنجو
خيالن ۾ اهڙو ديپ جلاءِ مولا

گذرندي وڃي زندگي رائگان منهنجي
شمع هدايت دل ۾ جلاءِ مولا

تنهنجي مرضي سان ئي بيدار آ سارو عالم
منهنجي ضمير کي به ننڊ مان جاڳاءِ مولا



آهي شوق مون کي مدينو ڏسان مان
مديني جون گهٽيون تون گهماءِ مولا

بلاشبه تنهنجي قدرت جي وسعت آ لامحدود
نظر قلب جي وسعت وڌاءِ مولا

ڪاش ملي وڃي مون کي ربّ جو عرفان
نور جي وسعت دل ۾ سماءِ مولا

آهي "نوشاد" جي آرزو سدائين ڪرم جي پنهنجي
مخدوم طالب المولىٰ تي ڪر نگاهه مولا

Gul Hayat Institute

## آغا نياز مگسي

مٺــي ربّ پــاڪ جــو نــالو وٺــڻ افضــل عبــادت آ
ڪــلام پــاڪ ڪـي ســمجهڻ پــڙهڻ افضــل عبــادت آ

جهــانن ۽ زمــانن جــو اهــو مالــڪ اهــو خــالق
ثنــا ان جـي ســچي دل ســان ڪــرڻ افضــل عبــادت آ

فقــط ان تــي توڪّــل ســان تــہ ٻيــڙا پــار ٿينــدا هــن
خــدا جــي پــاڪ نــالي تــي مــرڻ افضــل عبــادت آ

رزق روزي رســا ســپ جــو حيــاتي مــوت وس ان جــي
ٻچــي ٻـارو ڪـري ان ڪــان گهــرڻ افضــل عبــادت آ

ڪڏهن هن در ڪڏهن هن در نہ ٿي گمراهہ تون بنــدا
خــدا جــي ئي فقــط در تــي جهڪــڻ افضــل عبــادت آ

گنــاهن ۽ خطــائن ڪــان ســچي دل ســان ڪــري توبــہ
خــدا جــي راهــہ تــي ”آغــا“ هلــڻ افضــل عبــادت آ



## ولي محمد ”ولي“ هنگورو

(١)

اول الله جـــي پڙهـــون، ســـيئي ســـاراهہ ســـبحاني،

آهـــي قـــدير هـــو قـــادر، جـــوڙي جـــوڙون جـــابر،
آهـــي هـــر جـــاءِ حاضـــر، پڙهـــي ڏس قـــول قرانـــي

زمينـــون آســـمان ســـارا، بنـــايئين ســـج چنـــڊ تـــارا،
ڪـــري اُپ ۾ ڪڪـــر ڪـــارا، آهـــي هـــي راز رحمـــاني.

رســـائي رزق ٿـــو رازق، آهـــي مڙنـــي ســـندو مالـــڪ،
خلـــق خلقـــي آهـــي خـــالق، ٿيـــو ســـيني ســـندو بـــاني.

ڪئـين محبـوب پنهنجـو پيـارو، محمـدﷺ ميـر موچـارو،
جـــنهن جـــو عـــرش ۾ اوطـــارو، ”ولـــي“ ســـو نـــور نـــوراني.



Gul Hayat Institute